
سومرن
جي دور
جا سورما
دادا سنڌي

# سومرن جي دور جا سورما

## دادا سنڌي

سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد سنڌ
1989ع

ڪمپوزنگ : قاسم سومرو

ڊجيٽل ايڊيشن:

2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

(ڪتاب جا حق ۽ واسطا بورڊ وٽ محفوظ آهن)

ڪتاب جو نالو: سومرن جي دور جا سورما

ليکڪ : داداسنڌي

موضوع : سنڌ جي تاريخ

ڇپجڻ جي تاريخ : ڊسمبر 1989ع

ڳاڻيٽو: هڪ هزار

ڇپائيندڙ : سنڌ تحقيقي بورڊ، حيدرآباد سنڌ

ڇپيندڙ: اين . ڪي . پريس گاڏي کاتو حيدرآباد ، سنڌ.

# انتساب

سنڌ جي سورهيه سپوت، شهيد الله بخش سومري
جي نالي.

سي جيءَ جيارا ماڻهو ها، سي سڀ کان پيارا ماڻهو ها،
جن ساھ ڏيئي ويساھ ڏنو جي دل ۾ درد دکائي ويا.
(اياز)

**دادا سنڌي**

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”سومرن جي دور جا سورما“** اوهان اڳيان پيش آهي. هن ڪتاب جو ليکڪ ناميارو تاريخدان ۽ محقق **دادا سنڌي** آهي. نياز همايوني لکي ٿو:

”سومرن جو دور، اهو سٽريل دور آهي جنهن ۾ سنڌين کي تهذيبي قدرن سان گڏ، قومي غيرت ورثي ۾ ملي. انهيءَ عظيم قومي ورثي جي ڪري اسان جي قومي هيرن ۽ سورمن جي ساک توڙي سچائي، اسان لاءِ قومي علامت جي حيثيت رکي ٿي. اسان جي پياري دوست دادا سنڌي سومرن واري دور جي سورمن تي جيڪا محنت ڪئي آهي سان سندس قومي جذبي ۽ حب الوطنيءَ جي نشاني آهي.“

هي ڪتاب 1989ع ۾ سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري دوست محمد قاسم سومري جا جنهن ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڄاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## فهرست

1. مهاڳ 7
2. سنڌ جي شناس: نياز همايوني 9
3. ٻه اکر 13

**ڀاڱو پهريون**
(الف) تعارف 18
(ب) خانداني پس منظر 19
(ٿ) سياسي قوت ۽ تخت نشيني 31
(ج) انتظامي امور ۽ سماجي جوڙجڪ 31

**ڀاڱو ٻيو**
(الف) تعارف 36
(ب) دودي چنيسر جي ڳاله جو پس منظر 38
(ٿ) دودي چنيسر جي ڳاله جي تاريخي غلطين جي ڇنڊ ڇاڻ 41
(ج) سومرن جي دور جا سورما 46

1. **مرد سورما** 48
دودو سومرو، ننگر سومرو، هاسو سوڍو، ڄام ابڙو، ساهڙ سومرو
ممٿ ابڙو، جاڙيجا حاڪم ، ويرم پاهوڙ، ٻيا سورما.

2. **عورتون سورميون** 58
ٻاگهل ٻائي، شهزادي ڪوئل، ساران بيگم، ٻيون سومريون راڻيون

**ڀاڱو ٽيون**
(الف) سومرن سورمن جي شهادت ۽ تاريخ جو سبق 67
(ب) سومرن جي روايت ۽ سنڌي ادب جي سجاوٽ 72

## مهاڳ:

سنڌ سونهاري، سوين سورهيہ سروبچ ۽ سالار پيدا ڪيا آهن، جن پنهنجي جنم ڀوميءَ جي بقا، سالميت، آزادي، خودمختياري، قومي وقار ۽ عزت نفس لاءِ سِر ڏيئي سدائين پاڻ کي سرخرو ڀئي رکيو آهي. هنن تاريخ جي هر دور ۾ مٿين خصوصيتن لاءِ وڏيون وڏيون قربانيون ڏنيون. سِر، ساهہ سرير، مال، زر، ٻار ٻچا قربان ڪيا پر پنهنجي نَڪ کي مَر نہ لاتائون. هو مرندا مري ويا پر ڌارين جي غلامي نہ قبوليائون. جيئرا هئا تہ سامهون آيا. سِر تي آئي تہ ڪنڌ نہ ڪيايائون پر سِر ڏيئي سرها ٿيا. سنڌ جي هر حڪمران خاندان ۾ اهڙا فرد ملندا رهندا جن جا نالا هن ڌَس ۾ ڀئي پراڻا نہ ٿيندا ۽ ايندڙ نسل لاءِ اهي قابل فخر بہ آهن تہ قابل تقليد بہ. سنڌ جي اهڙن سورهيہ خاندان مان "سومرا خاندان" بہ هڪ آهي جنهنجو ٻچو ٻچو ساڻيہ جي سِڪ جي سُرڪ پيتل هو ۽ ملت (قوم) جي محبت جي مئي چکي، سر ۽ ساهہ جي پرواهہ نہ ڪري تاريخ ۾ پاڻ کي امر بڻائي ڇڏيو.

سومرن جو دور تاريخ جي لَٽ ۾ ليٽيل رهيو آهي ۽ ڪيترين ئي تاريخي غلطين افسانوي داستانن، من گهڙت قصن ۽ هٽ ٺوڪين روايتن سنڌ جي عظيم تهذيبي ۽ تمدني دور کي جيڪو ساڍن ٽن سَون سالن تي مشتمل آهي، صرف لوڪ داستانن ۽ طويل افساني تائين محدود رکيو آهي پر تاريخ شاهدي ڏئي ٿي سنڌ جو هي دور سونهري ۽ رنگين دور آهي. ڇا رزم ۾، ڇا بزم ۾، ڇا ادب ۾ ڇا شاعري ۾، ڇا ثقافت ۾ ڇا تمدن ۾. جيڪڏهن تاريخ مان هن دور کي ڪڍي ڇڏينداسون تہ سنڌ جي تاريخ ڪجسي، ڦِڪي ۽ ٻُسي نظر ايندي. اسين هن ڪتاب ۾ هر غلطي جي تحقيقي ڇنڊ ڇاڻ ڪري سومرا خاندان جي ڏنل قربانين جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي.

هيءَ حقيقت آهي تہ سومرن جو دور اهڙي قسم جو آئينو آهي، جنهن ۾ موجوده دور جو عڪس نظر اچي ٿو. هن دور کي سامهون رکي ان جي اولڙي ۾ جهاتي پائينداسين تہ اسان کي پنهنجا عيب ۽ ثواب نظر ايندا، جن جو مان اشارتاً اندرين صفحن ۾ ذڪر ڪيو آهي. سومرا سوڍا سِر ڏيئي، اسان کي زندهہ رهڻ جا گُر سيکاري ويا. عزت، غيرت، قومي وقار، حب الوطني، صبر ۽ استقامت اهي خاص خوبيون ۽ خصوصيتون آهن، جيڪي هنن اسان کي سيکاريون ۽ ان دور جي هر فرد ۾ اهي نظر اچن ٿيون. سومرا، جيئن تہ اصلي ۽ نسلي لحاظ کان سنڌي هئا تہ سندن حڪومت بہ قومي دور، خودمختيار ۽ آزاد حڪومت جو دور هو ان ڪري هن زماني ۾ سنڌي تهذيب جا جملي آثار ملن ٿا جن جي هنن سوڍن رت جو ريج ڏيئي آبياري ڪري سندن هيڪار سان اسان کي معطر ڪيو. هاڻي اسان جو هي

قومي فرض آهي تہ سومرن جي دورِ حڪومت جو تفصيلي اڀياس ڪريون ۽ سنڌي تهذيب ۽ سنڌي قوم جي دشمن مورخن، جيڪي من گهڙت ڪهاڻيون ٺاهي هنن سومرن جي تاريخي ۽ شجاعتي ڪارنامن کي ملياميٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، تن کي ڪوڙو ۽ هٺ ٺوڪيو سمجهي ڀلائي ڇڏيون ۽ پنهنجن محسنن جي قربانين کي ياد ڪري پاڻ ۾ انهن جهڙو جذبو ۽ شعور پيدا ڪري ديس ۽ ديس واسين جي خدمت ڪرڻ سان گڏ قومي وقار، خانداني غيرت ۽ نسلي برتري کي سامهون رکي احساس بالاتري پيدا ڪري هن سنگلاخ زمين تي قدم رکي پنهنجي وجود کي بقا ۽ دائميت بخشيون.

داد لغاري

18 جولاءِ 1989ع

**دادا سنڌي**

## سنڌ جي شناس

سنڌ جي تاريخ جنهن مصلحت لاءِ لکي وئي آهي تنهن سان اسان جي قومي حق جي ڪابہ وڪالت نٿي ملي. ان هوندي بہ ايترو ضرور آهي تہ انهيءَ مان اسان کي "قومي برتري" جو پلي پت احساس ٿيڻ لڳي ٿو.

اسان جڏهن تاريخ طاهريءَ ۾ اهو پڙهون ٿا تہ "دودو سومرو ايترو تہ ظالم هو جو ماڻهن جي ڪلهن تي زوري ڏنپ ڏيڻ جي رسم شروع ڪئي هئائين." اوڏي مهل هڪدم اسان جي غيرت جوش ۾ اچي ٿي تہ "دودي جهڙي وطن دوست سورمي تي ايڏو الزام ان جي قومي ڪردار کي داغدار ڪرڻ لاءِ مڙهيو ويو آهي." (اهو تجربو مون کي تاريخ طاهريءَ جي ترجمي دوران ٿيو. ڏسو تاريخ طاهري، سنڌي ترجمو ص نمبر 57 سنڌي ادبي بورڊ)

انهيءَ الزام جو اصل مقصد بہ اهوئي هو تہ دودي جهڙي جڳ مشهور سورمي کي ظالم ظاهر ڪري سنڌن مخالفن جي سفاڪيءَ تي ڍڪ ڏنو وڃي تہ هو خدا جا نيڪ بندا، عدل انصاف جو جامو پائي، خلق جي دانهن ڪوڪ ورنائڻ لاءِ اچي سنڌ تي ڪڙڪيا هئا. اهڙن سفاڪن لاءِ قرآن شريف ۾ هڪ هنڌ اشارو ڏنل آهي تہ "جڏهن انهن کي فساد ڪرڻ کان روڪيو ويو تہ هنن وراڻيو اسان تہ سڌارو ڪرڻ وارا آهيون."

سومرن جو دور، اهو سڌريل دور آهي جنهن ۾ سنڌين کي تهذيبي قدرن سان گڏ قومي غيرت ورثي ۾ ملي. انهيءَ عظيم قومي ورثي جي ڪري اسان جي قومي هيرن ۽ سورمن جي ساک توڙي سچائي، اسان لاءِ قومي علامت جي حيثيت رکي ٿي. اسان جي پياري دوست دادا سنڌي سومرن واري دور جي سورمن تي جيڪا محنت ڪئي آهي سان سندس قومي جذبي ۽ حب الوطنيءَ جي نشاني آهي. هن کان اڳ انهي دور جي سورمن تي ڇڙوڇڙ مواد ملي ٿو جنهن ڪري طبيعت جي تاس نٿي لهي. پڙهندڙ جو شوق تڏهن پورو ٿئي ٿو جڏهن ان کي پنهنجي پسند پيل شخصيت بابت، هيڪاندو مواد ملي وڃي ٿو. دادا سنڌي مختلف ڪتابن تان مواد جي چونڊ ڪري، ان کي پنهنجي جذبي جي سيبتائيءَ سان سنواري، اهڙي نموني ڪتابي صورت ڏني آهي، جو پڙهڻ سان، حب الوطنيءَ جو ايمان تازو ٿي وڃي ٿو.

سنڌ جي باري ۾ لکڻ لاءِ وڏي جاکوڙ جي گهرج آهي. ڇاڪاڻ تہ ان بابت ڏارين ٻولين ۾ گهڻي مواد سان گڏ اهڙيون عجيب ڳالهيون بہ مطالعي هيٺ ايندڙيون رهن ٿيون، جن تي اُمالڪ اندر مان

پاراتو پڌرو ٿئي ٿو. مثال طور، گجرات ۾ سانڊيل هڪ تاريخي ڪتاب ۾ لکيل آهي ته مرزا شاهه بيگ ارغون سنڌ جو غاصب بڻجي جڏهن چڙهائي ڪري آيو ته دريا خان ساڻس مهاڏو ڏنو. شاهه بيگ ان سان پڄي نه سگهيو. آخرڪار قرآن شريف وچ ۾ آڻي، دوکي سان دريا خان کي شهيد ڪري سنڌ تي ڏاڪو ڄمايائين. (ظفر الواله بمظفر والد عبدالله بن محمد بن نهرواني)

اها حقيقت پڙهڻ سان اسان کي انتهائي سرهائي ٿئي ٿي. ان ڪري جو سنڌ ۾ لکيل تاريخي ڪتابن جي روايت مطابق، دريا خان کي ارغونن، دوکي بدران طاقت تي شڪست ڏني هئي. جا ڳالهه اسان جي مايوسيءَ جو باعث رهندي آئي.

هاڻي هڪ عجيب ڳالهه پيش ڪجي ٿي.

1986ع ۾ آءٌ ڀارت جي دوري تي هڪ سرڪاري وفد سان خدا بخش لائبرري (پٽنه) جي سيمينار ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ويس. اتفاق سان هڪ ڏينهن ڪتب خاني جي ڪلارڪ اڳيان هندوستاني رسالي جا پراڻا پرچا پيل ڏٺم جن کي اٿلائيندي پٿلائيندي هڪ هنڌ ”ديهاتي گيت“ نالي مضمون تي نظر پيم. ان ۾ سنڌي گيتن بابت لکيل هو ته:

”سنڌي گيتن ۾ ڪي گيت ان دور جي ياد ڏيارين ٿا، جڏهن عربن سنڌ تي پنهنجي ڏاڪ ڄمائي هئي. هڪ سنڌي ڇوڪري جڏهن گرفتار ٿي، عربن وٽ اچي ٿي ته اوپرن ماڻهن ۾ گهبرائڻ ٿي لڳي. هوءَ پنهنجي گهر لاءِ بي قرار آهي. سو هاڻ ڏسو ته ڪهڙي طرح ”حضرت عمري“ کي انصاف لاءِ الاهون ٿي ڪري ۽ توڪ نموني ڪيس دڙڪا به ڏيندي ٿي وڃي:

- مان تنهنجي ريشمي وڳن کي ڇا ڪنديس، جڏهن ڪان هتي آئي آهيان، مونکي پنهنجا پد ۽ پهنوار ياد اچن ٿا. رکي رکي پيرُن پٽڻ لاءِ دل پئي تانگهي. مان ريشمي ڪپڙا نه پهريناديس، نه وري بخملي بستري تي سمهنديس. مونکي بُت ڍڪڻ لاءِ سوٽي ڪپڙا کپن.

اي عمر!

جيڪڏهن، تو مونکي انصاف ڪري، گهر پهچايو ته مان تنهنجي ساک ساراهينديس ٻي حالت ۾ توکي بدنام ڪنديس“ (ماهوار رسالو هندوستاني ج 13 اپريل 1943ع ص 52 کان 186 تائين اظهر علي فاروقي.

هن مان اڳيان ٽڪرو پڙهي، جتي روح کي راحت رسي ٿي، اتي ٻيو ٽُڪرو پڙهڻ سان، دل مان ڏڪار ٿي نڪري ته، مضمون نگار سنڌ جي لوڪ ادب کان وڌيڪ پنهنجي هوش عقل سان ڪيڏو ويل وهائي چڪو آهي. ان حالت ۾ اسان کي پنهنجي جاکوڙ سان، جتان ڪٿان مواد هٿ ڪري هڪ

طرف قومي تاريخ مڪمل ڪرڻ گهرجي ته ٻئي پاسي غلط مواد کي ڇنڊ ڇاڻ سان درست ڪري، ڏارين کي ڏيکاريو وڃي ته اصل حقيقت هيءَ آهي. سنڌ جي سورمن جي واکاڻ به تڏهن صحيح نموني ٿي سگهي ٿي ته سنڌ جي شناس به ان حالت ۾ پيدا ٿيندي جڏهن اسان، سنڌ جي جامع مواد لاءِ، جتن ڪنداسين.

اسان وٽ مصيبت اها آهي ته هر سهڻي شيءِ کي جيڪا قومي قدرن جي ترجماني ڪري ٿي ڦيرائي گهيرائي بي معنيٰ بڻائي ٿا ڇڏيون.

تاريخ ۾ ٽيپو سلطان کي "جنگ آزادي" جو هيرو ڄاڻايو وڃي ٿو ته ٻئي پاسي خود مسلمان طبقي ۾ اهو نالو ڪُتي تي رکيو ٿو وڃي. انهيءَ کان وڌيڪ "قومي حجاب" تي ٻيو کهڙو خضاب ٿي سگهي ٿو. سنڌ ۾ عام چوڻي آهي ته "دودو ڏوڙ چنيسر ڇائي" ان کان مٿي قومي غيرت تي کهڙو داغ ٿڪي ايندو؟

هتي جيڪڏهن قومي تهذيب ۽ غيرت کي ڏٺو وڃي ته درحقيقت، ننڍي وڏي طبقي ۾ هڪ ئي حال نظر ايندو ۽ انهيءَ حال جو اسان جي آئيندي تي جيڪو اثر پوندو سو نهايت اندوهناڪ هوندو. ان ڪري ضروري آهي ته اسان پنهنجي قومي ورثن کي سانڍي سنڀالي اهڙي طرح پڙهندڙن اڳيان آڻيون جيئن لال به لِڪي ته پرت به رهجي اچي.

ڪتن کي ٽيپو نالو ڏيڻ يا دودي کي ڏوڙ سمجهڻ واري قوم ڪڏهن به قومي منصب ماڻي نٿي سگهي. "قومي تاريخ" کي عام آڏو دهرائڻ جو خاص مقصد اهو ئي آهي ته اسان ماضي جي ڪسر ۽ ڪوتاهيءَ تي سوچينديءَ، آئيندي جي اڏاوت ڪريون جيڪا هر لحاظ کان پڪي ۽ پختي هجي، جنهن کي ڪوبه طوفان اُڏائي نه سگهي. سعدي چواڻي ته:

خشت اول چون نهد معمار کج،

تاثر يا مي رود ديوار کج.

"يعني جيڪڏهن ڪاريگر پهرين سِر سڌي ڪري نه رکندو ته اها پٽ عرش تائين ويندي به ڏنگي رهندي"

مرزا جاني بيگ جڏهن اڪبر جي گماشتي خان خانان سان سڄو سال جنگ جوٽي، پڇاڙيءَ ۾ پنهنجن جي غداريءَ سبب شڪست ٿو کائي ته نظربند ٿيڻ کانپوءِ پنهنجي حال تي سوچيندي چوي ٿو ته:

تخم ديگر به کف آريم ويکاريم زنو.

آنچ کشتیم زخجلت نتوان کر درو.

يعني ”جيڪڏهن اسان کي وري پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيڻو آهي تہ نئون بج ڇٽي ان جي ڦل مان ڪجھ حاصل ڪرڻو پوندو. باقي هي جيڪو پوکي چڪا آهيون، تنهن مان ڪا هڙ حاصل شيءِ ناهي سواءِ ڦڪائيءَ جي.“

اسان کي نئين سر قومي قدرن جي اڏاوت ڪري سنڌ سنوارڻي پوندي ۽ نئون بج ڇٽي، اُن مان ڪي داڻا اپائڻا پوندا. اهو سڀ ڪجھ صرف قومي تاريخ جوڙڻ سان پلئہ پئجي سگهي ٿو.

مان وري بہ واڌايون ٿو ڏيان دادا سنڌيءَ کي جنهن هي قومي شاهڪار قلمبند ڪري نہ صرف وڏڙن پر ننڍڙن کي بہ سجاڳي ۽ ساڃاھ جو سڏ ڏنو آهي. هن ڪتاب سان سندس ماڻ انهن قومي غيرت کان عاري ادبي جمعدارن جي پيٽ ۾ مٺاهون ليکجي ٿو جيڪي عيسائيت جي تبليغ لاءِ چئن ڏوڪڙن جي لالچ تي ”ٻارن جو مسيح“ جهڙا ڪتاب منظر عام تي آڻي سنڌ جي نئين نسل کي گمراھ ڪندا رهن ٿا.

**نياز همايوني**

24- 10- 1989ع

# پيش لفظ

"سومرن جي دور جا سورما" سنڌ تحقيقي بورڊ جي لائق ميمبر، سنڌ جي تاريخ تي کوجنا ڪندڙ محقق، محترم دادا سنڌيءَ جو لکيل ڪتاب، سنڌ جي تاريخ سان دلچسپي رکندڙ دوستن جي اڳيان آهي. جيڪو ڪتاب "سنڌ تحقيقي بورڊ" جو سنڌ جي تاريخ کي گڏ ڪرڻ ۽ ڇپائڻ جي سلسلي جو ڇهون ڪتاب آهي.

"سنڌ" جي سموري تاريخ تي لکڻ جي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ ته اڄ تائين، اسان سامهون سنڌ جي تاريخ جو ڪوبه پهلو چڱي نموني اجاگر نه ٿي سگهيو آهي. اسان جي سموري تاريخ تي صدين جي گَرُ چڙهيل آهي. اُها اڃا مڪمل نه لکي ويئي آهي. عربي حڪومت جي ختم ٿيڻ کان پوءِ "سومرا قوم" جو هن ملڪ تي راڄ قائم ٿيو جيڪو راڄ "سنڌ" سنڌ تي ٽيل سمورن راڄن واري عرصي کان تمام گهڻو هو- ۽ افسوس ته ان صدين تي پکڙيل پنهنجي نِج سنڌي راڄ تي به اسان وٽ تاريخ موجود ناهي.

سنڌ جي سومرا قوم (قبيلي) بابت اسان جا محقق اڃا تائين رڳو اهو اتفاق نه ڪري سگهيا آهيون ته سومرا قوم (قبيلو) اصل نِج سنڌي قوم آهي يا عربي نسل سان واسطو رکندڙ آهي. ڪو ان کي هندو راجپوت ثابت ڪرڻ لاءِ مٿو وينو هڻي ته ڪو عربي نسل مان ظاهر ڪرڻ لاءِ پيو رنڊا روڙي ۽ هر هڪ وٽ وري پنهنجا پنهنجا دليل آهن. تاريخ جي موجود نه هجڻ ڪري، ان نموني جون غلط فهميون پيدا ٿينديون آهن. اسان وٽ اڃا ڪا اهڙي کوجنا يا تحقيق به نه ٿي سگهي آهي، جيڪا مستند ۽ قابل قبول هجي ۽ ان تي سمورن محققن اتفاق ڪيو هجي.

هيستائين جيڪا مستند تاريخ ڇپجي ميدان ۾ آئي آهي، ان ۾ به ڪو سلسلو ناهي. ڪا به ڪڙي ڪنهن به ڪڙيءَ سان نٿي ملي. اسان جي محقق طرفان ايڏي محنت نه ٿيل آهي. صدين جي عرصي جي تاريخ گم آهي. سومرن ڪهڙي نموني حڪمراني ڪئي، سنڌ جا ڪهڙا سومرا حڪمران هئا، انهن ڪيترو عرصو سنڌ تي راڄڌاني ڪئي. اها صحيح ڄاڻ ڪونهي ۽ سومرين ڳالهين تي اسان کي ڪابه معلومات ميسر ناهي. سنڌ مان عربي حڪومت ختم ٿي ته نج سنڌي قوم حڪمران ٿي. ظاهر آهي ته ان لاءِ سومرا قوم کي، سنڌ تي نج پنهنجو راڄ قائم ڪرڻ لاءِ وڏا جهد پٽڻا پيا هوندا. ڌارئين راڄ کي ڊاهي، پنهنجو راڄ قائم ڪرڻ کانپوءِ ان کي ڪيترن مرحلن مان گذرڻو پيو

هوندو. ڪهڙين ڪهڙين ڳالهين ۽ معاملن ڪي منهن ڏيڻو پيو هوندو. ڪيتريون جنگيون ۽ ويڙهيون ڪرڻيون پيون هونديون. انهن صدين تائين جيڪا سنڌ تي حڪمراني ڪئي، ان بابت ڪوبہ احوال موجود ناهي، باقي زور وجهي رڳو ان دور تي بيٺو آهي جڏهن هڪڙو سومرو ”چنيسر“ سنڌ سان غداري ڪندي ڏارئين حڪمران علاؤالدين خلجيءَ کي وٺي سنڌ تي ڪاهي آيو ۽ اچي پنهنجا مارايائين ۽ ان وقت، ان ويڙهہ ۾ سنڌ جي سومرن، سنڌ ۽ نج سنڌين جي حڪمرانيءَ جي بچاءَ لاءِ وڏيون چوٽون کاڌيون. رڳو ان عرصي بات کي جهلڪيون موجود آهن، باقي ان کان اڳ وڏي عرصي تي پکڙيل حڪمرانيءَ بابت ڪجھ بہ موجود ناهي. اها بہ ڳاله طئہ نہ ٿي سگهي آهي تہ سومرن حڪومت ڪيترو عرصو ڪئي ۽ ڪهڙو حاڪم ڪيترو عرصو حڪمران رهيو. افسوس تہ ان دور بابت ڪوبہ خاص ڪتاب موجود ناهي. سومرا دور، جيڪو سنڌ تي حڪمرانيءَ جو سڀ کان وڏو دور هو ان بابت اسان وٽ اهڙو ڪوبہ احوال موجود ناهي، جنهن مان اسان ان دور بابت ڄاڻي سگهون ان عرصي بابت جيڪي ڪجھ موجود آهي اهو بہ گهڻو ڪري ڏند ڪٿائن، لوڪ آکاڻين ۽ قصن ڪهاڻين تي مشتمل آهي. جن سورمين ڪڙين کي گڏي، جيڪڏهن اسان تحرير ڪريون تہ ممڪن آهي تہ ان عرصي جا ڪي پهلو اجاگر ٿي پون.

سنڌ جي ادب، شاعري ۽ تاريخن ۾، جيڪي بہ، جنهن بہ دور بابت ذڪر موجود آهي اول ان کي ويهي هٿ ڪجي ۽ ڪڙيون ڪڙين سان ملائجن. اختلافي ڳالهين تي مذاڪرا ڪرائڻ گهرجن، بحث مباحثا منعقد ڪرائي، سنڌ جي تاريخ تي ڇڙهيل صدين جي لَٽ لاهڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي، جنهن جي اشد ضرورت آهي.

دادا سنڌي، پڻ ان طرح جي محنت ڪري سومرن جي دور بابت هڪ چڱو ڪتاب ڏئي سگهيو آهي، جيڪو يقيناً اسان جي تاريخي مواد ۾ چڱي جاءِ ماڻيندو. ان هوندي بہ اهو افسوس ضرور رهندو تہ هيڏي ساري عرصي بابت اسان کي مواد رڳو هڪ سؤ صفحن جيترو ملي سگهيو آهي. حالانڪ ان لاءِ تہ سوين ڪتاب بہ ٿورا آهن پوءِ بہ صفا ڪوٺ هئڻ جي حالت ۾ ڪِي تہ تحرير ٿيو ۽ ڇپيو. باقي سلسلو بہ ڪڏهن نہ ڪڏهن، اهڙن ماڻهن جي محنت ۽ لگن سان ملي ويندو ۽ سنڌ جي تاريخ تي وڏو مواد اچي ويندو. جنهن مان ايندڙ محقق ۽ عالم، فائدو حاصل ڪري سگهندا _ ۽ نئين سِري سان ڪا تاريخ تحرير ڪري سگهندا.

سنڌ جي تاريخ کي سموهڻ ۽ ڇپائڻ جي سلسلي ۾ ”سنڌ تحقيقي بورڊ“ پورو هڪ سال (1989ع) محنت ڪئي آهي ۽ ان هڪ سال جي عرصي ۾ ڇھ ڪتاب ڇپائي سگهيو آهي. جيتوڻيڪ اهو انگ ڪو ايڏو وڏو ڪونهي تڏهن بہ اميد افزا ضرور آهي.

سنڌ جي تاريخ لاءِ "سنڌ تحقيقي بورڊ" جيڪو پروگرام ناهيو آهي، اُن جي پورائي ۽ مڪمل ٿيڻ لاءِ رڳو ڪو هڪ فرد يا ڪي فرد ناهن پر اهو سمورن سنڌين جو ذمو آهي ته هو پنهنجي تاريخ جي سلسلي ۾، مٿن عائد جوابدارين کي پورو ڪرڻ جي سلسلي ۾ اسان سان سهڪار ڪن.

اِها ڳاله ڪندي به سرهائي ٿيندي ته "سنڌ تحقيقي بورڊ"، سرڪار يا ڪن ٻين ادارن يا ماڻهن جي مدد ڪانسواءِ اڪيلي سر انهن ذميوارين کي هٿ ۾ ڪنيو آهي ۽ انشاءَالله ان سلسلي ۾ "سنڌ تحقيقي بورڊ" اڳتي هلي شانائتو ڪم ڪري ڏيکاريندو. اسان ان سلسلي ۾ اڳ ۾ به پنهنجن پائرن کي سنڌ جي تاريخ بابت، عرض ڪندا رهيا آهيون ته هو اسان سان سهڪار ڪن. پر ڏک اٿئون ته اجا تائين اسان فقط واجهائيندا رهيا آهيون پر پلئه ڪي به ڪين پيو اٿئون.

"سنڌ تحقيقي بورڊ" سنڌ جي سمورن عالمن ۽ محققن کي هڪ ڀيرو ٻيهر گذارش ٿو ڪري ته هو سنڌ جي تاريخ تي قلم کڻن ۽ اسان کي پنهنجا شاهڪار روانا ڪن. اسان انهن کي شايع ڪندي فخر محسوس ڪنداسين. ان سلسلي ۾ جيڪڏهن اسان کي پراڻن اڻ لڀ ڪتابن جون فوٽو ڪاپيون پڻ موڪليون وڃن ته اسان کي اهي پراڻا اڻ لڀ ڪتاب ڇپرائيندي به ساڳي خوشي ٿيندي.

ان ڪانسواءِ، سنڌ جي تاريخ تي انگريزي، عربي ۽ فارسيءَ ۾ پڻ ڪيترا ڪتاب موجود آهن، اسان انهن جي ترجمي لاءِ به گذارش ڪنداسين جيڪڏهن اسان کي، ڪنهن به تاريخي ڪتاب جو ترجمو (جيڪو ڪتاب سنڌ جي تاريخ بابت هجي) ٿي پهتو ته اسان ان کي به ڇپرائيندي فخر محسوس ڪنداسين.

اسان کي خاطري آهي ته اسان جي ڪيل گذارشن کي ماڻُ ملندو ۽ اسان جا محقق ۽ عالم، اسان سان سهڪار ڪندا۔

**ٽنڊوالهيار** **۔ نازسنائي**

22 ڊسمبر 1989ع

# پاڳو پهريون

# الف- تعارف

تواريخي طور تي عجم جي قومن ۽ ملڪن ۾، سنڌ ۽ هند کي هڪ ٻئي کان ڌار تهذيبون ۽ ملڪ ڏيکاريو ويو آهي. جاگرافيائي طور تي، هتان وهندڙ "درياهہ سنڌ" دنيا جو ستون نمبر درياهہ آهي. ان ڪانسواءِ هن ملڪ جون سرحدون، ٽن اهم سمنڊن سان لاڳاپيل آهن. جنهن ڪري زراعتي ۽ تجارتي طور تي، دنيا جي بحري توڙي بري، شاهراهہ هن جو چوسول پئي رهيو آهي ۽ نتيجي ۾، سنڌ جي جاگرافيائي شاهوڪاري، دنيا جي هر فاتح لاءِ ڪشش ۽ ڇڪ جو سامان پئي مهيا ڪيو آهي. ان ڪري هن ديس تاريخ جي وهڪرن ۾ گهڻا ئي لاها چاڙها پئي ڏٺا آهن. ۽ ان سان گڏ سياسي، سماجي ۽ اقتصادي تبديلين ۽ حالتن هتي ڪڏهن خوشحالي تہ ڪڏهن قحط واري صورتحال کي پئي جنم ڏنو آهي. هتان جو معاشرو، تهذيب جي جن مختلف مرحلن مان گذريو آهي، تن ۾ سومرا دور کي وڏي اهميت حاصل آهي، ڇاڪاڻ تہ عرب راڄ کان پوءِ سڀ کان پهريون ڀيرو، سومرن ئي سياسي سگهہ حاصل ڪري، ڌرتي ۽ راڄ تي، پنهنجي حڪمراني قائم ڪئي هئي، ۽ قومي رياست جو پايو وڌو. سنڌ اندر، عرب آبادگارن ۽ افغان قبضي جي خلاف جيڪا عوامي جدوجهد هلي رهي هئي، تنهن جي قيادت سومرا ڪري رهيا هئا. هن جدوجهد جا ٻہ رخ آهن. هڪ تہ ڌارين جي قبضي خلاف قومي آزادي حاصل ڪرڻ ۽ ٻيو نظرياتي طور تي، قومي ثقافتي بنيادن تي تنگ نظريءَ کان پاڪ رياست قائم ڪئي. تاريخ ۾ هميشہ ائين ٿيو آهي، تہ جيستائين مظلوم قوم يا طبقي، پاڻ کي، ظالم قوم يا طبقي کان نظرياتي يا ثقافتي طرح علحده نہ ڪيو آهي، تيستائين ظالم جي خلاف ڪامياب سياسي جنگ نہ لڙي سگهيو آهي. جنگ جيڪڏهن ڪٿي ٻہ آهي تہ، ان جا نتيجا صحيح ڪونہ نڪتا آهن. سومرن انهيءَ ڪري نظرياتي طرح، پاڻ کي عربن ۽ افغانن کان الڳ رکي، پنهنجي قومي جدوجهد هلائي ۽ آخرڪار ڪاميابي حاصل ڪئي. اهوئي سبب آهي جو سومرا دور سنڌ جي تاريخ جو اهم ترين ٿنڀو پئي رهيو آهي. ان ڪري سنڌ جي اڪثر رومانوي داستانن، ڪوپائي ڪٿائن ۽ شاعريءَ جو تمام گهڻو حصو ٻہ هن ئي دور سان لاڳاپيل نظر اچي ٿو. (سومرن جي دور جو سياسي، سماجي ۽ اقتصادي تجزيو. عبدالله مگسي سہ ماهي مهراڻ 2- 1979ع ص نمبر 64)

سومرن جي دور جون هي چار خصوصيتون، ان کي سنڌ جي تاريخ ۾ ٻين مڙني دورن کان اهم ۽ منفرد بڻائين ٿيون.

**الف:** اسلام کان پوءِ اهو پهريون مقامي اقتدار جو دور هو.

**ب:** سنڌ جي تاريخ ۾، ايڏي طويل زماني تي پکڙيل ٻيو ڪو به دور نه رهيو آهي.

**ج:** سنڌ ادب ۽ زبان جون بنيادي روايتون هن دور ۾ پيدا ٿيون آهن ۽

**د:** تاريخ جي ٿوري ئي مواد سان اهو دور سنڌ جي شان ۽ آسودگيءَ جو دور ثابت ٿيو. (دودو دلير ـ شمشيرالحيدري ـ نئين زندگي جون. جولاءِ 1970ع ص نمبر 177) سنڌ مان، سنڌ جي مورخن جو مقصد سنڌ جي بي نظير ۽ لاثاني تهذيب ۽ ثقافت آهي. جنهن به قوم جي ثقافت گم ٿي ويجي، ته پوءِ اها قوم، تاريخ جي ورقن ۾ قوم نٿي سڏي سگهجي. قوم جي وجود ۽ بقا لاءِ ان جي تاريخ، تهذيب، ادب ۽ ثقافت کي زنده رکڻو ٿو پوي، سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت جو بنياد هيٺين ڳالهين تي آهي: سنڌ جي ڌرتيءَ سان اٿاهه محبت، مهمان نوازي، ڪشاده دلي، دوستي ۽ وفاداري، سخن جي سچائي، غيرت، حجاب، پاڙي جي لڄ، در آئي خون بخشڻ، پسن ۽ پيرن، ڪپڙن ۽ ڪنياتن تي فخر، انهن جي پيٽ ۾ پٽ پٽيهرن کي تيڄ پائڻ وغيره. (اهي ڏينهن اهي شينهن ـ پاڳو پهريون. پير علي محمد راشدي.)

ڏسڻ ۾ ايندو ته سومرن پنهنجي دور ۾، سنڌي قوم جي هن تهذيب جي جملي اراڪين کي سالم رکڻ لاءِ ڪوششون ڪيون. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي تاريخ ۾ سومرن جي حڪومت جو دور انفرادي حيثيت جو حامل آهي. هن زماني ۾ سنڌ جي تهذيب، تمدن، ادب ۽ ڪلچر، جيڪا ترقي ڪئي، اها تاريخ جي ورقن ۾، سونهري اکرن ۾ لکي ويندي. سنڌ جا رومانوي قصا ۽ رزميه داستان، هن دور جا لافاني يادگار آهن. عمر مارئي، ليلا چنيسر، مومل راڻو ۽ دودو چنيسر، هن زماني جا اهي تمدني ۽ ادبي پهلو آهن جن کي سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ وڏو مقام حاصل آهي. هنن ئي قصن ۽ داستانن سنڌ ادب ۾ هڪ تغير، تبديلي ۽ انقلاب آندو، جنهن ڪري سنڌي شاعري رومانوي ۽ رزمي طرح؛ وڏي فضيلت حاصل ڪئي. مقامي حڪمرانن جي مضبوط مرڪز سبب؛ مقامي ماڻهن جو ڌيان ٻين مسئلن طرف وڌيو. امن امان ۽ سک سلامتيءَ جي ڪري، مختلف معرڪن ۽ ڪچهرين جو رواج پيو. مقامي راڳ رنگ ۽ شعر و شاعري جو شوق وڌيو. اهڙين ڪچهرين جا سرواڻ سالڪ ۽ سگهڙ هئا. ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو:

"هن نِج سنڌي ماحول ۾، ماڻهن جو توجه اندروني مسئلن ۽ معاملن طرف وڌيو. ملڪي آزاديءَ سببان، ماڻهن جا ذهن ڪليا ۽ حاڪمن ۽ سردان جي ڪچهرين ذريعي مقامي قصن، ڪهاڻين، عشقيه داستانن ۽ ٻين خاص واقعن جي پهت پچار شروع ٿي. سنڌ جي عام مقبول ڪهنن قصن ۽ عشقيه داستانن جي عنوان تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته، انهن مان گهڻن جو بنياد سڌو، سومرن جي دور واريءَ سرزمين ۾ لڳل نظر ايندو. (سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ. ص نمبر 54)

ساڳي طرح هڪ ٻيو تاريخدان ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تہ:

“هن دور ۾ مسلمانن جي پهرين وطني حڪومت جو بنياد پيو. سياسي مرڪزيت سبب ڏکڻ- اوپر سنڌ ۽ سنڌ- ڪڇ سرحد، سومرن جي حڪومت جي خاص اثر ۽ طاقت جو مرڪز بڻيون. ۽ انهيءَ ڪري، مرڪزي ايراضيءَ ۾، سنڌي ٻولي پڪڙي. عربي ٻوليءَ جو رواج ختم ٿيو ۽ ان جي جاءِ تي فارسي جو بنياد پيو. پر حاڪمن ۽ عام ماڻهن جي ٻولي سنڌي سنڌي هئي. سنڌي زبان باقائدي لکي ويندي هئي. ان ڪري سنڌ ادب لاءِ هي بنيادي دور هو ۽ ان تي ئي، سنڌ ادب جي پيڙھ ٻڌل آهي. هن دور جي هر خصوصيت، هر مضمون، هن کان پوءِ ايندڙ هر دور ۾ بنيادي حيثيت رکن ٿا.” (سنڌي ادب سومرن جي دور ۾- ڊاڪٽر غلام علي الانا. نئين زندگي- فيبروري- مارچ 1972ع)

مطلب تہ سومرن جو دور تاريخي لحاظ کان، سنڌ جو سونهري دور آهي. محترم راڄ محمد پلي لکي ٿو تہ: “سومرا چڱا ديسي حاڪم هئا. هيءَ قوم باعزت حڪمران بہ رهي ۽ حڪومت کان پوءِ بہ هيءَ قوم سُکي ۽ ستابي، مالدار ۽ خوشحال، بهادر ۽ چڱين قومن ۾ شمار ٿيندي رهي. وعدي جا پڪا، عزم جا پختا، پهلوان ۽ جوڌا جوان بہ سومرن مان ٿيا، تہ عاشق مزاج ۽ اربيلا، جاهل ۽ ظالم، زورآور ۽ جبرا، وطن دوست ۽ ملڪ دشمن، خود پسند ۽ خدا پسند بہ سومرن ۾ ٿي گذريا. دودو ۽ چنيسر، خفيف ۽ عمر، ڏونگر ۽ ٻونگر جهڙا هن قوم جا مشهور ۽ ناليرا بهادر حاڪم ۽ عزم جا پختا، غيرتمند، مجاهد ۽ سورما ٿي گذريا آهن.” (صوفي صادق فقير- راڄ محمد پلي- سہ ماهي مهراڻ 1-2/ 1965ع ص نمبر 245) هن مان صاف ظاهر آهي تہ سومرا خاندان جو هر فرد پنهنجي مخصوص ڪردار جي ڪري، خود سنڌ جي تاريخ جو هڪ ورق آهي ۽ ان جي ڪارنامن جو اڀياس ڪرڻ، سنڌ جي تاريخ جي مطالعي ڪرڻ جي برابر آهي.

## (ب) خانداني پس منظر

سومرن جي ذات پات ، اصل نسل ۽ خانداني پس منظر تي ، اونداهي جا پردا چڙهيل آهن، ۽ مورخن جا مختلف رايا ۽ نظريا آهن ۽ اهي بہ هٿ ٺوڪيا، ۽ ذاتي خيال، جن ۾ ڪا بہ سچائي يا تاريخي حقيقت، ذري ماتر بہ نہ آهي. ۽ اهو صرف ان ڪري، جو هي وطن پرست، قومي غيرت ، سياسي قوت ۽ ملڪي وحدت لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ ، سنڌي قوم هئي. سنڌ جي تاريخ ۾ ائين ٿيندو رهيو آهي، تہ جنهن بہ قوم يا فرد ۾ ذري برابر نہ قومپرستي جو لاڙو رهيو آهي، تہ پنيان ايندڙ درٻاري مورخن انجي تاريخ ۽ ڪردار کي ميٽڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي تہ جيئن ايندڙ نسل کي پنهنجي شاندار تاريخي روايتن کان پري رکجي. اها تاريخ جيڪا منجهن وطن پرستي، انسان دوستي، قومي غيرت ، شجاعت ۽ جوانمردي جو روح ڦوڪي ، انجي ڪيس ڪا بہ ڄاڻ نہ رهي، ۽ اهو نسل پوءِ ، واري جي پٽن ۾ رلندو ۽ پٽڪندو رهي. پر هي حقيقت آهي تہ تاريخ کي هٿ ٺوڪين ، مصنوعي ۽ بناوتي ڳالهين جي غلافن ۾، هاڻي لڪائي نہ ٿو سگهجي ، ڇاڪاڻ تہ هي سائنسي دور آهي ۽ تاريخ بہ سائنسي طريقي سان لکجي رهي آهي.

جيتريقدر سومرن جي اصل نسل جو تعلق آهي، هن وقت ان لاءِ ٽي مڪتب فڪر آهن. ڪي مورخ کين ، عرب نسل سان ڳنڍي عرب مان سنڌ ۾ امپورٽ ڪري تاجي پيٽي مسلمان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ڪي کين سميري سڏي سامي تهذيب جو باني سڏين ٿا. تہ ڪي وري کين هتان جو اصلي باشندو چون ٿا. هٿ مختصر طور انهن ٽنهي نظرين جو جائزو پيش ڪجي ٿو.

**( الف) پهريون نظريو :** ـ (1) سومرا قوم، سامرہ جي عربن مان آهن. اهي ٻي صدي ھہ ۾ ، عرب جي تميم قبيلي مان ، گڏجي سنڌ ۾ آيا. تميم عباسي ان دور ۾ سنڌ جو والي هو. ( مير علي شير قانع ٺٽوي ـ تحفتہ الڪرام ج 3 سنڌي ترجمو ص نمبر 95 ) (2) سومرا عرب نسل جي قوم آهي ۽ اها قوم خلجي گهراڻي جي دور تائين ، سنڌ ۾ موجود هئي. ( تاريخ سنڌ – پاڱو ٽيون – عبدالله عبدالغني ص نمبر 96) (3) تميم 111 ھہ ۾ هشام بن عبدالمالڪ جي زماني ۾ ، سنڌ سنڌ جو گورنر هو. تنهنجو اولاد، بني تميم، جڏهن چوٿين صدي ھہ ۾ خليفي مامون جي ڏينهن ۾ ، سامرہ شهر کان لڏي سنڌ ۾ آيو ۽ ساڻن اتان ٻئي هڪڙي عرب قوم بہ سنڌ ۾ لڏي آئي ، جنهن پوءِ پاڻ کي سومرا سڏيو. ( ابن بطوط – سفرنامو – نفيس اڪيڊمي ڪراچي) (4) سومرا قوم يثرب يعني مديني ۾ رهندڙ نبي سمرا قبيلي

مان آهي، ان قبيلي جو سردار سومرو بن جنب نبي ڪري صہ جن جو اصحابي هو. عثماني دور ۾ مڪران جو گورنر هو ۽ هن سنڌ تي ڪاهہ ڪئي هئي.محمد بن قاسم سان ڪيترائي ماڻهو سمرا قبيلي جا سنڌ ۾ آيا هئا. (سومرا قوم جو جائزو – نمبر اول ص نمبر 2 ۽ 3 انقلاب پريس سکر )

هنن بيانن جو جيڪڏهن جائزو وٺبو تہ معلوم ٿيندو تہ سنڌي نفسياتي طرح ٻاهرين کان مرعوب ٿيل آهن ۽ " ولايت جي ڪبر سنڌ ۾ مينا" وانگر هرويرو وڏن ماڻهن سان پڇ اٽڪائي پاڻ کي پيا معتبر سڏائيندا ۽ اهڙي طرح ڪوڙي نٽ ٺانگر منجهن احساس ڪمتري پيدا ڪري ، پست ۽ بي همت بنائي ڇڏيو. حقيقت ۾ سومرن جو سامره ، سمرا يا عرب قوم سان ڪوبہ تعلق نہ آهي. جيتريقدر سامره شهر جو تعلق آهي، ان لاءِ عرض آهي تہ " عباسي خليفي معتصم باالله سنڌ 220 هہ ۾ بغداد کان نوميل دجلہ جي درياءَ جي قاطون شاخ تي هي شهر تعمير ڪرايو هو. معتصم کان اڳ ۾ جيڪي عباسي خليفا ٿي گذريا آهن، تن جي فوج ۾ عرب ، ايراني ۽ خراساني ماڻهو شامل هئا. بلڪ عربن تي کين ٿورو ڀروسو هو ۽ مجموعي طور کين ايرانين تي وڌيڪ اعتماد هو. معتصم پاڻ خود هڪ وڏو جرنيل سپاهي هو. هن فرغانہ جا هزارين ترڪ فوج ۾ ڀرتي ڪيا هئا ۽ هنن واسطي ، هڪ خاص قسم جو لباس تجويز ڪري ، بغداد کان ٻاهر "سمن راءِ" نالي هڪ فوجي ڇانوڻي ۾ رهايو. خليفي پنهنجي رهڻ لاءِ جدا محلات ۽ جامع مسجد پڻ تعمير ڪرائي هئي، آخر ۾ هي شهر فوجي ڇانوڻي مان بدلجي تختگاهہ بڻجي ويو. سرمن راءِ يا سمرا جو پوءِ سامره سڏجڻ ۾ آيو سو سن 221هہ کان 279هہ تائين عباسين جو تختگاهہ رهيو. معتد جي دور ۾ هن شهر جو اوج گهٽ ٿي ويو ۽ اها ساڳي اڳ واري رونق موٽي آئي. ( سنڌ جي سومرا قوم – قريشي حامد علي خانائي – سماهي مهراڻ 1/ 1974 ص نمبر 117) هي آهي سمره شهر جي ڪهاڻي ، جنهن کي مورخن ور وڪڙ ڏيئي سومرن سان ملايو آهي. جناب سيد سليمان ندوي پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو تہ " سومرن جي قوم جو تعلق سمره شهر سان لڳائڻ لفظي صفت گري کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي". ( بحوالہ ايضاً) باقي سومرن کي مديني مان آيل ۽ اصحابن سان ملائڻ ، مذهبي جنون کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي.

**(ب) ٻيو نظريو:** چيو وڃي ٿو تہ سومرا ايشيا جي مشهور قوم سميرين مان آهي، جن کي عربي ۾ سامي سڏيو وڃي ٿو. پراڻي زماني ۾ هي قوم وڏي طاقتور هئي. جنهن جو وچ ايشيا ۾ گهڻو اثر رسوخ هو. ٿي سگهي ٿو تہ انهن جو ڪو پاڳو انهيءَ زماني ۾ ، سنڌ ۾ آيو هجي ۽ سنڌ کي پنهنجو گهر بنايو هجين." ( تحفتہ الڪرام۔ سنڌي ترجمو. مخدوم امير احمد جو فوٽ نوٽ ص نمبر 94) . مشهور يورپي محقق پروفيسر ايڇ آر هال جو چوڻ آهي تہ " سميري هڪ هندوستاني قوم هئا، جيڪي خشڪي رستي ايران کان ٿيندا ٻن ندين ( دجلہ ۽ فرات) واري ماٿري ۾ ، وارد ٿيا هئا. اهو سندس

هندستاني گهر, مهراڻ جي ماٿري هو جتي اسين هنن جي ثقافت کي عروج تي ڏسي چڪا آهيون." ( تاريخ طاهري – سنڌي ترجمو نياز همايوني حوالاءِ تعلقات ص نمبر 351). ائين به چيو وڃي ٿو ته سومرن جي ذات ۾ خاص نالو دودو سميرين جي تذڪرن ۾ ڪيترن هنڌن تي آيل آهي. ( ايضاً) ڪن مورخن جو رايو آهي ته " سومرا پنج هزار ورهيه اڳ سنڌ مان پنهنجي مال جي چراگاهن جي ڳولها ۾ هلندي هلندي جڏهن دجله ۽ فرات ندين جي وچ واري علائقي ۾ پهتا, تڏهن اتي وڏڪار ڏسي هميشه لاءِ آباد ٿي ويا ۽ جڏهن محمد بن قاسم ڪاهه ڪئي تڏهن هو فاتح بڻجي هت آيا. ( " سلطان دودو سومرو" غلام قادر سومرو ص نمبر 11).

هاڻي عرض آهي ته سميري ۽ سامي به علحده قومون آهن. سميري نه ته آريا آهن ۽ وري سامي. سميري ۽ سومرن جي وچ ۾ اٽڪل چار هزار سالن جي وٿي آهي جنهن ۾ انهي نالي جي ڪابه قوم, برصغير پاڪ وهند ۾ نه ڏٺي ويئي ۽ نه وري ٻڌي ويئي . البت تورات ۾ انهي نالي سان ملندڙ جلندڙ قوم سمارٽين جو نالو ڏنل آهي , جا آشوري ۽ يهودي قوم جي ميلاپ مان پيدا ٿي هئي. آشوري قوم يهودي نسل کي تباهه ڪري ڇڏيو سمارٽين کي يهودي گاڏڙ ۽ گهٽ قوم سمجهندي هئي. بهرحال سمارٽين جو سنڌ جي سومرن سان ڪوبه تعلق نه آهي سامرا يهودين جي اسرائيلي حڪومت جو تختگاهه هو جنهن کي آشوري بادشاهه سارگان ( ٻئي) تباهه ڪري ڇڏيو. ( ڊاڪٽر ممتاز پنهوَر,"نئين زندگي " ڊسمبر 1971 ع ص نمبر 16. ) جيتريقدر سامي لفظ جو تعلق آهي ته اهو سام مان نڪتل آهي جو عبراني ٻولي جي سام يا سيم جو نعم البدل آهي. تورات جو شيم ۽ عربي جو سام, هڪ اهڙي شخصيت ڏانهن اشارو آهي جو سامي نسل يا قوم جو ابو سمجهيو وڃي ٿو. هن وقت عرب ۽ يهودي سامي نسل جون قومون آهن, جن جو مشرق وسطيٰ , مصر , اتر آفريڪا ۽ عربستان ۾ زور آهي ۽ انهن جي آدمشماري اٽڪل ساڍا ڇهه ڪروڙ ٿيندي. " ( ڊاڪٽر ممتاز پنهوَر نئين زندگي فيبروري 1969ع ص نمبر 11)

هن مان صاف ظاهر آهي ته سومرن جو سميرن يا سامي نسل سان ڪوبه تعلق نه آهي. هونئن به سامي نسل حضرت نوح جي پٽ سام مان آهي, جنهن کي 5 پٽ هئا. جن مان هي اولاد ٿيو ۽ سنڌ لاءِ چيو وڃي ٿو ته ان تي نالو حام بن نوح جي پٽ هند ۽ سنڌ جي نالي پٺيان پيو. ان ڪري سام سان سنڌ يا سنڌ جي ماڻهن جو تعلق ذري برابر به ناهي.

(ث) **ٽيون نظريو:** سومرن جي اٿڻي وهڻي , چال چلت, خانداني ريتون رسمون , تاريخي روايتون ۽ تمدني وابستگيون ثابت ڪن ٿيون ته هو سنڌ کان ٻاهر جي ذات نه آهي. پر سنڌ جا اصلي باشندا آهن. جديد تحقيق ڪندڙ مورخن علم انسايات ( اينٿراپولاجي) ۽ علم عمرانيات ( سوشيالوجي)

جي ماهرن ، سومرن جي جسماني ساخت، سماجي زندگيءَ جي طور طريقن احساسن ۽ جذبن جو تجزيو ڪندي ثابت ڪيو آهي تہ سنڌ جو هي تاريخي قبيلو درحقيقت راجپوت نسل مان آهي، جنهن چوٿين صدي جي آخر ۾ سياسي اهميت حاصل ڪئي. سومرن جون مخصوص ريتون رسمون هي آهن جيڪي هن جي خاندان کي عرب يا ٻي قوم کان منفرد ڪن ٿيون.

(1) سنڌ جي سومرن سردارن ۾ غرور ۽ وڏائي هئي. هو پنهنجن عزيزن ۽ زيردستن کي داغ هڻندا هئا. غريب ۽ رعيتي ماڻهن کي پٽڪي ٻڌڻ جي منع ٿيل هئي ۽ هو مٿي تي رومال يا اڌ اٽيل ڪپڙو ٻڌندا هئا. (2) عورت کي هڪ ڀيرو ٻار ڄمندو هو تہ ان عورت سان ٻيهر همبستري کان پرهيز ڪندا هئا. (3) ڪو ڪپڙو هڪ دفعو پهريندا هئا تہ وري دوباره ان ڪپڙي کي نہ پهريندا هئا. ( 4) پاڻ کي ٻين کان اتم سمجهڻ لاءِ هٿن ۽ پيرن جا ننهن پاڙون ڪيندا هئا. (5) سومرا سردار اڪثر ڪري شراب پاڙي جي گوشت سان کائيندا هئا.( مير علي شير قانع ٺٽوي – تحفتہ الڪرام جلد 3 ، صفحو 117 ـ 116). هن مان صاف ظاهر آهي تہ سومرن جو واسطو سنڌ جي قوم سان آهي. مولوي نجم الغني تحقيق کان پوءِ لکي ٿو تہ " سومرا سورج بنسي ڪل مان آهن . هي پرمار راجپوت آهن ڪي ائين بہ چون ٿا تہ هي چندر گپت جي اولاد مان آهن. پر ڪن جي راءِ آهي تہ هي آئوڌ جي راجا رامچند جي پٽ ، سپو ستر جي ڪل مان آهن. پرمار راجپوتن جا چوڏهن تختگاهہ هئا. جن مان سنڌ ۾ امر ڪوٽ ۽ بکر هئا ، سندس پنجتيهہ خاندانن مان ڇهين خاندان جي فرد امره سومري اسلام اختيار ڪيو. ( وقائع راجستان – جلد اول صفحو 51 ـ 52) بهر حال سومرا پرمار راجپوت جي نسل مان هئا. جن عربن جي آخرين دور ۾ اسماعيلي مذهب قبول ڪيو ۽ مصر جي فاطمي خليفن جي ترا ري فرقي سان وابستہ هئا. مصر جي فاطمي خليفي المعز جي لکيل خطن مان جي دروزي صور تخطي ۾ آهن. ثابت ٿو ٿئي تہ " سومرن جي راڄ جو ڇڱو مڙس راجا بل ابن سومار هو. جو راجپال ابن سومار جو دروزي لهجو آهي. انهن خطن ۾ راجپال تي عربي حڪومت ختم ڪرڻ ۽ اسماعيلين جي حڪومت قائم ڪرڻ جو زور ڏنو ويو آهي. ڪيس موحد ۽ سچي دين ( يعني اسماعيلي مذهب ) کي سنڌ ۾ پکيڙڻ جو وڏو حامي ۽ مبلغ سڏيو ويو آهي." ( اسلامڪ ڪلچر – جلد اول صفحو نمبر 302)

جناب ابن الياس سومرو لکي ٿو تہ " حقيقت هيءَ آهي تہ جڏهن ، عربن جي حڪومت سرزمين سنڌ تي هئي تڏهن عرب قوم دنيا جي فاتح ۽ ترقي پذير قومن ۾ شمار ڪئي ويندي هئي. سندس سياسي شعور پختو ٿي چڪو هو. قليل عرصي ۾ ڪره ارض جي نصف النهار تي سندن ڪاميابي جو سج چمڪڻ لڳو ٿوري ئي عرصي ۾ ايران ، هند، افغان، چين ۽ ترڪمنستان جون حڪومتون ، هنن اڳيان سرنگون ٿي ويون. اهڙي وقت ۾ سومرا قوم مقامي حڪومت قائم ڪري، عربي زبان جي جاءِ تي سنڌي

زبان جو بنياد رکيو ۽ عربي معاشرتي اصولن کي گهڻي قدر رد ڪري ڏنو. اهو ڪم هڪ غير عرب قوم ئي ڪري سگهي ٿي. سومرا پهرين سنڌي هئا بعد ۾ مسلمان يا راجپوت هئا. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن جو جڏهن سنڌ جي بقا جو سوال پيدا ٿيو ته هنن هڪ طرف غزني جي حڪمرانن خلاف تلوار کڻي ۽ پوءِ دهلي جي حڪمرانن کي للڪاريو. محض هن ڪري ته سنڌ جي سرزمين تي ڪنهن غير سنڌي جو پير نه پوي. اها هڪ عرب قوم جي نشاني نه آهي بلڪ مقامي ۽ راجپوت جي ٿي سگهي ٿي. سومرن جي سياسي حڪمت عملي جو بنياد ئي لفظ سنڌ هو. اهو ئي سبب هو جو هنن جي دور حڪومت ۾ سنڌ جو اهي شيون ايجاد ٿيون يا وڌيون ويجهيون جن جو تعلق خالص سنڌي تهذيب مان هو. جهڙوڪ، سنڌي زبان ، ادب ۽ شاعري ، سنڌي لباس، سنڌي ڪچهريون ، آداب مجلس ۽ اوطاقون ، سنڌي هنر ۽ رانديون، ميڙا ۽ ملاکڙا. عربن انهن کي قريب قريب ختم ڪري ڇڏيو هو. پر سومرن ديسي حڪومت کي قائم ڪري سنڌي تهذيب ۽ تمدن کي هڪ دفعو نه رڳو سهارو ڏنو پر حفاظت ڪئي ۽ حلقه اسلام ۾ اچڻ بعد به ڪيترن ئي قديم رسمن کي معاشري جو هڪ حصو ڪري ڇڏيو. مثلاً جهنڊيون لهرائڻ، ڇٽيون ڪرڻ، سڪائون ڏيڻ، اکا وجهڻ، ميڙا ڪرڻ، شادين ۽ طهرن تي ڏانديا هڻائڻ، گهورون گهورڻ، دهل شرنايون وڄائڻ، لائون ڏيڻ ، راڄ ۾ سڱابندي ڪرڻ، ڏاج ڏيڻ ۽ ساٽ سنوڻ. جيتوڻيڪ وقت جي ڪيترن ئي عالمن سڀني انهن روايتن کي بدعتون ۽ غير شرعي ڪم سڏيو ان کان باز اچڻ لاءِ ڪوششون ڪيون. مگر روايت پسند راجپوت انهن اباڻين رسمن کي يڪدم خير آباد ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿيا. ڪو وقت اهڙو به آيو سومرا قوم کي اسماعيلي قرطمي قومن ۾ شمار ڪري کين نيم مسلم سڏيو وڃڻ لڳو. ٿي سگهي ٿو ته ائين ڪرڻ ۾ عربن هڪ حڪمران ۽ فاتح قوم جي مزاج جو مظاهرو ڪيو هجي ليڪن سومرا خالصتاً سنڌي قوم هئا ۽ سندن حڪومت جو دور به خالص سنڌي هو. ( شان سنڌ – ابن الياس سومرو – وڳهه جا وريام ص نمبر 10 ۽ 11).

هنن بيانن مان چڱيءَ طرح معلوم ٿيو ته سومرا سنڌ جي مقامي ذات آهي ۽ سومرا نالو جيئن سنڌ ۾ اڪثر ڪري يا وڏن جي نالن پنيان سندن اولاد سڏبي آهي. تيئن پيو. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر بني بخش خان بلوچ لکي ٿو ته " سومرا نالو غالباً سندن وڏي ڏاڏي جي نالي + سرداري لقب تان پيو. سومرن جو آڳاٽو ۽ پهريون مشهور سردار ( سومار جو پٽ) سڏجڻ لڳو. حالانڪ سندس پنهنجو ذاتي نالو راجپال هو. سومار جو لقب پڻ راءَ هو ڇاڪاڻ ته سومار راءَ جي پويان، سندس اولاد سومرا سڏجڻ لڳو. سومرا يقيني طور سومار راءِ ( سومار راءِ – سومارها اولاد ) جو ئي مخفف آهي يا مختصر اچار آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌ جي نسب نامن جي اصطلاح موجب آڳاٽي دور ۾ اولاد سندن وڏي ناني جي " ذاتي نالي" پويان سڏبو هو. مثلاً چني، لاکي، سهتي، لوهاڻي، وڪيي، ۽ ڪاڪي جو اولاد پوءِ چنو ، لاکو

سهتو لوهاڻو سمو وڪيو ۽ ڪاڪو سڏجڻ لڳو.“ ( سومرن جو دور – ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. ص نمبر 290 – 291) سومرا ٻاهرين صدي ۾ مسلمان ٿيا. مورخ سنڌ مولائي شيدائي لکي ٿو تہ ” سومرن جو پهريون سردار امير سومرو هو جيڪو پهريائين شيعو هو.“ ان زماني ۾ سنڌ ۾ اسماعيلي تحريڪ جا ٽي مکيہ مرڪز هئا. ديبل ، منصوره ۽ اچ. انهيءَ تحريڪ ڪري سنڌ جي سومرن اسلام اختيار ڪيو. شيخ بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني رح جي ٻن خليفن جلال سرخ بخاري ۽ سندس سيد جلال جهانيان جي تحريڪ سان سنڌ جا سومرا اسماعيلين کان نڪري دين حقيقت ۾ داخل ٿيا. ان ڪري ئي سومرن جي تختگاهہ محمد طور ۾ ڪيترائي وڏا ماڻهو ۽ سردار شيخ بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني رح جا مريد هئا ۽ انهن مان ڪيترائي خدا جا نيڪ بندا ۽ صالح انسان پيدا ٿيا. ( سنڌ جي سومرا قوم – سماهي مهراڻ ۔ 1/ 1974ع ص نمبر 152. )

بهرحال سومرا سنڌ جا اصلي باشندا هئا، ۽ اهو ئي سبب آهي جو تعصبي ليڪڪ ۽ مورخ ڪين نٿا سهن ۽ عجيب و غريب تاويلون ڪري، سندن عظيم ڪردار کي مسخ ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هڪ اردو مورخ صلاح الدين ناسڪ لکي ٿو تہ ” 39 سالن تائين عباسيہ ان کان پوءِ سنڌ جي حڪومت هڪ عرب خاندان جي هٿ آئي جنهن اٽڪل ڏيڍ سئو سالن تائين سنڌ تي حڪومت ڪئي. ان کان پوءِ هن حڪومت تي سومرا خاندان جو قبضو ٿي ويو ۽ هڪ دفعي وري هن سر زمين تي ڪفر ۽ الحاد جي اونداهہ ڇانئجي ويئي. هي دور سنڌ ۽ ملتان جي علائقن ۾ آباد مسلمانن لاءِ مصائب و آلام ۽ مجبورين جو دور هو. ڪافر حڪمرانن ۾ ڀلا رواداري ۽ انصاف ڪٿان ٿي ملي سگهيو؟ جيڪو مسلمانن فاتحين ، غير مسلمانن سان هر قدم تي روا رکيو هو. ( تحريڪ آزادي . صلاح الدين ناسڪ ( اردو) ص نمبر 69).

اسان جي هن نام نهاد تاريخدان کي سومرن جي دور مان ان ڪري ڪفر ۽ الحاد جي ڌپ ٿي اچي جو هو اصلي نسلي مسلمان نہ هئا ۽ هنن وطن دوستي ۽ قومن غيرت جو ثبوت ڏيئي غير وطنين سان جنگ لڙي هئي. باقي سومرن تي جيڪي غير انساني ۽ غير اسلامي ريتن رسمن جي پابندي جو بهتان آهي. سي اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ گهڻو ڪري منجهائن ختم ٿي ويون. جناب نياز همايوني صاحب لکي ٿو تہ ” سومرن پنهنجي دور ۾ وطن دوستي جي جن عظيم ڪارنامن سان عظيم الشان ڪردار ادا ڪيو. تنهن کي ميسارڻ لاءِ هرڪو پيو مٿن بهتان مڙهي تہ جيئن سندن اهو شان مان ، جيڪو ڪين سورمن جي حيثيت ۾ مليل آهي ختم ٿي وڃي. ( تاريخ طاهري – سنڌي ترجمو حوالا ۽ متعلقات – ص نمبر 350)

بهرحال سومرن جي حسب نسب بابت جيڪي افسانا ۽ ڏند ڪٿائون بيان ڪري سنڌن تاريخ سان هٿ چراند ڪئي ٿي وڃي. اها هاڻي گهٽي ياڳي ختم ٿي چڪي آهي ۽ اڄ جو نئون نسل سنڌن عظيم ڪارنامن تي ناز ڪري رهيو آهي.

## ث :۔ سياسي قوت ۽ تخت نشيني

عربن جي سياسي ۽ نسلي ڇڪتاڻ وڌڻ ڪري، مرڪز ۾ عربن جي حڪومت ڪمزور ٿيڻ لڳي ۽ ان جو اثر صوبن تي بہ ڇوڙ لڳو. سنڌ جيئن تہ عرب جي مرڪزي دارالسلطنت کان گهڻو پري هئي، ان ڪري هت سندن ڪنٽرول گهٽجڻ لڳو ۽ مقامي سردار زور وٺڻ لڳا. انهن ۾ سومرا سردار قابل ذڪر آهن. سومرن جي وڏن، پرمار راجپوتن جي نون راجائن ستلج کان وٺي دکن تائين چوڏهن حڪومتون کڙيون ڪيون جن جا چوڏهن تخت گاهہ هئا. مهيشور، ڌار، مانڊو، اجين، چندر ڀاڳا، چتور، آبو، چندرواتي، موميدنہ، پرماوتي، امرڪوٽ، بکر، لوهہ درهہ ۽ پٽن. مٿيان شهر هنن ڪي فتح ڪيا ۽ ڪي نوان تعمير ڪرايا. ( وقائع راجستان – مولوي نجم الغني جلد اول).

750ع ۾ پرما راجپوتن سنڌ تي حملو ڪيو پر شڪست کاڌائون. ڪجهہ وقت کان پوءِ سومرن عرب گورنر ن جي تابعداري مڃي ۽ مقامي پرڳڻن ۾ پنهنجي حڪومت جو پايو وڌو. هيگ لکي ٿو تہ ” سنڌ جي لاڙواري حصي ۾ پراڻ جي طرف جيڪي هندو راجائون هئا، سي اگرچہ عرب خليفن جي پاران حڪومت ڪندا هئا، پر اندروني طرح ملڪ جي انتظام ۾ هو خود مختيار هئا. ( دي انڊس ڊيلٽا ڪنٽري – سہ ماهي مهراڻ ).

752ع کان گهڻو اڳ ۾ ٺٽي ننگر وارو پاسو سومرن جي صاحبي هيٺ هو ۽ اتي هنن ٿري شهر ۽ امر ڪوٽ ۾ فوجي نوعيت جا قلعا ٺهرايا. مرزا قليچ بيگ لکي ٿو ” سومرا عيسوي ائين صدي کان سنڌ جا والي بنيا.“ هيءَ تاريخي حقيقت آهي تہ جڏهن عرب حاڪم خليفي هشام جي ڏيهن ۾ 723ع ۾ دمشق ۽ انجي ماتحت علائقن ۾ فساد ٿيا تڏهن اروڙ جو ناظم نعيم ” عتبي عراق ڏانهن هليو ويو ۽ پنيان چندرونسي اروڙ تي قبضو ڪري ورتو. ( تاريخ سنڌ – سومرا ۽ سما دور – عبدالغني ميمڻ ، ص نمبر 44). مرزا قليچ بيگ لکي ٿو تہ ” بنو اميہ خليفن جي وقت ۾ ( 712 – 749ع ) ۾ راجا دلو راءِ سومرو اروڙ جو حاڪم هو. ان کان پوءِ سومرا هوريان هوريان سلطنت کي وڌائيندا رهيا ۽ 1010ع ۾ هنن عربن جي قبايل مرڪزي شهر اروڙ تي قبضو ڪيو. ( هسٽري آف سنڌ – انگريز ص نمبر 52). عباسين خليفن جي ڏينهن ۾ سومرن جي سنڌ ۾ مضبوط حڪومت هئي. ڊاڪٽر دائود پوٽو لکي ٿو تہ ” جڏهن سلطان محمود غزنوي سومنات لٽي ڪڇ رڻ کان ٿيندو منصوره پهتو تڏهن اتان جو حاڪم حنيف سومرو هو. اهڙي طرح سلطان محمود غنوي سنڌ ۽ ملتان کي فتح ڪيو.

( تاريخ معصومي: فوٽ نوٽ فارسي – سلطان محمود هندستان تي بار بار حملا فقط ان ڪري ڪيا ته جيئن درياهه سنڌ ۽ ان جي معاون ساموندي ساحل جيڪو ان وقت تجارت جي وڏي شاهراهه طور تي استعمال ٿيندو هو خيوا، بخارا، تاشقند، سمرقند، منگوليا، ڪابل، غزني، قنڌار ۽ وچ ايشيا جي ٻين شهرن ۽ ملڪن جو مال، قافلن رستي ملتان، بکر، سيوهڻ ۽ ديبل جي بندرن تي پهچندو هو ۽ پوءِ اتان اهو مال مشرق وسطي آفريڪا، ڏکڻ اوڀر ايشيا، سري لنڪا، بنگال ۽ ڏور ايشيا جي ملڪن ڏانهن بحري ٻيڙين وسيلي روانو ٿيندو هو. انهي عظيم تجارتي بحري شاهرهه کي قائم رکڻ لاءِ سلطان محمود کي ملتان ۽ منصوره جي رياستن تي حملو ڪرڻ پيو. جيڪا شاهراهه قرامطين جي قبضي هيٺ اچي چڪي هئي. ( روزانه سنڌ نيوز 27 فيبروري 1981ع)

جڏهن 1035 ع ۾ سلطان عبدالرشيد جي سلطنت ڪمزور ٿي، تڏهن سنڌ تي سومرن پنهنجي سردار سورهه کي ٿري شهر ۾ تخت تي ويهاريو. هن سردار لاڙ جي صاد نالي هڪ زميندار جي ڌيءَ سان شادي ڪئي. سومره ۽ سندس پٽ راجپال اهڙا ته طاقتور سومرا حاڪم هئا جو حڪومت ملتان کان وٺي ڪچ تائين قائم هئي ۽ ٻنهي يا سندن اولاد جي ڪن حاڪمن ايڏي وڏي ملڪ تي حڪومت ڪئي. سومرن جي سلطنت ۽ وسعت هن طرح هئي. اتر ۾ ديره غازي خان، ملتان، اچ، پتڻ، سبي، اروڙ سيوهڻ ۽ بکر وغيره تائين هئي. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو رايو آهي ته ” ملتان جي ڏاکڻي ڀاڱي ۾ يعني موجوده بهاولپور ڊويزن واري ايراضي ۾، مقامي طور سومرا حاڪم خودمختيار حيثيت ۾ گهڻي وقت تائين حڪومت ڪندا رهيا. هاڪڙي درياهه جي اپرندي ناري پتڻ شهر وٽ هڪ شهر آباد هو جيڪو سندن تختگاهه هو. مطلب ته ملتان جي سڄي رياست تي سومرن حاڪمن جو قبضو هو. ( سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ ـ ص نمبر 198) اپرندي ڏي راجستان، لڊاڻو جيسلمير، ڊٽ، پونگل، بيڪانير، ٿر، برهمڻ آباد ۽ امر ڪوٽ وغيره تائين هئي. ڏکڻ ڏي گجرات، مالوهه، ڪاٺياواڙ ڪچ، مڪران، لسٻيلو قلات، جهالاوان، ڪاڇي ۽ اتر اپرندي ۾ بلوچستان ۾ سبي کان ڦري ديرهه غازي خان تائين سومرن جي حڪومت هئي. ائبٽ صاحب ثابت ڪيو آهي ته ” ڪنهن زماني ۾ ڪچ ، ڪاٺياواڙ، گجرات ۽ سورت تي جيڪا راجپوت قوم حڪمران هئي سا سومرا قوم هئي. منگر پيين واري قصي ۾ پيم درويش جي بي گناهه قتل ٿيڻ واري واقعي ۾ پيم درويش جي بي گناهه قتل ٿيڻ واري واقعي مان هن پڌرو ڪيو آهي ته ان وقت ڪچ، گجرات، سورت ۽ ڪاٺياواڙ تي اهڙو هڪ زبردست سومرو حاڪم راڄ ڪندو هو جنهن جي ميجتا ڪچ مڪران کان وٺندي بکر ۽ ملتان تائين هوندي هئي. ان کان سواءِ قلات ڏانهن ڪيچي ۽ جهان والا به سندس ماتحت هئا. مطلب ته ريگستان جي علائقي کان وٺي بلوچستان جي ڪيچ ۽ مڪران ڪاڇي جهالا تائين سومرن جي حڪومت هئي. ( پراڻي سنڌي شاعري – محترم محرم خان سه ماهي مهراڻ 3 – 4 – 1966ع ).

1350ع ۾ جڏهن ڄام انڙ سمي سومرن تي ڪاهه ڪري سمن جي حڪومت جو بنياد رکيو . ان کان پوءِ به ڪيتريون صديون سومرن جي حڪومت اپرندي سنڌ ۽ راجستان ۾ باقاعدي هلندي رهي. سومرن ۽ سمن جون به متوازي حڪومتون الهندي ۽ اپرندي سنڌ تي قائم هيون. 16 صديءَ جي اوائل ۾ به محمد نالي سومرن جو ناليوارو سردار هو جيڪو مصر ۽ شام تائين مشهور هو. انهيءَ محمد سومري وٽ مصري امام جو داعي شام کان پڇائيندو اچي سنڌ ۾ پهتو پر محمد سومري کيس پير نه کوڙڻ ڏنو. ( تاريخ سنڌ – سيد ابو ظفر ندوي ص نمبر 324).

سومرن جي حڪومت جو دور جيڪو 7 صديءَ کان شروع ٿئي ٿو سو سنڌ جي آزادي ۽ خودمختياري جو دور هو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو ته " هي مقامي مسلمانن جي پهرين وطني حڪومت هئي. جيتوڻيڪ سومرن جي دور ۾ غورين ۽ غلام گهراڻي وارن سنڌ جي ڪن حصن تي قبضو به ڪيو هو پر تنهن هوندي به ڏکڻ ، ڏکڻ اوڀر سنڌ ۾ ڪڇ جي ڪن حصن تي سومرا سردار قابض هئا. ( سنڌي ٻولي جي تاريخ – ص نمبر 201).

سومرن جي عرب ۽ ديبلي جي ملڪان ملڪ هاڪ هئي. دهلي جي سلطنت جي مڙيوئي سنڌ تي لالچي نگاهه هئي ۽ اتان جا حڪمران هن سوني جهرڪي کي آزاد ۽ خودمختيار ڏسي سڙندا ۽ پڇندا رهندا هئا ۽ سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ جون ڪوششون ڪندا هئا. پر سومرن جي دليري ۽ شجاعت کان مرعوب ٿي ويندا هئا. 1032ع ۾ دهليءَ جي هڪ حڪمران شهاب الدين غوري پهريون ڀيرو سنڌ تي حملو ڪيو پر سومرن کين سنڌ ۾ اچڻ نه ڏنو. ٻيو ڀيرو هن 1177ع ۾ حملو ڪري ملتان ۽ اچ ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي ۽ اهڙي طرح سنڌ ۾ غورين ۽ غلام گهراڻي جي حڪومت شروع ٿي ۽ سنڌ دهلي جي ماتحت رهي ۽ اهو سلسلو خلجين ۽ تغلق سلطانن جي زمانن 1388ع تائين رهيو. پر تاريخ شاهد آهي ته سومرا اهو سارو عرصو هٿ تي هٿ رکي چپ ڪري نه ويٺا. بلڪ تيرهن سالن جي لاڳيتي جدوجهد ۽ قربانين کان پوءِ سنڌ جي هنن سرويچ سوڍن ۽ سورمن افغانن جي ناپاڪ قدمن کان سنڌ سڀاڳيءَ جي سرزمين کي پاڪ ڪيو ۽ ان دور ۾ وڳهه ڪوٽ کي پنهنجو تخت گاهه بنايو. جيتوڻيڪ غورين ۽ غلام گهراڻن جي راڄ ۾ سنڌ جي ڪن حصن ملتان ، بکر ۽ سيوهڻ تي وقت به وقت گورنر دهلي کان پئي آيا. پر سنڌ جا حقيقي حاڪم اهو سمورو عرصو سومرا ئي هئا ۽ لاڙ جي حصي تي مضبوطي سان قائم رهيا.

محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته " جنهن زماني ۾ دهلي تي غلام گهراڻي جو راڄ هو ۽ سلطان ناصرالدين محمود بن التمش دهلي جو حڪمران هو. انهيءَ زماني ۾ ڪڇ ( هي علائقو هن وقت ڀارت ۾ آهي) کان وٺي هالا ڪندي تائين سڄي علائقي تي سومرن جو قبضو هو. ( سنڌي ٻولي

جي لساني جاگرافي – ص نمبر 18). سومرا حڪمران دهلي جي مرڪزي حڪومت کي ٻين هندو راجائن وانگر عشرهہ ( پيدائش جي ڏهين پتي) ڏيندا هئا پر وري جڏهن دهلي جي سلاطين کي ڪمزور ڏسندا هئا تہ خودمختيار ٿي رهندا هئا. ( تاريخ تمدن سنڌ – مولائي شيدائي – ص نمبر 222) اهڙي طرح هو سنڌ جي خودمختيار علحده رياست ۽ مقامي حڪومت کي قائم رکڻ لاءِ ڪوششون ڪندا رهيا ۽ مرڪزي حڪومت سان برسر پيڪار رهيا. ان وقت خلجي بادشاهت طرفان هڪ محمد خان پناڻ سومرن تي ڪاهہ ڪري آيو جنهن جي مقابلي لاءِ سلطان پونگر هڪ جرنيل کي موڪليو جنهن محمد خان کي شڪست ڏيئي قيد ڪيو. ( سلطان دودو شهيد – غلام قادر سومرو ص نمبر 32). اهڙي طرح هنن بهادر اڳواڻن هر وقت ٻاهرين حاڪمن ۽ غاصبن سان مقابلا ڪري پنهنجي حڪومت ۽ پنهنجي ديس کي آزاد ۽ خودمختيار رکي پنهنجي عوام کي خوشحالي ۽ امن ۽ سڪون مهيا ڪيو. اهو ئي سبب آهي جو ماڻهن پنهنجي حاڪمن جي حڪم تي لبيڪ چئي سندن ساٿ ڏنو. دراصل ڪنهن بہ حڪومت جي استحڪام ۽ مضبوطي جو راز اتان جي غريب ۽ پورهيت عوام جي دعائن ۾ ئي سمايل آهي. تاريخ شاهد آهي تہ سومرا حڪمران پاڻ بہ غريب ۽ پورهيت عوام مان هئا ۽ خود بہ قومپرست هئا. ان ڪري ئي سندن حڪومت ساڍين ٽن صدين کان بہ مٿي هلي جيڪو سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ رڪارڊ آهي.

## ( ج ) انتظامي امور ۽ سياسي جوڙجڪ

سومرن جي حڪومت جو سياسي نظام قبائلي اهميت تي ٻڌل هو جنهن مطابق ذات پات جي روايتن ، نسلي برتري ۽ ذاتي صلاحيتن کي خاص اهميت حاصل هئي. رياست جو سربراھ اهو ٿيندو هو جيڪو موروثي حق رکندڙ هجي. حڪومت جي انتظامي امور ۾ سردارن ، جاگيردارن ۽ تمندارن کي وڏو حق مليل هو. هو جنهن کي چاهين ملڪ جو والي بنائين. اهڙيون ننڍيون وڏيون اٽڪل هڪ سئو جاگيرون هيون. اهي جاگير سلطان کي ساليانو مقرر ٽيل ڏن ڏيندا هئا ۽ هر هڪ جاگير ۾ ڏهن کان ويهن هزارن تائين لشڪر سلطان جي پاران رکندا هئا. انهن جاگيردارن مان مشهور جاگيردار هئا ٿهيم، ابڙا، ڳاها، ڀهوڙ، ٻارڻ ، ڀٽي، جاڙيجا، گجر، تنور، راجڙ، سما، سوڍا، مينڌرا، ملاح، پنهور، سهتا، راڄپر، ڪاڇيلا ۽ لاسي. انهن جاگيردارن کي " راڄورا" سڏيو ويندو هو ان کان علاوه اسي جاگيرون سومرن جون هيون، جن کي سردار سڏيو ويندو هو. انهن سردارن ۽ راڄوارن تي مشتمل هڪ سئو ارڪانن تي مشتمل هڪ سئو ارڪانن تي هڪ مجلس شوريٰ هئي ، جيڪا سلطنت جي وڏن مسئلن ۾ سلطان کي مشورو ڏيندي هئي. ( شهيد دودو سومرو – غلام قادر سومرو ص نمبر 32). سلطان خواھ راڄ ۽ ملڪي رعيت کي مجلس شوريٰ جو فيصلو ۽ مشورو هر حالت مڃڻو پوندو هو ۽ ڪين رد ڪرڻ جو ڪو بہ اختيار ڪونہ هو. هن دور ۾ سنڌ جي رياست کي پنهنجو هڪ مخصوص جهنڊوهوندو هو جنهن جو رنگ اڇو هو. اهو جهنڊو بادشاھ جي محل مٿان چاڙهيو ويندو هو. جهنڊي جو اڇو رنگ نہ فقط حاڪم طبقي جي امن پسندي ۽قومي سگهہ جي علامت هو پر قومي شعور جي بہ پڙ نمائندگي ڪري پيو تہ سنڌي قوم امن پسند قوم آهي، جنهن هميشہ اڳرائي ۽ تشدد کان نفرت پئي ڪئي آهي، جيڪا صدين کان وٺي پنهنجي وجود جي بقا واري جنگ وڏي بهادريءَ سان لڙندي آئي آهي، پر هن ڪڏهن بہ جارحيت ۽ اڳرائي کان ڪم نہ ورتو آهي. ( عبدالله مگسي – سماهي مهراڻ 2/ 1989 ص نمبر 68). هن دور ۾ انتظامي لحاظ سان سڄي ملڪ کي مختلف پرڳڻن ۽ حصن ۾ ورهايو ويو . هر پرڳڻي مٿان مختلف سردارن وسيلي حڪومت هلائي ويندي هئي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ " سڄو ملڪ صوبن يعني ننڍن انتظامي پرڳڻن ۾ ورهايل هو ۽ هر صوبو شهرن ۾ ورهايل هو. ٻنگار جو صوبو نهايت زرخيز هو ۽ منجهنس ٻارهن شهر هئا. گاديءَ جي مرڪزي شهر يا سڄي ملڪ ۽ حڪومت کي اصطلاحي طور ديھ ( ڏيهہ ) سڏيو ويندو هو. تخت کي پيڙهي يا منجي چوندا هئا". (

سومرن جو دور– ص نمبر 281)ملڪ جي سرڪاري لکپڙهہ سموري سنڌي ٻولي ۾ ٿيندي هئي. ملڪ جي سرڪاري لکپڙهہ ساري سنڌي ٻولي ۾ ٿيندي هئي.

چو تہ بقول ڊاڪٽر غلام علي الانا ” سومرن جي مادري زبان سنڌي هئي“ ۽ بقول ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ تہ ” مقامي مسلمانن جي هيءَ پهرين وطني حڪومت هئي“. ان ڪري عام سنڌي ماڻهو سرڪاري لکپڙهہ کي چڱي طرح سمجهي سگهندو هو. ملڪ جي انتظام لاءِ سرڪاري عملي ۾ ڪيترائي عامل ۽ ڪاتب هئا. گادي جي شهر ۾ حڪومت جو شاهي دفتر هو جيڪو پهريائين همير سومري بادشاهہ قائم ڪيو هو. ننڍين پرڳڻن ۾ ننڍا عامل هئا. جيڪي مرڪز کان آيل حڪناما ۽ سرڪاري ڪاغذ پٽ شهرن ڳوٺن نيڪال ڪندا هئا. اهڙي طرح سرڪاري لکپڙهہ جو سٽت اڪلاءُ ٿي سگهندو هو.

سماجي جوڙجڪ: سنڌ ۾ پراڻي زماني کان وٺي جاگيرداري نظام موجود آهي. جاگيرداري سماج ۾ زمين نجي ملڪيت هوندي آهي. سومرا دور ۾ زمين تي ٽن ڌرين جا حق تسليم ٿيل هئا. پهرين رياستي زمين تي ٽن ڌرين جا حق تسليم ٿيل هئا. پهرين رياستي زمين جيڪا حاڪم گهراڻن شهزادن، شهزادين ، اميرن ۽ خاص ملازمن لاءِ مخصوص هئي ، ٻيو حق زمينن جو جاگيردارن کي هو. جن کي سندن راڄن جي تعداد مطابق زمين ڏنل هئي. جيڪا هو پنهنجن راڄن کان آباد ڪرائيندا هئا. راڄ جو هر فرد پنهنجي پيدائش جو هڪ حصو جاگيردار ۽ ٻيو حصو حڪومت کي ڍل طور ڏيندو هو ۽ باقي پاڻ کڻندو هو. ٽيون حصو زمين جو صوفين، بزرگن، معلمن، درگاهن ۽ خانگاهن جي متولين ۽ مشائخن کي ڏنل هو جن کان ڍل نہ ورتي ويندي هئي. هي عالم ۽ بزرگ معاشري ۾ علم جو فروغ اخلاقي نظام جي اوسر معاشرتي اصلاح ۽ عسڪري قوت پيدا ڪرڻ ۾ بنيادي حيثيت رکندڙ هئا. انڪري معاشي طرح انهن جي پوزيشن مضبوط ڪرڻ حڪومت جو اولين فرض هو. سومرن جو دور حڪومت سنڌ ۾ خوشحالي، آسودگي، امن ۽ سڪون جو دور هو. سومرن حڪمرانن واهہ ۽ ڪڙيا ڪڍايا ۽ آبادي کي وڌايو ۽ سنڌ درياهہ جي هاڪڙي ۽ پراڻ وارن وهڪرن جو پاڻي زمينن کي آباد ڪرڻ لڳو. نواب شاهہ، سانگهڙ ۽ ٿرپارڪر ضلعي جي ايراضين ۾ سارين ۽ ڪڻڪ جا مکيہ فصل ٿيندا هئا. لاڙ طرف پڻ ساريون گهڻيون ٿينديون هيون. ڍورن ۽ ڍنڍن ۾ مڇي ، ٻهہ ۽ لوڙهہ گهڻي مقدار ۾ ٿيندا هئا. چوپائي مال جي وڏي پيدائش هئي. ڪپهہ جي پيدائش بہ گهڻي هئي. مڇي ۽ مال وارا ماڻهو سکيا ستابا هئا. ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو تہ ” مڇي مال وارا ماڻهو ان وقت سکيا ستابا ۽ وڏي همت ۽ حوصلي وارا هئا. ان وقت چوپايو مال گهڻو هو جنهن مان وڏي آمدني هئي. ان ڪري ڏنار، پنهوار، ميهار، ميربحر ۽ مهاڻا سڀ سکيا ستابا سمجهيا ويندا هئا. ملڪ جي زرعي، مالي ، هنري ۽ ٻي اندروني

اپت ۽ پيدائش سڄي ملڪ جو سرمايو هئي ۽ ملڪ خوشحال ۽ آباد هو. جتي ٻه زراعت يا چوپائي مال کي نقصان پهچندو هو ان جي تلافي ٿيندي هئي. ( ايضاً ص نمبر 275).

سومرن جي دور ۾ معاشري اندر پورهيتن کي عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. خود سومرن حاڪمن ڪاسبين ۽ ڪاريگرن جي قدر داني ڪئي ۽ڏنڌي ، هنر حرفت کي زور وٺرايائون. ڪاسبين لاءِ هنن خاص حصا، بخرا ۽ لوازما مقرر ڪيا. جيڪي سومرن جي دور کان پوءِ موجوده تائين رسمي طور هلندا اچن. انهن لوازمن مان هڪ اهو هو ته جيڪڏهن ڪو پهرو ذبح ٿيندو هو ته سسي موچيءَ کي ملندي هئي ۽ هنجهي ڪنيار کي ملندي هئي. هنرمندن، ڪاريگرن ۽ ڪاسبين کي همٿائڻ سان ڳوٺ ۽ شهر آباد ٿيا ۽ ملڪ جي پيداوار ۾ واڌارو ٿيو. سومرن جي دور ۾ ڪاسبين کي همٿائڻ سان ڳوٺ ۽ شهر آباد ٿيا ۽ ملڪ جي پيداوار ۾ واڌارو ٿيو. سومرن جي دور ۾ ڪاسبي خوش ۽ خوشحال هئا. ويرم پاهوڙي ڪورين جو سردار هو. هن ويجهي پوئين دور ۾ ڪورين کي ڪمزور تصور ڪيو ويو آهي پر سومرن جي دور ۾ ڪورين جي سردار کي طاقتور تصور ڪرڻ واري اهڃاڻ مان اها تصديق ٿئي ٿي ته ان وقت ڪپهه جي فصل ۽ اٽوت جي ڌنڌي کي وڏي اهميت حاصل هئي. ( اڳوڻي سنڌ جو پرڏيهي واپار – داداسنڌي ص نمبر 192).

سومرن جي دور ۾ پورهئي جي سماجي ورڇ ، تجارتي شين جي مٽا سٽا جي وڏي وکڙ ۽ پئداوار جون مختلف ترڪيبون خاص ڪري شهرن اندر هنرمند طبقي جو اسرڻ سبب، جاگيردارانه معيشت ڪمزور ٿي ويئي، جنهن ڪري سماج اندر آزاد تجارتي ۽ هنر مند طاقت ابرڻ لڳي. جنهن ۾ موچي ، ڪنير، لوهر، رنگريز، واڍا، ٺاٺار ۽ سونارا اچي وڃن ٿا. انهيءَ هنرمند طبقي سان گڏ سنڌن معاون غير پيداواري طبقو به ابرڻ لڳو. هن دور ۾ سنڌ جو واپار سنڌ رستي هرمز قيس ، بحرين ، عدن ، گجرات، ملبار، ڪارومنڊل ۽ چين سان هلندو هو. واپار عربي ۽ چيني جهازن جي معرفت هلندو هو. معبر کان ريشمي ڪپڙو، خوشبودار شيون ۽ سچا موتي قافلن جي وسيلي خراسان پهچندا هئا. تراورن، گهوڙن جو زينون ڪپڙو، خوشبودار مصالحا سنڌ مان ٻاهر ويندا هئا. هرمز قيس توڙي بحرين ۽ عدن کان هر سال ڏهه هزار گهوڙا، سنڌ ۽ هندستان جي شهرن ۾ وڪري لاءِ ايندا هئا. سومرن حاڪمن نشيدار شين جي وڪري تي پابندي وڌي هئي. شهر ۾ محتسب مقرر هئا جيڪي شين جا اگهه سرڪاري طور مقرر ڪندا هئا. جيئن واپاري رعايا سان ٺڳي ڪري نه سگهن. شهر ۾ اُت کان وني سئي تائين جون قيمتون مقرر هيون. خريدارن کي حڪم هو ته ضرورت آهر شيون خريد ڪن. ذخيره اندوزي جي سخت ممانعت هئي. وڏن شهرن ۾ سرڪاري دڪان کليل هئا. جتان ضروري شيون مقرر اگهن تي عوام

آساني سان خريد ڪري سگهندو هو. واپارين کي سرڪار پئسا ڏيندي هئي، جيئن هڙني قسم جون ديسي خواهہ ڌارين ملڪن جون شيون مهيا ڪري سگهن. شهرين کي شهر جي رئيس وٽان شين خريد ڪرڻ لاءِ ڪارڊ ملندا هئا. لاڙي بندر انهي دور جون مشهور بندر هو. ( اڳوڻي سنڌين جو پرڏيهي واپار – داداسنڌي ص نمبر 192).

درياهہ سنڌ ۽ ان جي سامونڊي ساحل سببان، سنڌ ايشيا جو مرڪزي ملڪ هو ان ڪري هتان جي اقتصادي زندگيءَ ۾ ملاحن ۽ مهاڻن کي بہ اهم حيثيت حاصل هئي جيڪي جهاز راني سبب درياهي ۽ سامونڊي زندگي مان وابستہ هئا. شهرن کان بندرن تائين مال پهچائڻ ۾ بارگير ڏلهئي ڪانڌاٽي ۽ حمالي ڪندڙمزدورن ( جيڪي بندرن سان ٻيڙين مان مال لاهڻ ۽ چاڙهڻ جو ڪم ڪندا هئا) سان گڏ جت، مهاڻا، ملاح ۽ ٻيا پيداواري پورهيت شامل هوندا هئا. ان ڪري پيداوار ۽ ان جي متاستا سبب، سوداگر ۽ ٻيون پيداواري قوتون، پنهنجي پيداواري عمل سان اڳتي وڌي رهيون هيون. نتيجي ۾ انهن قوتن سان گڏ ملڪ اندر تجارتي سرمايو پيدا ٿيڻ لڳو. جنهن ڪري معاشري ۾ سماجي تبديليون اچڻ لڳيون ۽ ان ڪري پيداواري ذريعن جون پراڻيون صورتون ختم ٿيڻ ۽ نوان پيداواري تعلقات قائم ٿيڻ لڳا. جيڪي سماج جي اوسر ۾ پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيا. صنعت ۽ تجارت جي واڌ جي ڪري، هتي پيداواري عمل کي وڌي هٿي ملي ۽ معاشرو تجارتي ۽ صنعتي طور تي پنهنجن پراڻين مقامي حد بندين کي ٽوڙي، اڳتي وڌڻ لڳو. نتيجي ۾ قومي منڊي وجود ۾ آئي. جنهن ڪري نون معاشرتي قدرن ۽ لاڙن جنم ورتو. مختلف نسلن ، گروهن ۽ قوميتن کي سماجي حالتن ۽ اقتصادي ضرورتن ، هڪبئي ۾ متحد ۽ مدغم ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. انهيءَ قومي ۽ معاشي وحدت سبب ،قومي ڪلچر، قومي زبان ۽ ادب جنم ورتو جنهن جي نتيجي ۾ قومي شعور ۽ حب الوطني پئدا ٿيا. سومرن جي دور ۾ عمر مارئي ۽ دودي چنيسر جون لوڪ ڪهاڻيون انهيءَ حب الوطني جي جذن ۽ قومي شعور جون علامتون آهن. انهيءَ سلسلي ۾ پروفيسر غلام علي الانا صاحب لکي ٿو تہ ” سومرن جون دور وطنيت جي جذبي ۽ خود قرباني جي لحاظ کان خاص اهميت وارو دور هو. ( جناب عبدالله مگسي- سہ ماهي مهراڻ – 2/ 1989).

پئسي جي فراواني سبب ماڻهن جو معيار زندگي بلند هو. مقامي ۽ پنهنجي حڪومت هئڻ ڪري ، هر فرد ائين سمجهندو هو تہ هي سندن ئي حڪومت آهي. ان ڪري ئي ٻاهريون جڏهن سنڌ تي حملو ڪندو هو. تڏهن هتان جو هر فرد ائين دشمن سان وڙهندو هو جڻ تہ هو پنهنجي ڪنهن ذاتي

شيءِ جي کسجي وڃڻ ڪري اڳئين سان وڌهي رهيو آهي. اهوئي سبب هو جو ان دور جو هر سنڌي ماڻهو سورمو ۽ سوڍو هو. ڇاڪاڻ ته هتان جي هر فرد ۾ قومي درد، سياسي سجاڳي، ادبي سرت ۽ معاشرتي شعورهو. هن زماني ۾ وڏي ۾ وڏي جنگ دودي واري لڳي، جنهن ۾ سنڌ جي هر ماڻهو پاڻ موکيو. اڳين صفحن ۾ انهن سوڍن ۽ سورمن جو تفصيلي ذڪر ڪيو ويندو. ڇاڪاڻ ته اهي ئي سورما اسان جي نمائندگي ڪن ٿا.

# پاڱو پهريون

## ( الف ) تعارف

تاريخ شاهد آهي تہ سونهاري سنڌ، دنيا جو واحد خطو آهي ، جنهن ۾ نسل انساني جي پيدائش، افزائش ۽ اتقا ٿي. انساني تهذيب جي شروعات ۽ نشونما ٿي. انساني تمدن هتان ئي جنم ورتو ۽ اوج تي رسيو. ٻيءَ دنيا ۾ ، آدم جو ٻچڙو اجا غارن ۾ رهندو هو جانورن وانگر ڍونڊ ڪائيندو هو تڏهن سنڌ جو انسان اعليٰ ۽ ملائم نفيس ململ سان پنهنجو تن ڍڪيندو هو ۽ پٿرن ، مٽي ۽ سرن سان ٺهيل پڪن جاين ۾ رهي، انسان ذات جي ڀلائي ۽ بهتري لاءِ طريقا سوچيندو هو. قديم آثارن جي ماهر مسٽر آر جي بير چيو آهي تہ " تاريخ جي دور کان بہ گهڻو اڳ، هن ملڪ جي گود ۾ انساني تهذيب ۽ تمدن جنم ورتو." ڊاڪٽر نوحا ايس ڪريمر لکي ٿو تہ " بيشڪ تهذيب ۽ تمدن جو سرچشمو جنهن مان سڄي دنيا سيراب ٿي ، علم ۽ عرفان جي وسعت ۾ قدم رکندي ، اڳتي وڌندي ويئي ، سا هن تاريڪ خاڪدان جي مرهون منت آهي، جنهن کي واديءَ سنڌ سڏيو وڃي ٿو." اخبار الحڪماءَ ۾ آيل آهي تہ " دنيا جي سيني قومن ۾ سنڌ علم و حڪمت جو سرچشمو آهي ۽ سنڌ عدل ۽ سياست جو پهريون مرڪز آهي. اسان جي ملڪ کان پري هئڻ ڪري سنڌ جا ڪتاب، جو اسان جي عالمن تائين گهٽ پهتا آهن. تاهم اسان وٽ جو ڪجهہ بہ آهي اهو تمام گهٽ حصو آهي." حضرت علي ڪرم الله رضہ ان ڪريِ ئي سنڌ جي سر زمين لاءِ چيو آهي تہ " هيءَ اها علم ۽ برڪت واري زمين آهي، جتان علم ۽ عرفان جو سج اڀري ٿو." قديم بابلي ادب ۽ تاريخ ۾ سنڌ کي سج اڀرڻ جو ديس سڏيو ويو آهي، جنهن ساري دنيا کي روشن ڪيو. نيپولين بونا پارٽ ، دريائي نيل کان سنڌ وندي تائين، واري خطي کي " دنيا جي دل" سڏبو آهي.

مورخ سنڌ جي شهرن جي رتصوير هن طرح چٽين ٿاتہ " هن شهر ۾ هر طرف سک ۽ سانت ۽ امن امان آهي. هتي ڪوبہ طاقتور ڪنهن ڪمزور کي ڪو اهنج رسائي نہ ٿو سگهي. هتي ڪوبہ پوڙهو نٿو سڏائي ۽ ڪابہ پوڙهي زال پوڙهي نہ چوائي. هتي جون نينگريون گهٽين ۾ گندو پاٽي بہ نہ ٽيون هارين. هتي ڪوبہ يتيم ٻار يا ڪابہ بيواهہ زال نہ آهي.هتي ڪو بہ شخص بيمار نٿو گذاري ، هتي ڪنهن کي بہ مٽي جو سور يا اڪين جو آزار نہ ٿو ٿئي. هيءَ زمين بهشت جي سرزمين آهي. "

ڊاڪٽر ايس ڪريم جو چوڻ آهي تہ ” هتي ماڻهو وڏن پڪن گهرن ۾ رهندا هئا ۽ شهر جو نظام نهايت ئي سڌريل هو ( سنڌي ) پنهنجي هم عمر ۽ مصرين کان وڌيڪ سڌريل ۽ تمدن هئا. “ سنڌ جي ئي هڪ عالم اونيسس خليج فارس پار ڪري , سمرين کي لکڻ, پڙهڻ , ترڻ, تير هڻڻ, ٻيڙيون جوڙڻ, ٻيڙيون هلائڻ, ٽانو ٽپا تيار ڪرڻ, ڪپڙو اُڻڻ, اڇو اجرو اوڍڻ ۽ سکي زندگي گهارڻ لاءِ, شهر اڏڻ جي سکيا ڏني.“ اهي ثبوت سامهون رکي , آرنلڊ ولسن چيو تہ ” بابل جي شهرت ۽ عظمت صرف سنڌ جي ڪري ئي آهي.“ ۽ نارمن برائون لکيو تہ ” مصر, فونيقيہ ۽ عراق جون تهذيبون, سنڌ جي ڪري ئي ترقي جي راهہ تي رسيون.“ ( اڳوڻين سنڌ جو پرڏيهي واپار – دادا سنڌي ۽ سنڌ جي طبعي تاريخ – نياز همايوني صفحو نمبر 5 ۽ 6).

هيءَ سرزمين , جيڪا مورخن جي لفظن ۾ ” بهت برين“ ۽ ” جنت الفردوس“ آهي, سا صرف پنهنجي تمدني ترقي, زرعي زرخيزي, دولت جي فراواني ۽ اعليٰ ڪلچر جي ڪري ٻاهرين جي لالچي ۽ حريصانہ نگاهن جو مرڪز رهي ۽ ان ڪري ئي هي ڌرتي جي سيني تي ڪيترن ئي عالمي لٽيرن ۽ ڌورن, پنهنجن لشڪري گهوڙن جي سنبن سان , هي متبرڪ سر زمين کي زتوويت ڪيو. تاريخ جو ورق ادب ۽ ڪلچر جو هڪ هڪ پنو گواهہ آهي تہ, سنڌ جي ٻچي ٻچي پنهنجي هن ڌرتي ماتا, جي پاڪ ۽ پوتر خاڪ تي , پنهنجا ڪنڌ ڪٽايا, پر پنهنجي جيئري هن سرزمين جو هڪ انچ بہ ڌارين جي حوالي نہ ڪيو. هتان جو حڪمران طبقو, جيڪو مقامي ۽ پنهنجو هو, تنهن عوام کي پاڻ ڪٽي سنڌ جي اميري, شاهوڪاري ۽ سالميت لاءِ ڪوششون ڪيون. سنڌ جا سومرا حڪمران بہ هن ئي ڌرتي جا سپوت ( سن آف سوئل) هئا, تن سنڌ جي سالميت, آزادي ۽ خودمختياري جي لاءِ جيڪي قربانيون ڏنيون, تن کين تاريخ ۾ منفرد مقام ڏيارو آهي. ڇا بزم ۾ , ڇا رزم ۾ , ڇا ادب ۾ , ڇا شاعري , ڇا ميدان جنگ ۾, ڇا قلم ۾, هتي جي هر مرد ۽ عورت , ٻار ۽ ٻڍي , پنهنجي ملڪ ۽ ملت لاءِ قربانيون ڏنيون. سومرا حڪومت جو باني امير سومرو ڀريون سردار هو, جنهن پنهنجي بهادري ۽ انتظامي صلاحيت سان حڪومت قائم ڪئي ۽ پوءِ هن جي پٺيان ايندڙ هر حڪمران , پنهنجي خانداني روايتن کي قائم رکندي, ٻني ۽ وني, ننگ ۽ وطن کي سڀ کان اعليٰ رکندي, هر قدم تي ان جي حفاظت ڪئي. سومرن جي انهن اعليٰ ڪارنامن جو رڪارڊ ” دودي چنيسر“ وارو عظيم رزميہ داستان آهي. جنهن کي سامهون رکندي اسان هن دور جي اعليٰ تاريخ ۽ تمدن تي فخر ڪري سگهون ٿا. ايندڙ صفحن ۾ هي داستان جي باريڪ تاريخي پهلوئن تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي.

## (ب) ”دودي ۽ چنيسر“ جي ڳالهہ جو پس منظر

” دودو ۽ چنيسر“ سنڌ جو اعليٰ رزمي داستان آهي. جيڪو اسان جي قومي غيرت، وطن دوستي، خلوص ۽ سچائي جي نمائندگي ڪري ٿو. هي داستان سنڌ جي ماڻهن جي جوان مردي، همت ۽ شجاعت کي نمايان ڪري ٿو. مقصد سان سچائي ۽ ملڪ جي سالميت لاءِ جان ۽ مال تہ ڇا پر ٻار ٻچا ۽ سارو خاندان قربان ڪرڻ اهڙي اعليٰ روايت آهي، جيڪا ﭘﻨﻴﺎن ايندڙ نسلن ۾ بہ ساڳيو جذبو، لاڙو ۽ شعور پيدا ڪري ٿي. سومرن جي دور جي هنن بهادرن، جن جي ثابتي اسان کي هن داستان مان ملي ٿي پاڻ کي قربان ڪري اسان لاءِ هڪ اڻ وسرندڙ سبق ڇڏيو. هن سوڍن، خاندان ۽ قبيلي سميت قربانيون ڏيئي، اهل سنڌ جي دلين تي اهڙو اثر ويهاريو جو اڄ تائين ڳوٺن ۽ وستين ۾ چارڻ ۽ ڀٽ ان واقعي جي آکاڻي ڳائي، هن روايتن کي زندهہ رکي سنڌ جي انهن بهادرن کي ساراهيندا اچن ٿا. ڀٽ ڌڻي رح چيو آهي تہ:

پنهونءَ ڪارڻ ﭘﺐ ۾، مر متو ڏيئي
تہ سرتيون سپيئي، واڪاڻيئي وينيون

دنيا جي هر ادب ۾ اهڙيون حڪايتون ۽ ڪهاڻيون صدين کان مروج آهن، جيڪي پشت بہ پشت ۽ سيني بہ سيني هلنديون اچن ٿيون. انهن ڪهاڻين ۾ بہ پهلو ڪارفرما ٿين ٿا. پهريون مذهبي جذبو ۽ لڳاءُ جنهن کي ” عقيدت “ بہ چيو وڃي ٿو ۽ ٻيو پهلو وطن دوستي ۽ قوم پرستي جنهن موجب ماڻهو پنهنجي ملڪ جي مانجهين ۽ساٽيهہ جي سورمن کي ساراهين ۽ پاڻ ۾ وطنيت جو جذبو جاڳائين ۽ پنهنجي مستقل ۾ تاريخي ۽ ثقافتي ورثي کي ورجائين ۽ ان کي چٽو ڪري چمڪائين. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ ” دودي چنيسر جي ڳالهہ سنڌ جي سورهين ۽ سورمين جي ڳالهہ آهي. هتان جي ڪوپن ۽ ڪونڌرن جي ڪٿا آهي ۽ سومرن جي دور جي ڪنڌارن ۽ ڪونڌرن جي ڪهاڻي آهي. سورهيائي جي جڳ مشهور ڳالهين مان هي هڪ ” وڏي ڳوري ڳالهہ“ آهي. هي سنڌ جو آڳاٽو مشهور ۽ مجيل جنگي داستان آهي، جيڪو نہ فقط ” سنڌ جي جنگ نامي“ يا رزميہ شاعري جو پڙ بياد آهي بلڪ دنيا جي ڪوپائي ڪٿائن ۾ هڪ وڏي ڪوپائي ڪٿا آهي. هي ڪو معنيٰ ۽مفهوم وارو جنگي داستان ناهي. بلڪ هڪ خاص ” دودن جو داستان“ آهي. هي هڪ ” شاهي جنگ جنگاهہ“ ۽ وڏو جنگ ڪيڏارو (ELIC AGZEAT) آهي، جيڪو پنهنجي اصليت، هئيت ۽ عام مقبوليت جي لحاظ سان انوکو ۽ بي مثال آهي.

سنڌ جي عام روايت موجب جيئن جڳ ۾ اڏائي قلندر آهن، تيئن وڏا جنگاهه ۽ جهيڙا بہ جهان ۾ ڪل اڏائي ٿيا. انهن وڏن جنگ ڪيڏارن مان هڪ جهيڙو امامن وارو ٻيو جهيڙو دودن وارو ۽ اڌ جهيڙو باقي سڄي جهان جي ٻين جنگين وارو. عام روايت آهي تہ " جڏهن الله تعاليٰ لڙائي جا ٻخرا هڻ ۾ جهليا تہ پهريائين امام صاحب جو روح آيو تہ اڻ آنا ڏنائين ان کي باقي رهيا چار آنا جيڪي مليا سڄي جهان کي ( سومرن جو دور – سنڌي ادبي بورڊ ص نمبر 4 ۽ 5). هن ما ن صاف ظاهر آهي تہ " دودي چنيسر " جي ڳالهہ سنڌ جو هڪ رزميہ داستان آهي، جنهن ۾ سنڌ جي هڪ دور جي تاريخ ۽ سورهين جي ڪارنامن جو وڏو ذخيرو موجود آهي.

سومرن جي 21 حاڪمن مان پونگر ثاني 14 حاڪم آهي، جيڪو 638هہ ۾ تخت تي ويٺو. هن بہ شاديون ڪيون هيون. هڪ ڏاڏي پوٽي سومري مان ۽ ٻي گجر خاندان مان سندس اولاد جو شجرو هن طرح آهي.




سلطان پونگر تخت تي وهڻ شرط حڪومت جو تختگاهہ وڳهہ ڪوٽ مان ڪٽي 26 ميل اتر اولهہ ۾ روپاهہ ماڙي شهر ٻڌائي اتي بنايو جيڪو وڳهہ ڪوٽ کان پوءِ ٻئي نمبر تي حڪومت جو تختگاهہ هو. هن شهر ۾ جيڪا بادشاهي محلات هئي، ان جا دروازا چاندي جا تهيل هئا ۽ انهي ڪري ئي شهر جو نالو روپاهہ ماڙي پئجي ويو. هن شهر جي پرسان ريڻ درياهہ وهندو هو. شهر ۾ سندس ٻي راڻي رهندي هئي. پونگر بادشاهہ جي حڪومت جو زمانو سومرن جي عروج جو دور هو. سندس سلطنت جي وسعت لاءِ چاٽايل آهي تہ اتر ۾ ديري غازي خان ، ملتان ، اُچ، پٽڻ، سبي، الور، سيوهڻ ۽ بکر تائين هئِي ۽ اڀرندي ڏانهن راجستان، لوڏير، ( لوڊاٽو) جيسلمير، ڍٽ ۽ پونگل ، بيڪانير، ٿر، برهمڻ آباد ۽ عمرڪوٽ تائين هئي ۽ ڏکڻ ۾ گجرات ، مالوه، ڪانياواڙ ڪڇ، وڳهہ ڪوٽ ۽ روپاهہ ماڙي ۽ الهندي ڏانهن ڪيچ مڪران ، لسٻيلو قلات، جهالا وان ڪاڇي ۽ اتر الهندي ڏي بلوچستان ۽ سبي کان ڦري

ديري غازي خان تائين هئي. سندس حڪومت جو رعب ۽ دٻدٻو، دهلي حڪومت تائين هو. ( سلطان دودو شهيد – غلام قادر ص نمبر 32).

سياسي سماجي ۽ معاشي طرح سنڌ خوشحال هئي. ماڻهو سکيا ۽ ريان ڪيان هئا, امن امان ۽ صلح سانت هئي. سياسي طرح سئو ارڪان تي مشتمل مجلس شوريٰ جي پارليامينٽ مقرر ٿيل هئي، جنهن جي صلاح مصلحت سان حڪومتي امور هلائبو هو.

ڀونگر بادشاهه 678هه ۾ وفات ڪئي. ان وقت سنڌ جي پارليامينٽ متفق راءِ تي فيصلو ڏنو ته پڳ دودي کي ٻڌرائي وڃي. حالانڪ چنيسر دودي کان وڏو هو ۽ حق ان جو هو پر چنيسر کي جڏهن تخت نشين ٿيڻ لاءِ چيو ويو ته هن چيو ته " ترسو مان امڙ کان پڇي اچان" ان راڄ ڪاوڙجي ڪانس پڳ کسي دودي جي حوالي ڪئي دراصل سياسي انتظامي ڪاروبار ۽ ملڪي مسئلا ايڏا ته منجهيل ،پيچيده ۽ جلدي حل طلب هوندا آهن، جو انهن کي طئہ ڪرڻ ۾ " گهروارن" جي راين ۽ ارادن کي دخل ڏنو وڃي ته پوءِ " هٽي رام جي حوالي" مصداق ٿي وڃي ٿي. ان ڪري سنڌ جي پارليامينٽ چنيسر کي زن مريد ۽ " ماءُ جو ٻالڪو" سڏي پڳ کان محروم ڪيو ۽ چنيسر جي ڪردارن مان ٻه ائين سمجهجي ٿو ته هن ۾ وطن پرستي، قوم پرستي ۽ خانداني وقار بنهه ڪونه هو. صرف لالچي ۽ اقتدار جو بکيو هو. بهرحال چنيسر ڪاوڙجي دهلي هليو ويو ۽ اتان علاوءُ الدين کي سنڌ تي چاڙهي آيو. جڏهن لشڪر هت پهتو تڏهن سومرن چيو ته " سياسي مصلحت تحت اسان چنيسر کي حڪومت ڏيون ٿا." ان تي علاوءُ الدين چيو ته " اوٺ موٺ جو خرچ ٻه ڏيو ۽ ٻاگهل ٻائيءَ جو سڱ ٻه ڏيو." هي ٻئي ڳالهيون ، سنڌ جي ثقافتي ۽ تهذيبي روايتن مطابق اڻ ٿيڻيون هيون، تنهنڪري سومرن علاوءُ الدين جي لکن واري فوج سان مقابلو ڪيو ۽ ان سان گڏ ڪيترن ئي سنڌي سوڍن ۽ سنڌ جي عوام سر قربان ڪري سنڌڙي جو سر مٿي ڪيو. هن جنگ ۾ علاوءُ الدين جو لکن جو لشڪر ختم ٿي ويو ۽ پاڻ ٻه دهلي جو هي بادشاهه ماٽيلي ۾ نو گوليون کائي مري ويو. سندس قبر ماٽيلي ۾ آهي، جنهن تي مقبرو اڏيل آهي.

## (ث) ” دودي چنيسر “ جي ڳالهہ تاريخي غلطين جي تحقيقي ڇنڊڇاڻ

هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ دودو چنيسر ، سنڌ جي تاريخ جو هڪ غير فاني باب آهي، جنهن جي اندر سنڌ جي روايتي شجاعت جو داستان آهي. جيڪڏهن تاريخ مان هن اهم باب کي ڪڍي ڇڏيون تہ نہ صرف سومرا دور پر سنڌ جي سموري تاريخ اڌوري، کوکلي ۽ نشنءِ تڪميل ٿي وڃي ٿي. سنڌ جي عظيم ۽ شاندار تاريخ سان سدائين هٿ چراند ٿيندي پئي رهي آهي. جڏهن بہ ٻاهريون حاڪم آيو آهي ، تنهن هتان جي ماضي جي تاريخ کي پنهنجي درٻاري مورخن کان لکرائي حقيقي سورمن جي ڪارنامن کي ميساري، هرويرو تيليءَ مان ٿنڀ بنايو آهي. پنهنجن ظلمن ۽ خوني ڪارواين کي انصاف ۽عدل جو لباس ڍڪي، خليفہ المسلمين جا خطاب ڏيئي، سنڌ جي ماڻهن کي ڪافر ۽ جهنم رسيد سڏيو. خاص ڪري فارسي، تذڪره نگارن ۽ يورپي مورخن سنڌ جي تاريخ سان ايڏو تہ ڦهر ڪيو آهي جو پير حسام الدين راشدي کي ساري زندگي انهن جي لٽ لاهيندي گذري. هاڻ وري اسان جا ڪي نوان وڏوان پئدا ٿيا آهن، جن کي سنڌ جي سموري تاريخ ۾ ڪفر ۽ الحاد ٿو نظر اچي. ساڳيءَ طرح سومرن جي هن رزمي ۽ جنگي ڪارنامي سان بہ ويڌن ٿيل آهي. ڪيترن ئي مورخن جي مبالغہ آميز روايتن ، غلط تاريخي بيانن ۽ شاعرانہ من گهڙت ڏٺن، هن شجاعتي ۽ تاريخي واقعي کي مشڪوڪ بنائي ڇڏيو آهي ۽ ان ڪري ئي گهڻن صاحبن هن کي هڪ من گهڙت قصو سمجهيو آهي.

جناب لطف الله بدوي لکن ٿا تہ انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ ” دودي چنيسر “ جو قصو شجاعت ۽ وطن پرستيءَ جو هڪ بي مثال داستان آهي. پر ان جي اندر ڪيتريون ئي غلط روايتون بہ گڏ ٿي ويون آهن. سومرن جي تاريخ جي غير مربوط ڪڙين کي ڏسي هٽ ڪٽي قبول ڪجي تہ دودو ۽ سندس والد پونگر، سلطان علاءُ الدين جو هم عصر هجي پر وطن دوستي جي جذبي ۾ هو تاريخي حقائق کان تجاوز ڪري ويا آهن. ( ڪليات خادم – مهاڳ – ص نمبر 21).

اسين هاڻي هن تاريخي ۽ رزمي قصي جي پس منظر جي ڪن پهلوئن تي روشني وجهي ، انگين اکرين سومرا خاندان جي هن غير تمندانہ ۽ وطن دوستي جي پاڪيزه جذبن سان پر داستان کي سچو ثابت ڪري سنڌ جي تاريخ جي هن اهم باب کي سونهري اکرن سان لکڻ جي ڪوشش ڪنداسون.

**الف:** هن قصي ۾ پهرين غلط ۽ بي بنياد روايت هيءَ آيل آهي، جيڪا هن واقعي کي مشڪوڪ بنائي ٿي ته دودي تي چڙهائي خود علاءُ الدين خلجي پاڻ ڪري آيو ۽ پيو ته هن جو موت سنڌ ۾نون سپاهين سان ماٿيلي ۾ ٿيو ۽ سندس قبر به اتي ئي آهي. جتي " نول گوري جي مزرا" سان مشهور آهي.

هن سلسلي ۾ عرض آهي ته دهلي جي حاڪم علاءُ الدين خلجي جو موت خود دهليءَ ۾ ٿيو ۽ سندس قبر به اتي ئي آهي. ان لاءِ مشهور مورخ فرشته پنهنجي تاريخ ۾ لکي ٿو ته " مشهور هي آهي ته بيماري ڏينهون ڏينهن وڌندي رهي، تان جو شوال جي ڇهين تاريخ سن 716هه ۾ وفات ڪيائين. ايڏو وڏو خزانو ڇڏيائين جو سلطان محمود بن سبڪتين کي به نصيب نه ٿيو." هنن لفظن مان صاف ظاهر آهي ته علاءُ الدين خلجي سنڌ ۾ ڪونه آيو ۽ نه وري هو هت مئو. ٻي ڳالهه " نول گوري" جي مقبري بابت آهي. ان سلسلي ۾ " تاريخ تحفتہ الڪرام" مان صاف خبر پوي ٿي. مير علي شير قانع لکي ٿو ته " ماٿيلو ڇهن قلعن مان آهي. درگاهه سلطان نول غوري جي اهل الله جي طواف جي جاءِ آهي، جتي اهل الله جو گروهه اچي گڏ ٿئي ٿو." هن لفظن مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جي عوام نول غوري کي ڦيرائي ، نول گوري ڪري، انچي پوئتان هڪ عجيب من گهڙت ڳالهه منسوب ڪري " دودي چنيسر" جي عظيم رزميه داستان کي مشڪوڪ بنائي ان جي تاريخي اهميت کي ڌڪ رسايو.

**ب:** عام طور وري هينئن چيو وڃي ٿو ته " علاءُ الدين پاڻ نه آيو پر سندس هڪ سپهه سالار ، سالار خان نالي ، بادشاهه جي طرفان وڏو لشڪر وٺي سنڌ تي ڪاهه ڪري آيو. پر هي روايت به غلط آهي. اسان جو قومي شاعر حضرت شاهه عبداللطيف رح سنڌ جي تاريخ جو محافظ آهي. سندس رسالو سنڌ جي تاريخ جو ماخذ آهي.ڀٽ ڌڻي رح جي هي عادت آهي ته هو سنڌ جي بهترين دور جي روايت کي زندهه رکڻ لاءِ چند مثالن کي وٺي انهن کي پنهنجي شاعريءَ جي قالب ۾ پيش ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح ڀٽ ڌڻي رح هن بيت ۾ سومرن جي حب الوطني ، همت، غيرت ۽ قومي ڪردار کي محفوظ ڪيو آهي. شاهه صاحب پنهنجي هڪ بيت ۾ چيو آهي.

عالادين آڻيو ڪٽڪِ چِل ڇڳير
ڪنهن ڪين همتيو ڪان جهليندو ڪير
سومرين ساه ڪنئي، ابڙي ڪئو اٽ پير
هو سهائين مير، پر مستوراتن مارايو

شاهه عبداللطيف رح جو هي هڪ حوالو " هڪ رانجهو لکان جيها" جي مصداق سالار خان واري روايت کي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي ته اهو بادشاهه علاءُ الدين هو. هاڻي سوال ٿو اٿي ته علاءُ الدين ڪهڙو؟ خلجي علاءُ الدين ته دهلي ۾ مئو.

**تحقيقي چنڊڇاڻ:** عرض هي آهي تہ دودي چنيسر واري رزمي داستان ۾ آيل علاءُ الدين هو جنهن چنيسر جي چوڻ تي سنڌ تي ڪاهيو هو. وقت ۽ واقعن جي مناسبت سان اها راءِ بيشڪ وزندار ۽ ڌيان طلب نظر اچي ٿي. ( شمشير الحيدري – ماهوار نئين زندگي جون جولاءِ 1970ع) ص نمبر 173).

هن موضوع تي سنڌ جي تاريخ جي هڪ ڄاڻو ۽ عالم مير حاجي محمد بخش ٽالپر ( مرحوم) هڪ جامع مضمون ٽماهي مهراڻ 4 /1967 ۾ لکيو هو جنهن ۾ هن انگين اکرين ثابت ڪيو تہ اهو علاءُ الدين ترم شيرين هو جيڪو اصل سمر قند ( ايران) جو حاڪم هو. جنهن 727هہ مطابق 1326ع ۾ سنڌ تي ڪاهيو هو. تاريخ فرشتہ جو صاحب لکي ٿو تہ " ترم شيرين خان بن دائود خان ، حاڪم الوسد چغتائي ، سامانن جو بادشاهہ هو سو ڪثير فوج وٺي ، هندستان کي فتح ڪرڻ جي ارادي سان 727 هہ ۾ مملڪت هند ۾ داخل ٿيو. لعنان ۽ دهلي تائين ملڪ کي تخت ۽ تاراج ڪيائين دهلي جي ٻاهران ميدان کي پنهنجو لشڪر گاهہ بڻايائين. سلطان محمد بن تغلق کيس نقد هيرا جواهر ڏيئي، خوش ڪري روانو ڪيو. پر گجرات طرف وڃي ڦرلٽ ڪيائين ۽ ماڻهن کي غلام بڻايائين. پوءِ سنڌ ۽ گجرات جي علائقي کان صحيح سلامت غنيمت جو مال کڻي واپس وطن وريو. ( تاريخ فرشتہ جلد نمبر 269).

مولانا ابو ظفر ندوي لکي ٿو تہ " محمد بن تغلق جي تخت نشيني کان ہہ سال پوءِ علاءَ الدين ترم شيرين ، هندستان تي ڪاهيو جنهن کي محمد بن تغلق ، زر ۽ جواهر ڏيئي رخصت ڪيو. ان کان پوءِ خان موصوف مارواڙ ۽ گجرات ۾ ڦرمار ڪري سنڌ رستي پنهنجي وطن وريو. ( تاريخ گجرات ص نمبر 280).

دودي چنيسر جي تاريخي قصي ۾ جنهن علاءُ الدين جو ذڪر ڪيو ويو آهي. سو اهو ئي علاءُ الدين آهي جنهن کي چنيسر مال دولت ۽ ٻانهن جي لالچ ڏيئي دهلي مان خيمہ زن واري حالت ۾ سنڌ تي چاڙهي آيو. علاءُ الدين آيو ئي هندستان ۾ ڦرلٽ ڪرڻ ۽ مال ميڙڻ جي خيال سان هو. سو هن کي جڏهن سنڌ جو ڄاڻو ۽ پنهنجي ئي ڪڙم جو ويري مليو ويو ڪنهن جي مکڻ مٿي پئي تہ سينڌ ڪانہ ٿي سڙي. " يڪ نہ شد و شد" هڪ ئي وقت سندس مٺ ۾ ٻہ گدرا ٿي آيا سو دهلي مان ٻانهون ڪنجي سنڌ روانو ٿيو. جناب مير محمد بخش صاحب جو رايو آهي تہ " چنيسر سلطان علاءُ الدين کي دهلي ۾ دم دلاسا ڏيئي گجرات جي راهہ کان سنڌ ۾ آندو جڏهن تہ سلطان کي دهليءَ جو بادشاهہ ڪري مشهور ڪيو ويو . اهي انهي طرح اسان جي تاريخي ۽ نيم تاريخي ڪتابن سلطان علاءُ الدين جي نالي کان انڪار ڪري ، هڪ مشهور روايت کي غلط قرار ڏنو آهي. اسان جي خيال موجب سلطان علاءُ الدين ترم شيرين جي هٿان دودو سومرو 427 هہ مطابق 1327 ع ۾ شهيد ٿي ويو ۽ ڪوبہ سبب

ناهي جو اسان سلطان علاءُ الدين ۽ دودي سومري جي قصن ۾ علاءُ الدين جي ڪردار کي فرضي سمجهون." ( سلطان علاءُ الدين ۽ سومرا – ٽماهي مهراڻ 4 / 1967ع)

هنن بيانن مان صاف ظاهر ٿيو ته دودي سومري جو هي رزميه داستان واقعي تاريخي ۽ تحقيقي نوعيت جو آهي ۽ هنن سوڍن برابر قربانيون ڏنيون. جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاف لکيو آهي ته " دنيا جي مختلف ملڪن جي تاريخي ماخذن تي نظر ڪبي ته معلوم ٿيندو ته ڪن اهڙن ڪنهن قصن ۽ داستانن جي مطالعي مان تاريخي نتيجا مرتب ڪيا ويا آهن. جيڪي دودي چنيسر جي ڳالهه جي پيٽ ۾ جڙ ڏند ڪٿائون آهن. انهن جي پيٽ ۾ دودي چنيسر جي ڳالهه جو پس منظر تاريخي آهي ۽ نه ڏند ڪٿائون . ان جا مکيه تاڻا ۽ اهڃاڻ محض افسانوي نوعيت جا نه آهن. بلڪ تاريخي اهميت رکن ٿا. ان جا مکيه ڪردار به محض خيالي نه آهن. بلڪ تاريخي حيثيت رکن ٿا. ٻين ملڪن ۽ ٻولين ۾ رائج قصا ۽ داستان جن کي تاريخي ماخذ تسليم ڪيو ويو آهي، سي فقط ڪن هڪ ٻن روايتن ذريعي محفوظ رهيا آهن جن کي اڳاٽو ڪنهن منظوم ڪيو يا انهن جي خاڪي کي لکيت ۾ آندو. پر دودي چنيسر جي ڳالهه سيني به سيني مسلسل طور هلندڙ عوامي روايت جو بهترين مثال آهي. ٻين ڪوپائي ڪٿائن وانگر هي ڪنهن خاص شاعر جو منظوم ڪيل قصو ناهي پر عوام جو عام مقبول داستان آهي. اڳاٽي وقت کان وٺي هي ڳالهه هڪ عوامي ڳالهه اسري ۽ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مشهور ٿي. ان بعد هر دور ۾ هن کي جدا جدا راوين زباني طور بيان ڪيو. ملڪ جي مختلف ڀاڱن ۾ سگهڙن ۽ شاعرن کي نثر ۽ نظم واري گڏيل سٽاءُ ۾ سينگاريو. هنرمند قصه خوانن ان کي عام ڪچهرين ۾ ڳايو وڄايو ۽ عام توڙي خاص ان کي دل سان ٻڌو ۽ ساراهيو. هي ڳالهه نه فقط ڪنهن خاص دور ۾ بيان ڪئي وئي، پر جيئن ئي اها ، سومرن جي اوائلي يا وچين دور جي تاريخي واقعن مان اسري نسري ته مسلسل طور ڪنئي ۽ ڳائي ويئي ۽ اڄ ڏينهن تائين ڳائجي پئي هن دور ۾ جيڪا ڳالهه هلندڙ آهي ، تنهن جون روايتون به ڪم از ڪم گذريل سون ورهين کان وٺي هلنديون آيون آهن. ( سومرن جو دور – ص نمبر 9 ۽ 10)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي هيءَ عالمانه راءِ ۽ ٻين محققن جي بيانن مان پروڙ پوي ٿي ته هي جنگ اسان جي تاريخ جو قومي سرمايو آهي ۽ سنڌ جو هي دليرانه ۽ شجاعتي ڪارنامو اقوام عالم جي تاريخ ۾ سونهري اکرن ۾ لکڻ لائق آهي . دراصل اسان سنڌي احساس ڪمتري جا مريض آهيون . ٻارهين جي چمڪ ڌمڪ ٺٽ ٺانگر ۽ ڪوڙي اڊمبر کان جلد مرعوب ٿيندا آهيون. لڪير جا فقير بنجڻ اسان جي عادت آهي. اکيون ٻوٽي ٻين جي ڪڍ لڳي پوڻ به اسان جي عادت آهي. پٺي ورائي اسان پنهنجي سڄڻ جي سڏ کي ٻڌڻ اسان سکيا ئي ڪونه آهيون. اسان ذاتي مفاد جا غلام آهيون ۽

اهوئي سبب آهي جو ”جيئري لاءِ ٻکري کھڻ“ وقت اسان کي کھڪاءُ ڪونه اچي. اسين پنھنجن جا ترا ڪيڻ وارا آهيون ۽ شير شاهه جا شڪرا بنجي گھر جا ڪڪڙ مارڻ اسان لاءِ سولو آهي. جي ائين نه هجي ها ته اسان ڇوپلا پنھنجي اعليٰ پائي جي ڪارگذاري ۽ ڪارنامي کي پلايون ها ۽ نه وري ان کي ڪو ڪوڙو افسانو يا من گھڙت ڳالهه تسليم ڪريون ها. ننگن تي سر ڏيئڻ ۽ وطن لاءِ جان قربان ڪرڻ مڙسن جو شيوو آهي. جوانن جو شان آهي. بي غيرت ۽ پاڙيو پانڌي هوندو آهي ۽ سنڌ جي روايت آهي ته سنڌ واسي سدائين چوندو آهي ته

وڍيو آهين ته ويھه، نه وٺيو وڃج واٽ تون

هيءَ تنين جو ڏيھه، جو جن جھونا ڳڙهه جلايو

”گريزد از صف ماهر که غوغا نيست

کسه که کسته نه از قبيلۀ مانيست“

” يعني پاڙيو اسان جي صفن مان ڀڄي وڃي ۽ جيڪو سر اڏي تي رکڻ لاءِ تيار نه آهي سو اسان جي ڪٽنب مان نه آهي.“

## (ج) سومرن جي دور جا سورما

پوين صفحن ۾ اسان سومرن جي علاءُ الدين سان جنگ جو تاريخي ۽ تحقيقي تجزيو پيش ڪندي هي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ سنڌ جي تاريخ جو هي عظيم داستان سچو ۽ تاريخي آهي، جنهن ۾ ذري برابر جو بہ شڪ ڪرڻ گهٽ ۾ گهٽ سنڌي قوم لاءِ تہ نقصانڪار آهي. دراصل دودي ۽ علاءُ الدين جي هي جنگ آدرشي لحاظ کان سنڌ لاءِ مها ڀارت واري جنگ جو درجو رکي ٿي، جنهن جا سورما، سندس جوش ۽ جذبو سنڌ لاءِ بيحد مقدس آهي. واقعياتي لحاظ کان پنهنجن ملڪي معاملن ۾ ٻاهرينءَ دست اندازي خلاف سومرن جي هي جنگ قومي غيرت ۽ خودداري ، وطن دوستي، دليري، سچائي ۽ قرباني جو زبردست ڪارنامو آهي. ( شمشير الحيدري – ماهوار نئين زندگي جون جولاءِ 1970ع صفحو نمبر 179).

ٻاهران ايندڙ لٽيري حاڪم جا سڀ شرط مڃڻ سنڌ جي آزادي، ناموس ۽ قبيلي جي روايات جي خلاف هئا. جڏهن سومرن دشمن سان وڙهڻ جو اهو فيصلو ڪيو تہ ڪين نتيجن جو پورو پتو هو. هنن وٽ گهٽي ۾ گهٽ چار پنج هزار ماڻهو هئا، جن کي هٿيار مهيا ڪري ڏيڻ بہ ڏکيو ڪم هو. هوڏانهن دهليءَ جي حڪومت ويهہ هزار لشڪر، گهوڙن ، سٺن هٿيارن ۽ تربيت يافتہ سپاهين سان مقابلو ڪرڻو هو. اها غير مساوي طاقتن جي لڙائي هئي. کٽڻ جو ڪوبہ امڪان ڪونہ هو. ان ڪري هنن پنهنجا ٻار ٻچا ۽ زالون، ڪڇ ۾ ابل ابڙي سمي ڏي ڏياري موڪليون ۽ پاڻ مڙس ٿي مقابلي لاءِ تيار ٿيا. هاڻ سوال اٿندو تہ هنن حالتن مان واقف هوندي بہ ڇاڻي واٽي ڇو موت ۾ منهن ڏيڻ قبوليو. ان جي جواب ڪي صرف اهي ماڻهو سمجهي سگهندا جي قومن جي قومي ڪردار مان واقفيت رکندا هوندا. ان وقت سنڌي ڪردارن ۾ ڪي خاص خصوصيتون پيدا ٿي ويل هيون. جهڙوڪ (1) حب الوطني (2) قومي روايات (3) غيرت (4) آزادي جي هوا (5) انصاف . سومرن جي جنگ ۾ اهي پنج ئي خصوصيتون موجود آهن. جي هنن سگ ڏيئي جان ٿي آزاد ڪرائي تہ سٺن پيڙهين کي ٿي لڄايائون، جي ڌارين جي حڪم حاڪم تي پنهنجي پسنديده حاڪم کي گادي تان لاٿائون ٿي تہ اها ڳالهہ سندس غيرت ۽ همت خلاف هئي، انڪري هنن وطن جي عزت، آزادي، روايات جي برقرار رکڻ خاطر سر ڏيئي سرهو ٿيڻ کي ترجيح ڏني ۽ گيدي جي حياتي کان عزت واري موت کي پسند ڪيو. امام حسين عليہ السلام جي بہ ساڳي حالت هئي. سندس طرف 70 ماڻهو زالن ٻارن سميت هئا ۽ يزيد طرف هزارها لشڪر هو. پر

**سر داد نہ داد دست، بردست يزيد**

**يعني ” سر ڏيڻ وڏيڪ پسند ڪيائون، بنسبت يزيد اڳيان بيعت ڪرڻ جي. “**

**هنن بہ حسيني تي هلندي، فنا تي وڃڻ کي وڏيڪ پسند ڪيو. اهڙي طرح هنن سنڌين جي روايات ، غيرت ۽ حب الوطني کي زندهہ رکڻ لاءِ پاڻ کي قربان ڪرڻ پسند ڪيو. سومرن مان اڪثر مرد ميدان تي مارجي ويا، سندن رهيل عورتن لاءِ چوڻ آهي تہ دشمن جي هٿ هيٺ اچڻ کان راجپوتي دستور مطابق پاڻ جلائي ` ڇڏيائون. ڪن جو چوڻ آهي تہ زمين ڦاٽي پئي ان ۾ گهڙي ويئون.“** ( سنڌ جا سورما، جي ايم سيد ص نمبر 32).

**هن مختصر تمهيد کان پوءِ ، سومرن جي هن دور ۾ واقعي سان واسطو رکندڙ مرد خواهہ عورت، سورمن ۽ سورمين جو تفصيل سان ذڪر ڪجي ٿو جن جون قربانيون اسان جو سونهري باب آهن ۽ نئين نسل لاءِ روشني جو مينار آهن.**

# 1- مرد سورما:

**( الف) دودو سومرو:**

دودو سومرو اسان جي تاريخ جو عظيم جرنيل ۽ سورهيه سپاهي آهي، جنهن اسان جي قومي آزادي لاءِ قرباني ڏني. دودو سونهن ، سياڻپ ۽ سورهيائي جو مجسمو هو. حب الوطني ۽ قرباني جي جذبن سان سرشار مکيه سورمو هو. اسان جي قومي ڪردار جي بهترين نمائندگي ڪري ٿو. سندس جنگي ڪارناما وطن جي راهه ۾ سرفروشي ۽ قرباني جي عوامي جذبن جي صحيح ترجماني ڪن ٿا. دودو سنڌ جو هڪ لافاني، لاثاني ۽ قومي هيرو آهي. هو محب وطن ۽ وطن پرست انسان آهي. جڏهن ڪي وزير ڪيس صلاح ڏين ٿا ته علاءُ الدين جا مطالبا مڃي سنڌ ۽ سنڌين کي آزاد ڪرائي ته هي غيور فرزند چوي ٿو ته" سنڌ جي تاريخ انسانيت جو هڪ شرف ۽ مقدس ڪتاب آهي. هي ملڪ پنهنجي علمي ، اخلاقي ۽ تمدني روايتن جي باعث دنيا جي سامهون جهڪڻ لاءِ پيدا ڪونه ٿيو آهي. ( دودو چنيسر – (ڊرامو) لطف الله بدوي ص نمبر 35)

دودو سنڌ جي حاڪم پونگر جو پليڻو پٽ هو. دودي جي معنيٰ آهي پيار ۽ هو سيني کي پيارو هو. هڪ ته هو تاجي پيٽي پٽ هو. " دودو سڄو ئي سون ، جنهن کي ريهه روپي جو ناهه ڪو." ۽ ٻيو ته مڙس نه پنج هٿيو پهلوان، ڪوپو، قدآور ۽ دل جو بهادر هو. اڃان جواني کي ئي مس پهتو ته دهليءَ حڪومت جو هڪ جرنيل محمد خان پٺاڻ ، سومرن جي سرحد ٽپي آيو. جنهن جي مقابلي لاءِ سلطان پونگر شهزادي دودي کي موڪليو جنهن محمد خان کي شڪست ڏيئي قيد ڪيو. جيڪو تيستائين قيد رهيو جيستائين سلطان چنيسر تخت تي ويٺو جنهن پنهنجي سالي محمد گجر جي سفارش تي هن کي آزاد ڪيو. ( سلطان دودو شهيد – غلام قادر سومرو ص نمبر 32).

دودو پڙهيل ڳڙهيل ، هوشيار ۽ علم دوست هو. مطالعي لاءِ ڪتاب سدائين هٿ ۾ هوندو هئس. هن گادي تي ويهڻ شرط باغ رکايا، شهر آباد ڪرايا، راڄ رهايا، رستا ٺهرايا ۽ مسافرخانه تعمير ڪرايا. سندس شاهي باغ جو نالو " لکي باغ" هو. سندس دربار وارو ڪوٽ " ٻانگ ڪوٽ" سڏبو هو. سندس روپا شهر تي راز هو. انکي آباد ڪيائين ۽ پري پري کان ماڻهو لڏائي اتي رهائي ، کين هر قسم جي سهوليت ڏنائين. هن پنهنجي دربار قائم ڪئي، جنهن کي اڄ جي زبان ۾ قمي اسيمبلي سڏجي ٿو.

هڪ خاص ڪابينه تشڪيل ڏنائين جنهن ۾ ساهڙ سومرو، حيدر سومرو، ٻارڻ، ٻاڳو ٻان، دوسو مير، مم ڳاهو ۽ ممگهه موڊائي اچي وڃن ٿا.

دودو سومرو هڪ فرمانبردار پٽ، وفادار ڀاءُ ۽ پارليماني امور ڄاڻيندڙ سياستدان هو. جڏهن پونگو جي مرڻ کان پوءِ پڳ جو معاملو پيش آيو تڏهن سومرن جا 16 پاڙا ۽ ٻا راڄ ۽ قبيلا جهڙوڪ جاڙيجا، پتي، گجر، چنا، ابڙا، راڄڙ، ٿهيم ۽ سوڍا وغيره اچي گڏ ٿيا ۽ دودي کي پڳ ٻڌايائون. پر هو هڪ وفادار ڀاءُ وانگر، راڄ کي چئي ٿو ته ” پڳ چنيسر مير جي ٻڌندو منهنجو ڀاءُ“. پر راڄ جي زور پرڻ تي هو پارلياماني امور ۽ سياسي مصلحت جو لحاظ ڪندي ڳالهه قبول ڪري ٿو پر چوي ٿو ته ” جي پاڳ منهنجي ته واڳ چنسر جي“. جڏهن تخت نه ملڻ تي چنيسر ڪاوڙجي دهلي ڏانهن وڃي ٿو ته هو خاندان ۾ ڏقيڙ ۽ ملڪي امن امان جو ويچار ڪندي چنيسر کي منٿون ڪري چوي ٿو ته :

ادو ٿي، ابو ٿي، تنهنجي مرم ڀانيان ماءُ

ڏونئرو ڏٽ پسيءَ ۾، توکي ڀانيان ڀاءُ

هن مان دودي جو بلند ڪردار اخلاق جي بلندي ۽ انسان دوستي نمايان ٿئي ٿي. پر جڏهن دشمن ڪاهي ٿو اچي تڏهن هو شينهن بنجي پوي ٿو. جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سندس جنگ ڪرڻ جو نظارو هينئن چٽي ٿو ” دودو سيني جو ڏيڍ ۽ پرجهلو هو ۽ سندس آڏار ۽ آسري تي ٻين پئي جنگيون ڏنيون. جڏهن ٻيو ڪو باقي نه بچيو تڏهن دودو رڪ جو سندرو ٻڌي چڙهيو. دودو دلير ۽ دلاور هو. ڪوپو ۽ ڪنڌار هو. جڏهن دودو جنگ تي چڙهيو ته سندس حشمت ۽ هيبت کان بادشاهي لشڪر جا هيانءُ ڪاچي ويا. دوس چڙهيو ته پنهنجو ٿهانگ هٿيار ڪٺي چڙهيو جنهن ۾ ست ترارون سمٿيل هيون. دودي کي ” ست هٿيار سومرو“ ٿي سڏيائون جو جنگ جي ميدان ۾ ٻين جي پيٽ ۾ جڻ ست هٿيار پئي وڙهيا ۽ جتان ٿي شاهي فوج ۾ پيو اتان جڻ ته پها ڪيدي ٿي ڇڏيائين. جڻ ته درياءَ اٿلون ڪري پلٽي ٿي پيو ۽ مخالف لشڪر کي ٻنهي ڪنڌئين ٻوڙي ٿي ڇڏيائين. دودي جي مقابلي جي ڪنهن کي به جرئت ڪانه ٿي. پهرين جنگ ۾ دودي رڻ آجو ڪري ڇڏيو جو مخالف لشڪر کي ختم ڪري ميدان صاف ڪري وڳهه ڏي موٽي آيو. ان کان پوءِ پنهنجي طاقت ڄمائڻ خاطر دودي چڙهي اچي علاءُ الدين جي ڇانوٽي جي ويجهو پنهنجو لشڪر گاهه قائم ڪيو ۽ اتان جنگ جي ٻارهين ڪوهين ميدان ۾ اچي لاڳيتيون لڙائيون لاتائين. اهڙي طرح دودو چوڏهين چنڊ وڙهيو ۽ علاءُ الدين جي لشڪر جو وڏو حصو مارجي ويو پر شاهي لشڪر کٽڻ جو ڪونه هو. آخري جنگ ۾ دودو ڪفن پائي گهڙيو ۽ جوش مان حملا ڪيائين تڏهن سيني کي حرفت ڏسي جنهن دودي جي جسم ۾ پڻ ڀالا چڙهي پيا ۽ دودو زخمي ٿي پيو. چنيسر ڪيس پاٽي ڏنو پر دودي چيس ته ” تنهنجو پاٽي ڪيئن

پيان، جو منهنجا ٻيا سڀ نيرانا لڏي ويا باقي مونکي سولو ڪري سجدي ۾ ڪر". چنيسر ڪيس سجدي ۾ ڪيو ۽ اتي ئي سندس پساهه پورو ٿيو. ( دودو سومرو – ص نمبر 80. )

اهو واقعو جمعي جي منجهند جو ٻن پهرن ، ڏهين محرم سن 700هه بمطابق سن 1300 ع ۾ ٿيو.

اهڙي طرح دودي وطن جي بقاءَ خانداني غيرت ۽ پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت جي زرين اصولن جي پاسخاطري ڪندي، پاڪيزه جذبي ۽ جوانمردي سان سر قربان ڪيو.اهو ئي سبب آهي جو سندس شهادت واري واقعي جو پوري سماج اثر قبول ڪيو. ڪڙمين ، ڪاسبين ، پنهوارن، ٻڪرارن، ڏنارن ، ڪنيرن ، لوهرن ، سمن ، سهتن ، گجرن ، راٽن ڪورين ، موچين ۽ مردن توڙي عورتن جو پنهنجي حاڪمن جي شهيد ٿي وڃڻ ۽ ماتم ڪيو ٿو ڏسجي. دودي جي شهادت رياست جي حاڪم جي شهادت ڪانه هئي، پر اها شهادت سڄي معاشري جي ساٿ ڏني سرواڻ جي شهادت هئي ڇاڪاڻ ته اها ويڙهه سلطنت شاهي جي طاقت ۽ استحصال خلاف پورهيتن هنرمندن ۽ واپارن جي اتحاد وطنيت ۽ قومي ثقافت جي جنگ هئي ( عبدالله مگسي صاحب _ ٿماهي مهراڻ – 1989 / 2 ص نمبر 81).

اسان وٽ هڪ عام چوڻي آهي ته :

" دودو ڏوڙ، چنيسر ڇاڻي، هن جي ڪسر هن ۾ آئي. "

مان عرض ڪريان ٿو ته " دودي ڏارين سان لڙي ، اسان جي وطني آزادي ۽ قومي غيرت جي نعمت کي برقرار رکيو. علاءُ الدين سان جنگ ڪري پيڻ جو سڱ ٻئي ڪڙم ۾ نه ڏيئي هن خانداني غيرت ثقافتي ۽ تمدني برتري جي عزت ۽ عظمت جي پاسخاطري ڪري آخر کهڙو ڏوهه ڪيو جو اسان ڪيس سونو تاج پهرائڻ يا عزت سان نالي وٺڻ جي بدران " ڏوڙ" جو لقب ڏنو. "ڏوڙ" لفظ جي معنيٰ تي غور ڪبو ته هنجون انيڪ معنائون ملنديون مثلاً بيووقوف، ڇسو بزدل، ڊڄڻو ڪانئر ، ڪمزور، گيدي ، ٻاجوڪڙ وغيره. مون کي ٻڌايو وڃي ته ان مان هڪ به لفظ دودي جي سورهيائي ، سياڻپ، غيرت ۽ بهادري لاءِ مناسب آهي. دراصل اها چوڻي به انهن جي گهڙيل آهي، جن سنڌ جي تاريخ کي غلط انداز سان لکيو آهي ۽ اسان سنڌي روايتي طور اکيون ٻوٽي دشمنن جي ڪڍ لڳڻ وارا آهيون . دراصل سنڌي ڪيڏا نه ڪوتاهه انديش ۽ احسان فراموش آهيون جو پنهنجن محسنن جي عظيم ڪارنامن کي ڀلائي مٿن آڱريون کڻڻ ۽ لفظ ڪيڻ شروع ڪريون ٿا. اهو ظلم اسان دودي سان نه ٿا ڪريون پر پنهنجي تاريخ ۽ تهذيب سان پيا ڪريون. صديون گذري آهن مادر وطن سنڌ لاءِ جيڪو ڪردار دودو سومرو ادا ڪري ويو آهي ان جو مثال اجا تائين ملڻ مشڪل آهي. جڏهن به سنڌ جي ڌرتي لاءِ غيرت

۽ حميت ، شجاعت ۽ همت ، شان ۽ مان جو سوال آيو آهي، تہ سواءِ دودي سومري جي ٻو ڪنهن بہ سورهيہ جو مثال ذهن ۾ نہ ٿو اڀري. ( وڌيڪ جا وريام – مقدمو ابن الياس سومرو ص نمبر 32).

## 2 – ننگر سومرو

ننگر سومرو چنيسر جو پٽ ۽ ڀونگر جو پوٽو هو. دودي سومري پنهنجي نياڻي ڪوئل جو ساڻس مڱڻو ڪرايو هو. اهو مڱڻو دودي جي تخت تي وهڻ کان چند ڏينهن پوءِ ٿيو هو. ننگر عام طور پڙهيل ڳڙهيل ، سگهڙ سياڻو ۽ دلير ڳڀرو پٽ هو. خانداني رت ۽ غيرت منجهس موجزن هئي، جيڪا سنڌ جي ثقافتي وٽ ۽ املهہ دولت آهي. جڏهن علاءُ الدين سنڌ تي ڪاهہ ڪري آيو ان وقت سندس عمر چوڏهن سال هئي. هن جي شادي جون رٿون ۽ تياريون ٿي رهيون هيون. موڙ سندس منهن تي سجايل هئا. ميندي رتا هٿڙا هئا ۽ ٻانهن ۾ ڳانا ٻڌل هئا. هو خود دار ، بهادر ۽ بيباڪ نوجوان هو. ڪيس نهرو يا " ننگر راو نهرو " چوندا هئا. سومرن پنج سئو ماڻهن مان ايلچي ڪري ڪيس دشمن جي درٻار ۾ موڪليو. جڏهن هو درٻار ۾ پهتو تڏهن چنيسر اٿي ڪيڪاريس. مگر سنڌڙي جي هن غيور فرزند جواب ڏنو تہ " جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي وطن جو ويري بنجي ديس ۽ سيڻ ڌارين وٽ وڪڻي تنهن کي عزت ڏيڻ ملڪ ۽ ملت سان وفاداري جي خلاف آهي. " علاءُ الدين سندس واتان اهڙا سورهيائي جا لفظ ٻڌي حيران ٿي ويو ۽ چيائينس تہ اوهان جو جذبہ وطن پرستي ڏسي مان ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. تخت چنيسر کي ڏيو يا نہ پر ٻاگهيءَ جو سڱ اسان کي ڏيو. " بهادر ۽ غيور ننگر جواب ڏنو تہ " اوهان کي ياد رکڻ گهرجي تہ اسان جي رڳ رڳ ۾ عزت ۽ غيرت جو خون ڇوليون هڻي رهيو آهي. اسان ڪڏهن بہ عزت جو دامن هٿان نہ ڇڏيندا سون. اسان جو مٽيون مائٽيون پنهنجن قبيلن تائين محدود آهن، سو وري ڌارين کي ڏيئرون ڀينرون ڪيئن ڏيندا سين. وطن ۽ ننگ هر ڪنهن کي پيارا آهن. وني ۽ ٻني تان هي هڪ جان تہ ڇا پر اهڙيون هزار جانيون قربان ڪرڻ اسان جي روايت آهي. "

ظاهر آهي تہ گيدي ۽ بزدل دشمن اهي لفظ ٻڌي ڪوڙيو هوندو ۽ ٿيو بہ ائين علاءُالدين کي باهہ وٺي وئي ۽ باقاعدي جنگ جو اعلان ڪيائين. جنهن سنڌي سورمي پهريون ساڻس جنگ لڙي اهو ننگر ئي هو. ساڻس گڏ دودي جو پٽ منگر، ڪاهيو ڄام ڇٽو ڄاڙيجو سوائي سوڍو، سر ڪنڌ سوڍو ۽ ڀاڻس محمد ۽ سندس ٻيا فوجي جرنيل وڙهيا. جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب ننگر جي جنگي صلاحيت ۽ بهادرانہ ڪردار جو نقشو هينئن چٽي ٿو " ننگر غيرت ۽ وطنيت جي جذبي سان جڏهن علاءُ الدين جي چانوٽي ۾ پهچي ٿو تہ وچان ئي بي پرواهہ ٿي لنگهي وڃي ٿو. هو علاءُ الدين جي چانوٽي ۾ پهچي ٿو تہ وچان ئي بي پرواهہ ٿي لنگهي وڃي ٿو. هو علاءُ الدين جي وزيرن سپهہ سالارن کي بي

دڙڪ ٿي ملي ٿو ۽ ڪين سڄي هٿ سان نہ پر کٻي هٿ سان سلام ڪندو ( سڄي هٿ سان سلام ڃڻ تہ حڪمرانن جي خودمختياري کي تسليم ڪرڻ ۽ سندس فرمان برداري جي اقرار جي برابر هو. ٻيو "سڄي هٿ سان سلام" فقط پنهنجي پيءُ ۽ والد لاءِ ٿي هو ڇاڪاڻ جو ذاتي عزت جي لحاظ سان والد جو درجو ڄڻ حڪمران جي برابر هو) (سومرن جو دور ص نمبر 279). آڏا اُبتا جواب ڏيندو آخر وڃي پٽس چنيسر سان ملي ٿو.

پيءُ کي سمجهائي ٿو پر جڏهن نٿو مڃيس تہ ڪيس سڏيون ٻڌائي ٿو. جڏهن بادشاهہ ٻاگهي جي سڱ جي ڳالهہ ڪري ٿو ت ڪيس نهہ پهہ جواب ڏي ٿو تہ " تون ترڪ اسين سومرا اها ڪيئن جوڙ جڳاءِ" ان بعد جڏهن جنگ جي نوعيت اچي ٿي تہ بادشاهي لشڪر سان وڏي بهادري سان وڙهي ٿو ۽ علاءُ الدين جي سپهہ سالارن کي هڪ ٻئي پٺيان شڪستون ڏيئي پورو ڪري ٿو. ننگر چوڏهن ڏينهن ساندهہ جنگ ڪئي ۽ سورهيائي ۽ سوڀ ٻئي ساٽس پٽ ٻيلي ٿيون. ڪيس پنهنجي پيءُ ( چنيسر) تلوارن سان ماريو هن جمعي جي ڏينهن پساهہ ڏنو ۽ ماروئڙي جي مقام ۾ دفنايو ويو. ( سومرا دور – ص نمبر 78)

نوجوان ڳڀرو ننگر جو اهو تاريخي ڪردار قومي غيرت جو شاندار مثال آهي ۽ ثابت ڪري ٿو تہ سنڌڙي لاءِ سدائين نوجوانن ئي رت ڏنو آهي. ڪيس سنڌ جي ذرتي سان اٿاهہ محبت آهي جڏهن دشمنن جي لشڪر کي ديس ۾ ڏسي ٿو تہ سندس تمنا ڪر موڙي اٿي ٿي تہ " شل پنهنجي رت سان پنهنجي ديس جي ذرتي جا اهي گهاءُ ڌوئان. جيڪي ڌارين گهوڙن جي سنبن هن کي ڏنا آهن." ننگر جي پنهنجي وطن تان هي قرباني ديس عزت ۽ غيرت جي راهہ ۾ هي پهرين قرباني آهي. سنڌ جي هن سورهيہ سپوت ۽ نوجوان شهزادي جو نالو سدائين روشن رهندو. جيڪو اٿاهہ لشڪر جي هجوم ۾ پنهنجي خانداني روايت ۽ قومي عزت جو دامن هٿان نہ ڇڏيندي سومرن ساٿين سان سنڌڙي تان قربان ٿيندي اسان لاءِ هڪ انمول اصول ۽ اڻ مٽ نقش ڇڏي ٿو وڃي. ان ڪري ئي جناب شمشيرالحيدري لکي ٿو تہ " ڪمسن ايلچي ننگر جي غيرت ۽ حوصلي جو نظير تاريخ ۾ ورلي ملندو." ( دودو سومرو – نئين زندگي جون جولاءِ 1970ع ص نمبر 179).

## 3- هاسو سومرو

سوڍا سومرن سان پيڙا هئا، بلڪ سومرن جو لشڪر هئا. علاءُ الدين جي حملي کي منهن ڏيڻ لاءِ دودي جي قومن ۽ سربراهن مدد ڪئي، تن ۾ سوڍا پڻ موجود هئا. هاسو سوڍو پرمارن مان هو. عمرڪوٽ جو رهاڪو هو ۽ سندس چاچو ٻاهڙ مير جو حڪمران هو. هن جڏهن ٻڌو تہ سنڌ تي ڌارين ڪاهہ تي ڪاهيو آهي ۽ دودي سندن مقابلي ڪرڻ لاءِ سندرو ٻڌي ميدان ۾ فوجيون لاٿيون آهن

تڏهن هوءَ سندس سوٽ ڻ لاءِ سندرو ٻڌي ميدان ۾ فوجيون لاٽيون آهن تڏهن هوءَ سندس سوٽ سوڍو هزار سوڍا ۽ ستر هزار پرمار تي مشتمل لشڪر وٺي دودي وٽ آيو ۽ کيس چيائين تہ ” سنڌڙي منهنجي بہ جنم ڀومي ۽ ساهہ سيباڻي آهي . منهنجو بہ حق آهي تہ مان بہ سندس سينڌ ۾ سيندرو ڀريان ۽ جيستائين جيئرو آهيان، سندس سهاڳ لتجڻ نہ ڏيان“. اهو ٻڌي دودي کيس ننگر کان پوءِ دشمن سان وڙهڻ جي اجازت ڏني. هاسي سان گڏ چنيسر جو پٽ محمد بہ شريڪ هو. هن لشڪر دشمنن جي لشڪر سان وڏو مقابلو ڪيو. مغلن جو لشڪر تيستائين هڪ منٽ بہ وڌي نہ سگهيو جيستائين هاسي سوڍي جي لشڪر جو هڪ سپاهي بہ زندهہ هو. هاسو ۽ ڏيئو ٻئي شهيد ٿيا. هوڏانهن مغلن جي لشڪر جو پنجاهہ هزران کان بہ مٿي لشڪر مارجي ويو ۽ سپهہ سالار تمر بيگ بہ مارجي ويو. جرنيل سالار خان اهڙن مانجهي مردن جا مقابلا ڏسي سوچڻ لڳو تہ جي جنگ ائين هلي تہ پوءِ سندس سارو لشڪر وڳهہ ڪوٽ پهچڻ کان اڳ ۾ ئي ختم ٿي ويندو . ( سلطان دودو شهيد – غلام قادر سومرو ص نمبر 57).

## 4- ڄام ابڙو

ڄام ابڙو ڄاڙيجائي ذات مان هو جيڪا سمن جي هڪ شاخ آهي. تاريخ طاهري وارو لکي ٿو تہ ابڙو ابڙائي سمون هو. سنڌ جي سمن ۾ جڏهن پڳ ۽ سرداري تان جهڳڙو ٿيو تڏهن ابڙو سمو سنڌ ڇڏي ڪڇ ڏانهن هليو ويو ۽ اتي پنهنجي سرداري قائم ڪيائين.“ ( تاريخ طاهري – سنڌي ترجمو، نياز همايوني ص نمبر 9)

هو ڪڇ جو حاڪم هو جيڪو هن وقت ابڙا سيويا گدڙيو ابڙاسيون سڏجي ٿو. ابڙاسيو ٻني واري علائقي کان اولهہ طرف ۽ عربي سمنڊ جي اولهہ طرف ڪناري سان لڳو لڳ آهي. ( سومرا دور – ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ص نمبر 97).

سنڌ جي سومرن ۽ سمن جي پاڻ ۾ پڳ مٽ ياري هئي. ٻئي ڏک سک ۾ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيندا هئا. ڀونگر راءِ سومرو ۽ ڄام ابڙو پاڻ ۾ دوست هئا. روايتن ۾ اچي ٿو تہ هڪ دفعي ڀونگر بادشاهہ ڄام ابڙي ۽ ٻين ساٿين چوپڙ راند پئي ڪئي. ڀونگر راءِ پنهنجي آڏو چيلهي ۾ ساري ماري ۽ ساري کي ڏک لڳو سا ٽيڙ کائي وڃي ابڙي جي جهول ۾ پيئي. ڀونگر راءِ ساري وٺڻ لاءِ هٿ ڊگهيريو تہ ابڙي چيس ڀونگر راءِ هي ساري مون وٽ اچي سام پيئي آهي. سانہ موٽائي ڏيندو سانءِ“. ابڙي جي انهي گفتي تي ڀونگر ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائينس تہ ”ابڙا بيشڪ تون مهل جو مڙس آهين. اسان جي اولاد سان ڪا سوڙهي پئي ۽ اسان جو سامون ( سام پوڻ سنڌ جو قديم اخلاقي اصول صرف سنڌ سان ئي وابستہ آهي، جنهن موجب هارائيندڙ ڌر جي عورتن

جي عصمت جي نگهداشت ڪٽنڌڙ ذرتي لازمي هوندي آهي. يا وري جنگ جي حالت ۾ جنگ ڪندڙ حاڪم جو دوست انهن عورتن جي ذميواري قبول ڪندو آهي، جنهن جي پوئيواري هر قسم ۾ نقصان جي حالت ۾ لازم هوندي آهي) **تون وٽ نہ جهلجائين.“** ( شمشيرالحيدري – نئين زندگي 1967ع – ص نمبر 9).

جڏهن دودي جي لشڪر جا گهڻا سپهہ سالار مقابلو ڪري شهيد ٿيا تڏهن هن پنهنجي خاندان جون سڀ عورتون سام ڪري ابڙي ڏانهن موڪليون. مختلف روايتن موجب 9 راڻيون ۽ 9 سئو سندس دايون ٻايون هيون، جيڪي دودي پنهنجي ڀائيٽي محمد ۽ درجي فقير يا ڳوپان سان ابڙي ڏانهن موڪليون. علاءُ الدين ترم شيرين کي جڏهن اها خبر پئي تڏهن هو ابڙي تي ڪاهہ ڪري آيو ڪيس چيائين تہ ” تون اسان جو دوست آهين اسان جي جنگ هئي دودي سان سو دودو مارجي ويو آهي. جيت اسان جي ئي ٿي آهي. هن جيڪي سامون تو وٽ ڇڏيون هيون، اهي اسان جي حوالي ڪر تہ اسان توکي ملتان ۽ ماٿيلو بہ پرڳڻا بہ ڏيون ۽ توسان دوستي بہ وڌايون. پر هن سورمي انڪار ڪيو ۽ جنگ ڪرڻ لاءِ پنهنجو ٿهانگ هٿيار ڪٽي ميدان ۾ لٿو ۽ پورا پنج ڏينهن بهادري سان وڙهندي سنڌ جي هن اعليٰ تهذيبي ۽ ثقافتي روايت کي قائم رکندي سر ڏنو . ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب سندس سورهيائي ۽ فرض جي ادائيگي بابت لکي ٿو تہ ” ابڙو سمو هڪ سورهيہ سردار هو ۽ وڏو وڙائتو سردار هو. هن سامون جهليون ۽ پنهنجو سر ڏنائين پر سامون نہ ڏنائين. انهيءَ ڪري سنڌ جي اعليٰ سماجي قدرن موجب هو مکيہ ڪردارن ۾ برک ۽ اتم ٿيو. سنڌ جي اعليٰ ۽ اخلاقي شاعريءَ ۾ پڻ ڪيس جسون ڏنيون ويون. هن سورهيہ بنا ڪنهن ذاتي غرض ۽ فائدي جي سامون جهليون ۽ بي گهر ۽ بي پرواهہ ضعيف زالن جي عزت ۽ آبرو بچائڻ لاءِ پنهنجو سر گهوري مٿانئن قربان ٿيو. “( سومرا دور – ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ص – 83)

## 5. ساهڙ سومرو

هو ساهڙ سلطاني جي نالي سان مشهور هو. ساهڙ سومرن جي لشڪر جو وڏو سپهہ سالار هو. جڏهن علاءُ الدين جي لکن واري فوج سان دودي جو مقابلو ٿيو تڏهن پاڻ کي چڱو موکيو ۽ ڏارين سان وڙهندي وڙهندي شهيد ٿيو ويو.

## 6. ممت ابڙو

چونڊا آهن تہ ” شينهن جو پٽ شينهن “ تيئن ممت ابڙو بہ ڄام ابڙي جو پٽ هو. سندس اصل نالو منهنٽ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ” جنهن جو منهن مٿي هجي“. هي نينگر وڏي همت وارو بهادر ۽ بي

باڪ هو. جڏهن علاءُ الدين ابڙي کان سامون ڪسڻ آيو ان وقت هي شهزادو صرف اٺن سالن جو ٻار هو . هو پيءُ جي ميدان جنگ ۾ وڃڻ کان اڳ پاڻ دشمنن سان وڙهيو ۽ سنڌڙي جي آزادي سالميت ۽ قومي غيرت جي راهہ ۾ پنهنجي پاڪ پوتر ۽ معصوم خون جو نذرانو پيش ڪيو. ممٺ نهايت بهادر ۽ سرويچ سپاهي هو. جنگ ۾ دشمن جي لشڪر کي اهڙو تہ سوگهو ڪيائين جو هنن بروقت وجي بادشاهہ کي چيو تہ

تون ترڪ ڪر ترار هوڏهون مانجهي ممٺ ابڙي

جيئن ڳاهجي ڳاهہ ۾ ڪاني ڪٺو ڏار

تيئن وجي آروپار، خوني خنجر ان جو

## 7. جاڙيجا حاڪم

هيءَ حقيقت آهي تہ سنڌ جي اوائلي حاڪمن جا هر ڪنهن سان قربائتا قدم ۽ سڪ جا پير هئا. سندن سرحدي حاڪمن سان دوستانا ناتا هوندا هئا ۽ آئي ويل ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهندا هئا. جيڪڏهن سرن جي ضرورت پوندي هئي تہ ان جا بہ دير نہ ڪندا هئا.

جاڙيجا ڪڇ جا حاڪم هئا. جاڙيجن جو ڏاڏو ويرو پٽ ساند هو. ويري جي گهر ۾ بہ جاڙا ٻار ڄاوا. هڪ لاکو ٻيو لکڌير لاکي جاڙيو جوڙي اولاد جاڙيجا ٿيا. جاڙيجن جي سومرن توڙي ابڙي سان دوستي هئي. سومرا هر صلاح مشوري ۾ جاڙيجن کي شريڪ ڪندا هئا. پونگر جي وفات کان پوءِ پڳ ۽ حڪومت جي فيصلي لاءِ جيڪي مختلف پاڙن ۽ راڄن جا سردار گڏ ٿيا. تن ۾ جاڙيجا بہ هئا. جاڙيجن سومرن پاران ابڙي جي مدد ۾ علاءُ الدين جي لشڪر سان چوٽون کاڌيون تن ۾ سالار جاڙيجو جکرو جاڙيجو ۽ رٺمل جاڙيجو قابل ذڪر آهن.

جکرو جاڙيجو ابڙي جو يار هو. جڏهن هن ٻڌو تہ علاءُ الدين بادشاهہ ابڙي تڪي ڪاهي آيو تڏهن هو جاڙيجن جو لشڪر وٺي، ابڙي وٽ آيو. جڏهن ابڙي جنگ ڪئي ۽ سندس پڄاڻي ٿي، تڏهن سامن ۽ ٻين سيني کي جکري جي حوالي ڪيائين. ابڙي جي مارجڻ تي علاءُ الدين بادشاهہ پانيو تہ هاٿي ٻيو ڪوبہ مقابلي ڪرڻ وارو ڪونهي، پر جڏهن جکر جنگ جو طبل وڄايو تہ علاءَ الدين فڪر ۾ پيو چاڪاڻ تہ وٽس سيڌو سامان ڪتي ويو هو. ان ڪري صلح جي آڇ ڪيائين ۽ جکري کي چوائي موڪليائين تہ " اسان وٽ سيڌو سامان هجي ها تہ جنگ ڪريون ها پر سيڌو سامان ڪتي ويو آهي يا وٺي ڏي تہ اهو گهرايون يا صلح ڪر چو تہ بي ثمري لشڪر سان وڙهندين تہ اها تنهنجي سوڀ ڪانہ چئبي. جکري چيو تہ جنگ ۾ گهاري نہ وجهندس ۽ توکي وٺي بہ ڪونہ ڏيندس باقي جي تو وٽ سيڌو

سامان نہ آهي تہ آءُ تو ڏيان پر تون جنگ جي سنبت ڪر ۽ ميدان ۾ اچ. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ ” جڪرو اهڙو دلير ۽ سرهو ويري هو جو نہ فقط علاءُ الدين جي لشڪر کي سيڌوسامان ۽ مانيون ڏنائين پر دوارون جا دنگ بہ کولي ڇڏيائين ۽ دشمنن کي آل جال پياريائين. رات ۽ جون مهمانيون ڏينهن جون جنگيون ڪري علاءُ الدين جو لشڪر ماري کتايائين ۽ علاءُ الدين سان باقي اٺ ڇٽا بچيا جو جڪرو مارجي ويو“. سالار جاڙيجن مان هو ۽ سوڊو سورمو هو. هن علاءُ الدين جو ستر هزار لشڪر ماري پوءِ شهادت حاصل ڪئي اهڙي طرح رڻ مل جاڙيجو بہ مکيہ سورمو آهي. جيڪو ابڙي جو يار هو ۽ هو پنهنجي ذات جا ماڻهو وٺي جنگ جي ميدان ۾ آيو. ابڙو هن کان اڳ لڙائي ۾ شريڪ هو. پر رڻمل چيس تہ ” تون خاطري ڪر آءُ سر لٿي بہ سامون ڪونہ ڏيندس باقي مقابلي لاءِ مون وٽ جنگجو جوان جهجها آهن انڪري تون ڪجهہ آرام ڪر“ . پوءِ هو ميدان جنگ ۾ ڪاهي پيو ۽ وڙهندي ساهہ ڏنائين.

## 8. ويرم پاهوڙو

ويرم پاهوڙو ڪورين جو سردار هو. ڪيس دودي جي دربار ۾ وڏي مجوتي هئي ۽ عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو. هن جڏهن ڏٺو تہ ملڪ جو حاڪم علاءُ الدين سان جنگ ڪرڻ لاءِ ٻين لاءِ خط لکي ٿو تڏهن دودي کي صلاح ڏنائين تہ ” سنو ائين آهي تہ علاءُ الدين جيستائين سنڌ پهچي تون پاڻ چڙهہ تہ هلي بادشاهہ جو مقابلو ڪريون“ پر دودي جي مرضي نہ هئي ۽ اها سنڌي حاڪمن جي روايت رهي آهي تہ هنن اڳرائي ڪري ڪنهن ملڪ تي ڪاهہ ڪانہ ڪئي آهي .ان ڪري هن انڪار ڪيو. پوءِ جڏهن علاءُ الدين جو لشڪر سنڌ ۾ اچي هاڪڙو ڊورو ٽپيو تہ ويرم بہ پنهنجا بهادر سپاهي وٺي اچي دشمن سان منهن ڏنو ۽ ڏاڍي بهادري سان وڙهيو. لوڪ روايتن ۾ آهي تہ ” وڙهيو ويرم پاڻليو جنهن ماريو لک سوا.“

## 9. ٻيا سورما

سنڌ سونهاري جي مٽي ۽ سنڌو جي لڙاٽيل پاڻي جو اهو ڪرشمو آهي تہ سنڌ واسين جي لڻ لڻ ۽ رڳ رڳ ۾ ساٽيهہ جي سڪ ۽ مهراڻ جي مٽي سان محبت جو جذبو موجزن آهي. ان ڪري دودي ۽ علاءُ الدين واري جنگ صرف دودي جي ذاتي يا انفرادي جنگ ڪانہ هئي پر اها اجتماعي هئي ان ڪري جنهن بہ ۾ ٻڌو اهو سر سان ڪفن ٻڌي ميدان جنگ ۾ ڪڏي پيو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ ننبو وڏو سندس مقابلي لاءِ اٽي ڪڙو ٿيو. جنهن پٽي ٻڌو تہ دودي سان جنگ آهي تنهن

پنهنجو پاڻ اچي پئي اول مقابلو ڪيو. ڏنار، مير بحرمهاڻا، گيهي گماشتا، ڪڙمي ڪاسبي، ڀان ۽ مڱڻهار ڪوري ۽ ڪنيار سڀ وڙهيا. جڏهن علاءُ الدين چڙهي آيو ته نه فقط سومرا وڙهيا پر سڄي رعيت وڙهي ۽ سڀ راڄ وڙهيا جو جتي هو سو اتي مقابلي لاءِ تيار ٿي ويو علاءُ الدين جي لشڪر کي سنڌ مان سلامتي سان سنئين واٽ وڃڻ نه ڏنائون واٽ ويندي علاءُ الدين جي لشڪر کي چپي چپي تي سنڌ جو هر ننڍو وڏو پنهنجي بوتي آهر جڻ ڇتي ڏنگريءَ وانگر چنبڙي ويو ۽ ڪنڊي مثل چڀي ويو. ( سومرن جو دور – ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ – سنڌي ادبي بورڊ ص نمبر 130).

مطلب ته سنڌ جو هر فرد جيڪو جتي هو سو اتي دشمن جي لشڪر سان وڙهڻ لڳو. مهڙ نوتيار به هڪ سنڌي سورهيه هو جيڪو ڪلهوڙي ڪوٽ جو سردار هو. هن علاءُ الدين جي لشڪر سان چوٽيون ڪائي پندرهن هزار دشمن جا ماڻهو ماري پوءِ پاڻ شهيد ٿيو. ٻيو سورهيه هو سبڙ ابڙو جيڪو چام ابڙي جو پائيتو هو. هن علاءُ الدين جي لشڪر ۾ بادشاهه جي پٽ سالار سان وڏي بهادري سان مقابلو ڪيو ۽ شهيد ٿي ويو. ٽيون سوڍو پلو چام هو جيڪو به ابڙي جو پاءُ هو. هن پورا ڏهه ڏينهن دشمن سان جنگ ڪئي ۽ يارنهن ڏينهن شهادت حاصل ڪئي. اهڙي طرح ممنگ سومرو، مم ڳاهو، مبيءِ مهلائي ، آسيو سوڍو ، ڀارڻ وزير ، گهلو گهانگهرو ۽ ٻيا هزارين فرد وطن ۽ ننگ تان سر قربان ڪري سرها ٿيا. اهڙي طرح هنن سوڍن جا نالا تاريخ ۾ اڄ به زنده آهن.

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿيا نه مات، هوندا سي حيات، جيڻا اڳي جي جيا

# عورتون سورميون

عورت هن ڪائنات ۾ حسن ۽ رنگيني جو ڪارڻ آهي. جي حوا جي تخليق نہ ٿئي ها تہ آدم اڪيلو ۽ پريشان رهي ها. ان ڪري چوندا آهن تہ ” عورت بهترين اڌ آهي“. عورت کان سواءِ مرد جو تصور نامڪمل آهي. عورت هر روپ ۾ عظيم آهي. پوتر آهي. پاڪ آهي. هو ڌي جي روپ ۾ اکين ٺار آهي . ڀيڻ جي روپ ۾ لوئي جي لڄ آهي. ماءُ جي روپ ۾ بي لوٺي جو پنڌار آهي. گهر ڌياڻي جي روپ ۾ ڏک سک جي ساٿي همت افزائي جو سامان ۽ دلداري جو درياهہ آهي. پر اهو سڀ ڪجهہ هوندي عورت کي مال غنيمت سمجهي لٽيو ويو آهي. ماريو ويو آهي. خاص ڪري جاگيردانہ ماحول ۽ قبيلائي سماج ۾ عورت کان وڌ وڌو مظلوم ۽ بيوس انسان شايد ئي ٻيو ڪو هجي. سنڌ ۾ قديم زماني کان جاگيردانہ سماج رهيو آهي. ان ڪري عورت کي سدائين ٻانهين واري نظر سان ڏٺو ويجي ٿو. سنڌ ۾ عورت جي شادي سچ پچ المانڪي ۽ لعنت آهي. مرد کي سند ملي ٿي تہ عورت کي هر لمحي سزا ڏي سختي ڪري ان تي ڦٽ لعنت ڪري نوانوي سيڪڙو سنڌ جا مسلمان ان ڪري شادي ڪندا آهن تہ پنهنجي شهواني خواهش پوري ڪن. هو عورت جي تندرستي ۽ حقن جو ڪوبہ خيال نہ ٿا ڪن. ڪيس غلام رکيو ٿو وڃي. عورت جي غلامي قوم جو نادانستہ جرم آهي عورت جو اهو گهٽ درجو قوم تي بدنما داغ ۽ عظيم ترين جرم آهي جو قوم کي تباهہ ۽ برباد ڪندو آهي. عورتن کي اهو بہ پتو ناهي تہ مرد جيڪڏهن ظلم ڪري تہ ڇا ڪيو وڃي. ڪين اهو پتو ناهي تہ اسان بہ مردن کان طلاق حاصل ڪري سگهون ٿيون. عورت صبح کان شام تائين ڪم ڪري ٿي. مرد صرف چند ڪلاڪ. ٻهراڙي ءَ جي عورتن جي حالت تہ سچ پچ رحم جوڳي آهي. ٻهراڙيءَ ۾ ائين سمجهيو وڃي ٿو تہ عورت زن آهي ۽ زن معنيٰ مار ان ڪري عورتن کي مارڻ ڇڙ مردن جو فرض آهي.“ ( محمد حسين پنهور – مسلم عورت – مضمون سنڌي عورت ، جناب غلام رباني آگرو ٽماهي مهراڻ 1989/ 3 ص نمبر – 83. )

سنڌي معاشري ۾ عورت اڇوت ۽ گهٽ درجي وارو سمجهيو وڃي ٿو. جناب محمد ابراهيم جويو سنڌي عورت جي مظلوميت جي تصوير هن طرح چٽي آهي ” مون پنهنجي اکين سان عورت کي پنهنجي مرد هٿان ايترو مارجندي ڏٺو آهي جو ڏکن سبب رتوڇاڻ ٿي هو بيهوش ٿي ڪري پئي هوندي رت هن جي بت تي ڄمي پيو هوندو سندس معصوم ٻار هن جي پيرن ۾ ويهي هن جي بت تان ڄميل رت ڪڙيون ننهن سان ڪرڙي لاٿيون هونديون. ۽ منهنجي پنهنجي اکين ڏٺو واقعو آهي تہ هڪ

عورت جو زوري نڪاح وڏو ويو ۽ هو ان ڪان بچڻ لاءِ چوريءَ چوريءَ اَن جي گندي ۾ تپ ڏيئي لڪي ويجي ويهي رهي ڳولي ڳولي نيٺ چاپڙ لاهي هن ڪي گندي مان ڇڪي ٻاهر ڪڍي ڏاڍي مار ڏيئي زوري سندس نڪاح پڙهيو ويو. مون پنهنجي اکين سان هڪ پرڙيل عورت ۾ هڪ رنيل عورت ڪي هٿين خالي ٻنهه ٽن ڪپڙن ۾ گهر منجهان ڌڪجي ۽ لوڏجي ٻاهر ويندي ڏٺو ۽ هن ڪي واهه ڪانه هئي جتي هو وڃي ڪو اجهو وٺي مون پنهنجن اکين سان عورت جو سسي لٽل لاش ڏٺو جنهن ڪي ڪاري ڪري قتل ڪيو ويو. ( سنڌ جي ڪن ڪن ايراضين ۾ جڏهن ڪنهن مرد ڪي پنهنجي مخالف سان پلئه ڪرڻو هوندو آهي تڏهن انجي آسان طريقو اهو هوندو آهي ته هو پنهنجي ماءُ ، ڀيڻ ، زال يا ڌيءُ جي سري ڪهاڙيءَ سان ڪپي پنهنجي مخالف تي الزام رکندو آهي ته هو ڪارو آهي ۽ واجب القتل آهي .)

( غلام رباني ٽماهي مهراڻ 1989ع / 3)

مون عورت کي پنهنجي پيءُ پنهنجي مڙس ۽ پنهنجي پٽ جي ملڪيت کان بيدخل ٿيندي ڏٺو. ڏيئن کي ڄمندي ماري ڇڏڻ ڏيئن کي حق بخشائي يا قرآن سان پرڻائي ويهاري ڇڏڻ جا مثال مون ڏٺا ۽ ٻڌا به منهنجو ڪنين ٻڌو سچو واقعو آهي ته هڪ نئين پرڻيل عورت کي رسي سان چوکنيو ٻڌي مٿس گاسليٽ هاري باهه ڏيئي ساڙي ماريو ويو ڇاڪاڻ ته هن خراب ڏنڌي اختيار ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ هن ڳالهه کي کولڻ جون ڌمڪيون ٿي ڏنيون. هي به منهنجو ڪنين ٻڌو سچو واقعو آهي ته هڪ ڳرڀ وتي ڪنواري عورت کي سندس ڀائرن گڏجي گهڻو ڏيئي ماريو ته جيئن هو ٻار نه ڄڻي ۽ خاندان جي خواري نه ٿئي.“ ( سهڻي سلسليوار نمبر ستون ص نمبر 11 ۽ 12).

هي قصو انهيءَ عورت جو آهي جيڪا سنڌي سماج ۾ هر دور ۾ پيڙجندي رهي آهي ۽ هتان جو هيٺي ۾ هيٺو مظلوم ۾ مظلوم ۽ بيوس ۾ بيوس انسان آهي. پر هيءَ حقيقت آهي ته عورت عظيم آهي. هو انسان جي تخليق جو عظيم ڪم سرانجام ڏي ٿي. ان ڪري جڏهن سجاڳ ذهن وٽ اقتدار جي ڪرسي ۽ حڪومت جو نظام اچي ٿو ته هو ڪائنات جي هن عظيم ۽ پاڪ هستي کان گهڻو قدر ڪري ٿو. تاريخ شاهد آهي ته ” سومرن جي دور “ ۾ عورت جو وڏو قدر هو. هن دور ۾ عورت کي معاشي اڪائي سمجهي سندس حيثيت کي مڃيو ويو. پورهيت طبقي ۾ پيداواري عمل دوران عورت ۽ مرد جي برابري وارن بنيادن تي شراڪت موجود هئي. انهيءَ شراڪت سبب عورت سماجي طور تي پنهنجا حق ۽ فرض ادا ڪرڻ ۾ آزاد هئي. سسئي جو پنهون لاءِ گهر ڇڏي روهه ۾ رلڻ ان وقت جي معاشري جي آزاد خيالي جي علامت آهي. هن دور جي پورهيت گهراڻن ۾ عورت سموري سماجي ۽ اقتصادي عمل ۾ برابري جي بنياد تي خودمختيار ڪردار جي مالڪ هئي هن دور ۾ سندن ايڏي مڃتا هئي جو روپا ماٽي سونماڙي ۽ ٻيا ڪيترائي ننڍا وڏا واهڻ عورتن جي نالن پنيان سڏيا وڃن ٿا جن مان عورت جي سماجي حيثيت جي خبر پوي ٿي انهيءَ دور ۾ عورت کي جيڪو سماجي رتبو حاصل

هو تنهن مطابق عورت قبيلائي نظام ۾ مختلف برادرين ۽ نسلن جي وچ ۾ ڳانڍاپي صلح عزت ۽ احترام واري شخصيت هئي.“ ( جنت السنڌ – جناب مولائي شيدائي – ص نمبر 319)

هن دور جون عورتون پڙهيل ڳڙهيل انتظامي صلاحيتون ۽ قومي شعور رکندڙ هيون. هونءَ صرف سئِيون گهر ڏياڻيون پر انتظامي امور ۽ راڄنيتي ڏيتي ليتي جون بہ ڄاڻو هيون. تاريخ شاهد آهي تہ سنڌ جي هن عظيم خاندان جي عورتن سنڌ تي حڪومت ڪئي جن مان تارا ٻائي ۽ همون ٻائي مشهور سنڌي راڻيون آهن. تارا ٻائي دودي پهرئين جي ڌيءَ هئي، جنهن 1092ع ۾ وفات ڪئي. ان کان پوءِ ظاهري طور پڳ سندس پٽ سنگهاري پر حڪومت جون واڳون دودي جي ڌيءَ تارا ٻائي جي هٿ ۾ هيون. هي پهرين سنڌي خاتون هئي جنهن سياست ۾ مردانگي سان قدم رکيو سومرا ساڻس وفادار ۽ فرمانبردار ٿي رهيا. ان ڪري دودي جي موت بعد جا ملڪ جي حصن ۾ شورش پيدا ٿي پيئي تنهن کي هو آساني سان ختم ڪري سگهي. هن عورت ان وقت تائين وڏي شان ۽ دبدبي سان راڄ ڪيو جيستائين سنگهار وڏو ٿيو. هندستاني لکندڙ ڪيترائي صاحب رضيہ سلطانہ کي پهرين خاتون حڪمران لکند آهن ، پر اها ڳالھ تاريخي ۽ تحقيقي لحاظ کان صحيح نہ آهي. رضيہ سلطانہ 664هہ بمطابق 1236ع ۾ دهلي جي تخت تي ويٺي پر تاراٻائي ان کان ڪافي اڳ حڪومت ڪئي. ( جناب عبدالمگسي سماهي مهراڻ 1989ع / 2 ص نمبر 81).

همون ٻائي سنگهار پٽ دودي جي گهرواري هئي جڏهن سنگهار بنا اولاد جي گذاري ويو تڏهن حڪومت جون واڳون سندس گهرواريءَ همون ٻائي سنڀاليون. هي نهايت ذهين هوشيار ۽ بهادر عورت هئي. هن حڪومت جون واڳون ملڻ سان درڪ جي قلعي کي پنهنجو تخت گاهہ بنايو ۽ انتظامي سهولتن خاطر پنهنجن ڀائرن مان هڪڙي کي محمد طور حاڪم مقرر ڪيو ۽ ٻئي کي ٿري شهر ۾ رکيائين ۽ پاڻ ٻنهي جي نظرداري ڪرڻ لڳي. هن جي حڪومت ڏکڻ ۽ اتر سنڌ تي قائم هئي. هن اعليٰ صلاحيتن سان ملڪ ۾چوطرف امن امان وارو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو. همون ٻائي ميدان جنگ ۾ مخالفن سان مقابلو ڪندي شهيد ٿي. ( آزاد قاضي – سنڌ جون انقلابي عورتون – ص نمبر 90 )

اهو ئي سبب آهي جو اڄ جا مورخ بہ سنڌ جي سومرا دور جي عورتن جي واکاڻ ڪن ٿا. جناب راڄ محمد پلي لکي ٿو تہ ” هن قوم جا نہ رڳو مرد ناليرا هئا بلڪ سورهيائي ۽ سرويچي بهادري ۽ بربادي سيل ۽ سرت ، غيرت ۽ عصمت ۾ هن قوم جون ٻانهيون بہ ڳائبيون ويون آهن ۽ نجاڻ ڪيسين تائين ڳائبيون رهبيون.“ ( صوفي صادق فقير جو ڪلام – تماهي مهراڻ 1965ع / 2_1 ص نمبر 245)

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب لکي ٿو تہ ” هن دور ۾ نہ فقط سونهن ۽ سونپيا جي ڪري سنڌ جون عورتون شهرت واريون هيون پر عقل ۽ سمجهہ ۾ مومل، سومل ۽ ناتر وٺ ڪيترائي آيا ۽ مات ٿي ويا. مارئي اڄ بہ تمثيل طور پيش ڪئي ويندي آهي. هر طبقي ۽ هر نظرئي جي اديبن ۽ شاعرن مارئي کي ساراهيو آهي ۽ سندس ڪردار کي نمائندو ڪري پيش آهي. مارئي اڄ بہ سنڌ جي نياڻين جي ترجماني ڪري ٿي. اهڙي طرح همت مردانگي استقلال ۽ بردباريءَ جو جيڪو مثال سسئي پيش ڪيو آهي سو لاثاني آهي. هن دور ۾ ساٽيهہ تان سر صدقي ڪرڻ نہ فقط مردن جو مرڪ هو بلڪ عورتن بہ حب الوطني جا عظيم مثال قائم ڪيا آهن. ٻاگهل ( دودي جي ڀيڻ ) وطن تان پنهنجو سر گهوريندي ذري ماتر ڪانہ هبڪي اهڙي طرح هيمون ٻائي ۽ تارا ٻائي جا ڪارناما بہ سنڌ جي تاريخ ۾ هميشہ ياد رهندا. ( سومرن جي دور ۾ سنڌي ادب – نئين زندگي فيبر وري 1972ع ص نمبر 22).

محترمہ مهتاب اڪبر راشدي صاحبہ لکي ٿي تہ ” سومرن جي دور ۾ اهڙيون عورتون ملن ٿيون جن مختلف دورن ۾ ظلم ڏاڍ ۽ ناانصافي خلاف جنگ جوٽي نہ صرف آواز اٿاريو پر پنهنجي ۽ پنهنجن سهاڳن ۽ اولاد جي قرباني بہ ڏئي بہ ديس جي مٽي کي ملهايائون.“ ( سنڌي عورتن جو سياست ۾ حصو – ماهوار پيغام نومبر 1983ع).

هاڻي اسين ” دودي علاءُ الدين واري جنگ“ جي حوالي سان اهڙين سورمين سنڌي عورتن جو تفصيلي ذڪر ڪنداسين جن نہ صرف گهر کي سنڀاليو پر قومي عزت ۽ وقار برقرار رکڻ لاءِ نہ رڳو فڪري پر علمي جدوجهد بہ ڪئي . هنن سوڊن نہ صرف پنهنجي اولاد ۽ عزيزن کي ملڪ جي آزادي ۾ حصي وٺڻ لاءِ همٿايو پر وقت اچڻ تي پاڻ بہ هٿيار کڻي ميدان ۾ نڪري آيون.

## (الف) ٻاگهل ٻائي

سنڌ جي هي عظيم عورت ڀونگر جي ڌيءَ ۽ دودي جي سڳي ڀيڻ هئي. هو چنيسر ۽ دودي کان وڏي هئي. سندس پرورش ۽ پالنا وقت جي دارالحڪومت وڳهہ ڪوٽ ۾ ٿي. ٻاگهل ٻائي سگهڙ سياڻي، سچار ۽ سپتي عورت هئي . باهمت جرئتمند ۽ غيرتمند سنڌي نياڻي هئي. عقل جي اڪابر سياسي سوچ رکندڙ قومي امور جي پرک رکندڙ ۽ راڄ ڀاڳ جي فيصلن جي اهميت ڄاڻيندڙ عورت هئي. ڪيس سنڌ جي ڌرتيءَ سان اٿاهہ پيار هو. هو قومي ڳالهين ۾ ٻنهي ڀائرن کي سمجهاڻيون ڏيندي رهي ٿي. جڏهن سنڌ جي پارليامينٽ فيصلو ڪري ڪيس پڳ موڪلي تہ هو تارا ٻائي ۽ همون ٻائي وانگر حڪومت هلائي تہ تڏهن هن جواب ڏياري موڪليو تہ ” ڀائرن جي هوندي ، ڀينرون پڳ نہ پائينديون آهن“ ۽ وڏيڪ هن دور انديشي کان ڪم وٺندي ، پڳ چنيسر جي حوالي ڪئي. پر جڏهن راڄ دودي

کي پڳ ٻڌائي تہ چنيسر ڪاوڙ مان پيڻ وٺ آيو. دودي کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو ۽ سنڌ تي پر انهون لشڪر وٺي اچي پنهنجي بي عزتي جي پلاند وٺڻ لاءِ دڙڪا ڏيڻ لڳو تڏهن ٻاگهل ٻائي جنهن جرتمندي سان جواب ڏنو تنهن مان سندس قومي وفا سياسي امور جي ڄاڻ ۽ ساٽيھ جي سڪ نمايان ٿئي ٿي. پاڻ ڪيس چوي ٿي تہ "ادا منهنجا ڀاءُ هي پڳ نہ چنيسر جي آهي تہ وري دودي جي . هي پڳ راڄ جي آهي، جنهن کي پڳ پارائي سو ئي پڳ جو مالڪ آهي باقي سنڌ تي ٻاهريون ڪاهرائي اچين سو صحيح نہ آهي. سنڌ اسان جي ماءُ آهي ۽ ماءُ جي ٿڃ مهراڻ جو لڙاتيل پاڻي آهي. اسان سيني هن ڌرتي جي ٿڃ پيتي آهي. اسين سڀ پاڻ ۾ ڀائر آهيون. جي تون امڙ جو مندو ٿيندين تہ ياد رک تہ ڀيڻ جا هٿ جيڪي هميشہ ڀائرن جي دعائن لاءِ کڄندا آهن اهي توکي رت ۾ ڳاڙهي ڪرڻ لاءِ تلوار بہ کڻي سگهن ٿا." چنيسر اها ڳالھ ٻڌي ناراض ٿي دهلي هليو ويو ۽ ڀيڻ کان هنن لفظن جي بدلي وٺڻ لاءِ دشمن کي ٻاگهل جي سڱ ڏيڻ جي آڇ ڪئي.

بهرحال جڏهن جنگ ۾ دودو ننگر ابڙو ۽ ٻيا سوڍا مارجي ويا. چنيسر ڪيس چوائي موڪليو تہ " اسان تنهنجو سڱ علاءُ الدين بادشاھ کي ڏيڻو ڪيو آهي اميد تہ تون انڪار نہ ڪندين" ٻاگهل ٻائي اهو ٻڌي باھ ٿي وئي ۽ ڪيس چوائي موڪليائين تہ اسان سنڌ جو رهاڪو ڪنهن ٻئي ملڪ يا ٻئيءَ ذات واري سان ملڪ قوم ۽ ٻولي جي لحاظ کان هر حالت۾ ڌاريو اوپرو آهي. ان ڪري آءٌ پنهنجو ست وڪڻي پنهنجي ملڪ ۽ قوم تي ڪارنهن جو ٽڪو هرگز نہ لائيندس آءٌ اهڙي بي عزتي ۽ بي غيرتي واري سهاڳ کان سڄي ملڪ ۽ قوم جي موت کي بهتر ٿي سمجهان." جڏهن سيئي جوڌا، جوان ۽ سنگهار سوڍا، ان سوال تي سر ڏيئي سرخرو ٿيا آهن، تڏهن آءٌ ها ڪري شهيدن جي خون کي چڪيا تي چڙهڻ نہ ٿي چاهيان." ٻاگهي اهو جواب ڏيئي قومي وقار کي بحال رکيو ۽ اهو سندس دليري ، بهادري ۽ مردانگي جو ثبوت آهي. ان کان پوءِ هن بلند حوصلي جو مظاهرو ڪندي سڄي شهر ۾ هيرن جواهرن جا جنڊ ڏاريا ۽ ٻي ساري ملڪيت ساڙي ڇڏي". جيئن دشمن کي پنهنجن وسيلن ۽ مال ملڪيت منجهان فائدو وٺڻ نہ ڏجي. ان مان نمايان ٿئي ٿو تہ ٻاگهل ٻائي جنگي حڪمت عملي جي سيني امورن مان واقف هئي. هو ايڏي تہ بهادر ۽ دلير عورت هئي جو جڏهن ڪيس پتو پوي ٿو تہ سڀ مرد سومرا ديس تان سر قربان ڪري شهيد ٿي چڪا آهن ، تڏهن هو سست دلشڪستہ ۽ بي همت ٿي حوصلو هاري نہ ٿي ويهي پر ڪمال بهادري جرئتمندي ۽ دانشمنديءَ جو ثبوت ڏيندي مردانا ڪپڙي پهري سيني گهر ڏياٽين راٽين شهزادين ۽ ٻانهين کي ساڻ ڪري ابڙيجي گهر وڃي ٿي. جڏهن ابڙو بہ شهيد ٿي ويو، تڏهن ٻاگهل راتو رات وڳھ ڪوٽ ڏانهن موٽي آئي. علاءُ الدين جو باقي بچيل لشڪر بہ سندس پنيان پيو تہ هاڻي سومرا مرد آهن ئي ڪين ۽ ٻاگهل اسان ٿا هٿ ڪريون. هو ڪوٽ

ٻاهران اچي ويٺو. جنگ جي هن فيصلي ڪن موڙ تي هن عظيم عورت جنگي حڪمت ڀھرائي راتو رات ڪوٽ جي ٻاهين ڀيجرائي ڀرھ ڦٽي جو اتان جنگ جوڏن جي قطار ڪرائي علاءُ الدين اڳيان لنگهاياائين ۽ ائين ڦيرن تي ڦيرا ڏنائون, جو لشڪر ڪٽي ٿي ڪين. اهو لقاءُ ڏسي علاءُ الدين ڪيس چوائي موڪليو تہ " تون منهنجي قيامت تائين ڀيڻ آهين ۽ اقرارنامو لکيو تہ " سنڌ سومرن جي آهي مون جنگ ڇڏي". ( سنڌ جون انقلابي عورتون – آزاد قاضي ص نمبر 110. )

اهڙي ريت سنڌ جي هن سڄاڻ عورت جي بلند حوصلي ۽ بهادري سبب سنڌ ڌارين جي راڄ کان بچي ويئي ۽ ڇيڙي نبيري پنهنجن جي ئي هٿ هيٺ رهي.

مر مائر سي مرڪن, جن اهڙيون ڏيئر ڄائيون

## (ب) شهزادي ڪوئل

سنڌ جي هي دلير نينگر دودي جي ڌيءُ ۽ چنيسر جي پٽ ننگر جي مڱ هئي. دودي ننگر کي پنهنجو ولي عهد مقرر ڪيو هو. ڪوئل نهايت حسين سوڀيا وان سلڇڻي ۽ بهادر نينگر آهي. عوامي ادب ۾ آيل آهي تہ

وڄ جيئن ولتي اٿي, ڪري ناز نينگر
ڪانئي ٿي ڪنوٽين وانگي, ڌي دودي دختر

ڪوئل جي پالنا ۽ تربيت ۾ ٻاگهل ٻائي ۽ تارا ٻائي جو وڏو هٿ هو. جڏهن سندس ڪانڌ ننگر علاءُ الدين جي لشڪر سان مقابلي ڪرڻ لاءِ وڃي ٿو تڏهن هي محب وطن ۽ بهادر عورت ڪيس چئي ٿي تہ " پنهنجن جي غداري سبب اسان تي هي آزمائش جو وقت آيو آهي تنهنجي ديش دروهي ڀيءُ , جي قومي غداري هن ديش جيڪا آفت آندي آهي, اٿي ان کي مڙس ٿي منهن ڏي. جيڪڏهن جنگ ۾ سوڀارو ٿي موٽي آئين, تڏهن آءُ سرتين جي سٿ ۾ سرهي ٿينديس ۽ اگر ديش جي حفاظت ڪندي شهيد ٿي وئين , تڏهن تہ آءُ وڏي فخر سان اوچو ڳاٽ ڪري سيني سرتين کي ميڙي چونديس تہ " ڏسو ڪيئن تہ منهنجو مڱيندو جنگ جي ميدان ۾ سورهين وانگر سنڌ جي پاڪ ۽ پوتر ڌرتي مٿان قربان ٿيو آهي. ( سنڌ جي سورهيہ نينگري ڪوئل – زاهده خان هفتيوار سنڌو 5 جنوري 1989ع ص نمبر 10).

ڪوئل جنگ جي هر مرحلي ۾ پنهنجي ڦپي ٻاگهل ٻائي سان گڏ رهي ابڙي ڏانهن بہ گڏ ويئي تہ وڳهہ ڪوٽ ڏانهن واپس بہ گڏ آئي ۽ مردانا ڪپڙا پهري علاءُ الدين جي اڳيان بہ گڏ گهمي. جڏهن علاءُ الدين ٻاگهل ٻائي ڏانهن نياپو موڪليو تہ ڪو نمائندو موڪل تہ ان سان جنگ نہ ڪرڻ جون

ڳالهيون ڪري امن قائم ڪريون. تڏهن ڪويل ٻاگهي پاران مرداڻي ويس ۾ ڳالهيون ڪيون ۽ علاءُ الدين سان معاهدو ڪيو اهڙي ريت هن عظيم عورت پنهنجي بلند حوصلي ۽ بهادري سان سنڌ جي تاريخ ۾ پنهنجو نالو روشن ڪيو.

## (ث) ساراهه بيگم

سنڌ جي هي سورمي، دوديءَ جي ڏيءَ ۽ چنيسر جي وڏي پٽ محمد جي زال هئي جڏهن سندس پيءُ چنيسر ڪاوڙجي دهلي تي ويو تڏهن هن به ڪيس وڏيون ميڙيون منٿون ڪري ڪيس پرچايو پر هن ڪين مڃيو. جڏهن نينگر جو لاش گهر آيو ۽ ماحول المانڪ بنجي ويو تڏهن ساران ڪوئل وٽ آئي ۽ ڪيس آٿت ڏيڻ لڳي تڏهن ٻاگهي چيس ته " جڏهن تنهنجو مڙس به ننگر جيترا انصاف ڪري تڏهن اچي بيگم سان ثاني ٿيءُ" اهو ٻڌي هو سڌو مڙس وٽ آئي ۽ ڪيس دشمن سان وڙهڻ لاءِ غيرت ڏياري.

مائي ساران نهايت دلير ۽ بهادر عورت هئي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي لفظن ۾ هوءِ پنجاهه جو مٽ پاڻ هئي." دودي پاران موڪليل سامن سان هوءَ به اهڙي جي موت ڪانپوءِ ٽن بهادر عورتن جنگ لاءِ پيير تي ڏونڪو هنيو تن ۾ هوءَ به هڪ هئي ابڙي جي مارجڻ ڪانپوءِ هو راتو رات ٻاگهل سان گڏجي جڏهن وڳهه ڪوٽ پهتيون تڏهن ساران ڪي پٽ ڄائو جنهنجو نالو " ڏونگر راءِ" رکيائون هن جي ڄمڻ تي ساران پيير تي ڏونڪو هنيو جنهن ڪي علاءَ الدين جنگ جو اعلان ڄاتو ۽ پوءِ هن صلح ڪري واپس روانو ٿيو.

## (ج) مائي مالها

مائي مالها هاسي سوڍي جي گهر واري هئي. جڏهن سومريون ابڙي وٽ سام تي آيون ڪي اچي سڏ ڪيو ته ننگ ۽ وطن تي سر ڏيڻ جو وقت اچي ويو آهي. ان وقت مالها اچي سوڍي ڪي اٿاريو ۽ چيائينس ته " اي سوڍا ، تون ته راتين جون راتيون سمهيو پيو رهين، ملڪ ۾ ماتم متو پيو آهي. ننگر جهڙا نر ڪسندا پيا وڃن ڏيهه ڏوجهرن ۾ پوندو پيو وڃي. جيڪڏهن تون اهڙو سست ۽ ڪاهل آهين ته تنهنجو به نبيهه ڪونهي. آءُ پنهنجي مضبوط ٻانهن جو واسينگ وارو ور توکي نه ڏيئي سگهنديس پوءِ تون منهنجو پاءُ آهين ۽ مان تولاءِ پيڻ آهيان." ( سنڌ جو انقلابي عورتون – آزاد قاضي ص نمبر 112).

اهي لفظ ٻڌي هاسو ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ محمد سان گڏجي علاءُ الدين جي اٿاهه لشڪر سان مقابلو ڪندي شهيد ٿي ويو.

مائي مالها بهادر سورهيہ ۽ سچاڻ عورت هئي. هو ۽ ابڙيءَ هاسي جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ ٻاگهل سان گڏ وڳهہ ڪوٽ آئي ۽ جڏهن جنگ جاري رکڻ لاءِ پير تي ڏونڪو هنيو ويو تہ هوءَ بہ ٻاگهل ، ڪوئل ۽ ساران سان گڏ هئي. اهڙي طرح هيءَ سورمي عورت وطن جي بقاءَ ۽ قومي وقار لاءِ هر لمحي سر قربان ڪرڻ لاءِ تيار رهي.

## ٻيون سومريون راڻيون

سومرن جي دور جون سڀ عورتون مردن وانگر بهادر ۽ دلير هيون. ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جو چوڻ آهي تہ ” هن دور ۾ ساٽيهہ تان سر صدقو ڪرڻ نہ فقط مردن جو مرڪ هو پر عورتن بہ حب الوطني جا عظيم مثال قائم ڪيا. ٻارن، ٻڍان مردن ۽ زالن ۾ وطنيت ، خود قرباني، استقلال همت مريادا جو جذبو اول کان ئي رهيو آهي. هو هر مهل هر حال ۽ هر موقعي تي پنهنجي وطن ۽ پنهنجي عزت لاءِ سر ڌڙ جي بازي لڳائڻ کان هر گز ڪين هٽيون.“ هي حقيقت آهي تہ عصمت ، عزت ، لڄ ۽ حيا ست ۽ سيل سچائي ۽ صداقت هر عورت جو زيور آهي ۽ اهي ئي خصلتون سنڌي ثقافت جو املهہ خزانو آهن. جن تي سنڌي تهذيب ۽ تمدن جو اعليٰ محلات تعمير ٿيل آهي. فرمان نبوي بہ آهي تہ ” عصمت جي حفاظت ڪرڻ عورت جو جهاد آهي.“ سومرين راڻين هن موقعي تي پنهنجي حب الوطني صداقت، شعاري ايثار اخلاق جي بلندي عصمت جي حفاظت لاءِ جيڪي بہ قربانيون ڏنيون سي هن قوم جي غيرت ۽ حمت جو ثبوت آهن. جنگ جي وقت دليري ۽ بهادري سان هر مصيبت کي منهن ڏنائون ۽ هر سامان سڙو ۽ عيش جا سيئي لوازمات ڇڏي عطر عنبير طول وهاٽا پلنگ پٽرڙيون، گلم غاليچا ڳهہ ڳنا ، ست رڇيون ۽ اوچا طعام ڦٽا ڪري صرف پنهنجي قومي وقار قومي عزت سنڌ جي تهذيب جي اعليٰ روايت ست ۽ سيل جي حفاظت ۽ سالميت لاءِ امن جي جاءِ جي تلاش ۾ پيرين اگهاڙو بيابانن ۾ نڪري پوڻ سندن اعليٰ ڪردار ۽ اخلاق جي بلندي ۽ پختگي جي نمائندگي ڪري ٿو.

ويس جن جا سون جا عجاوان ارٽ
سام وجن ابڙي ڏي ڇڏي ڇانءِ ڇيٽ
گهر ماڙيون ۽ پٽ، ساڙي هليون سومريون

مورخ لکن ٿا تہ ” ابڙي جي مارجڻ کانپوءِ بادشاهي لشڪر جي ڊپ کان سامون ابڙي جو ڪوٽ ڇڏي جان بچائي ڀڳيون. ابڙي جو ڪوٽ، ابڙا سيي ۾ شهر رائيپور ندي ٽپي الهندي طرف ويون. علاءُ الدين جي لشڪر کي خبر پيئي تہ اهو سندن پويان پيو لڳو. جڏهن سامن ڏنو تہ پڄڻ جي واهہ ڪانهي

تڏهن ڏٽيءَ کي ٻاڏايون جو ڦاتي پيئي ۽ هي پاڪدامن مائيون اندر پيهجي ويون. اهاجاءِ ابڙي واري پٽ تي آهي جيڪو ماڳ ورسر کان ٻ ميل اوپر ۽ رائيپور کان ٻه ميل اتر طرف آهي. ( دودو چنيسر – منشي اڏا رام ص نمبر 30).

سنڌ جون هي عصمت ماب سومريون راڻيون، سوڍيون سياڻيون، جيڪي تعداد ۾ نو ويهان هيون، سچ پچ تعريف جي لائق آهن. جن جيئري پاڻ کي ڏارين جي حوالي نہ ڪيو. سنڌن اعليٰ ڪردار ۽ عظيم اوصاف اسان جي نئين نسل لاءِ روشني جا مينار آهن. اسان جي لاکيڻي لطيف بہ هنن لاءِ چيو هو تہ

سي ساهيڙيون سارين ،
سيل جنين جو سچ،
مارو ريءَ م مچ،
سيهو يائنج سون کي

# پاڳو ٿيون

## (الف) سومرن جي شهادت ۽ تاريخ جو سبق

اسان پوين ورقن ۾ سومرن جي سونهري دور ۽ سندس قومي غيرت، وقار، ناموس ۽ وطن جي بقا ۽ سالميت لاءِ ڏنل قربانين جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. هت اهو ڏسڻو آهي ته ايڏن عظيم ڪونڌرن ٻارين ٻچين ۽ زالين مڙسين وطن لاءِ جانيون ڏنيون پر پوءِ به ڪين شڪست ملي ۽ سندن ايڏي پختي ۽ مضبوط حڪومت ڏانوان ڏول ٿي ويئي سو ڇو؟ اچو ته انهن جي اسبابن کي تاريخ جي روشني ۾ پرکڻ جي ڪوشش ڪيون.

تاريخ رڳو جنگين ۽ جگهڙن ، شاهي لشڪر جي دهشت ۽ دٻدٻي ، حاڪمن جي ڪچهرين ۽ کهاڻين جو نالو نه آهي، پر تاريخ ڪنهن مخصوص دور جنهن سان ان جو واسطو هجي جي سماجي ۽ اقتصادي حالتن جو آئينو هوندي آهي. جنهن مان اهو معلوم ٿي سگهندو آهي ته ان دور ۾ سياسي ۽ اقتصادي حالتن جو سماجي اوسر تي ڪهڙو اثر پيو ۽ ان دور جي عوام پنهنجي محدود وسيلن سان ڪهڙي طرح قومي اوسر ۾ هٿ ونڊايو. تاريخ جي ابي ابن خلدون جو چوڻ آهي ته " تاريخ صرف واقعات ۽ حادثات جو نالو نه آهي پر تاريخ انهيءَ پسمنظر جو نالو آهي جنهن ۾ معاشي ۽ معاشرتي ڪشمڪش جي ڪري اجتماعي طور انقلابي تحريڪون اٿن ٿيون. جنهن ۾ قومن جي ڪمال ۽ زوال جا اسباب ۽ عوامل لاشعوري طور بيان ٿين ٿا." هن لکت موجب اسان کي سومرن جي دور جي سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ ثقافتي پس منظر کي نظر ۾ رکي بحث ڪرڻو آهي.

(الف) هي هڪ تاريخي حقيقت آهي ته سومرا خالص سنڌي قوم هئا ۽ هنن ساڍا ٽي سئو ورهيه حڪومت ڪئي. سڀ تاريخ نويس ، هن ڳالهه تي متفق آهن ته ان ئي عرصي سنڌي قوم کي خالص مقامي ۽ قومي خودمختيار حڪومت هلائڻ جو وجهه مليو. يعني انهي عرصي کي قومي حڪومت جو درجو حاصل آهي. ان کان پوءِ وري ڪڏهن به اهل سنڌ جي بخت يا وري نه ڪئي. هميشه پراون ۽ حملہ آورن جو مٿن تسلط رهيو. جي ڪڏهن به قوم جا خير خراه نه رهيا. سومرن جي ڪمزوري لفظ

سنڌ هو. هو سنڌ لاءِ زنده رهيا ۽ سنڌ لاءِ سر ڏنائون ظاهر آهي ته اهو ”سنڌيت“ جو لفظ دشمن لاءِ للڪار ثابت هو.

(ب) ”سنڌ“ هڪ اهڙو زرخيز ۽ سکيو ستابو علائقو هو جو هر غنيم جي نظر هن تي هئي. ان ڪري منگول ۽ ايراني قومون جڏهن سنڌ کي گهوڙن جي سنبن سان پائمال ڪري رهيون هيون تڏهن ڪنهن مقامي قوم جو اڀري اچڻ لازمي ڳالهه ۽ وقت جي اهم تقاضا هئي. لهذا فقط سومرا ئي هئا جن لاڙ ۾ پنهنجو اثر رسوخ وڌائي پاڻ کي منظوم ڪيو.

(ث) سومرن جي خودمختيار حڪومت پرواري هند جي وڏي مملڪت ۽ شهنشاهيت جي اکين ۾ ڪنڊو هئي. هنن ننڍڙي آزاد رياست وڏن وڏن بادشاهن جا ارادا مٽي ۾ ملائي ڇڏيا هئا. غزنوين غورين ۽ خلجين کي ٻچ به ڪانه ڪئي. حالانڪ انهن مغلن پر وارين رياستن ۾ رڻ ٻاري ڏنو هو ۽ اهو ڏينهن خالي ڪونه هو جنهن ڏينهن مغلن انساني خون نه وهايو هجي پر سنڌ ڏانهن ميري اک ڪڻڻ جي ڪين جرئت ٿي نه سگهندي هئي. دهلي جي حاڪمن کي فيروز شاهه تغلق سان سومرن جي جنگ ياد هئي. جناب ابن الياس سومرو لکي ٿو ته : ”انهيءَ جنگ ۾ سومرن سان جاڙيجا ۽ سما راجپوت به شامل هئا، مگر فتح نصيب نه ٿي سگهي. ليڪن اها حقيقت آهي ته هي پهرين لڙائي هئي جا هڪ مقامي قوم ڌارين سان ڪئي هئي. اها به حقيقت آهي ته ان کان پوءِ دهلي جي گورنرن جي سنڌ تي پڄاڻي ٿي. ان کان اڳ ست سئو ورهين ۾ سنڌ جي ڪنهن به ديسي قوم دهلي، غزني ۽ فارس جي حاڪمن خلاف تلوار نه کنئي هئي. ان بعد هميشه لاءِ جنگ وجدل جو دور ختم ٿي ويو ۽ سنڌي قوم يڪ سوئي سان پنهنجو ڌيان ثقافتي ۽ تمدني حفاظت طرف ڪري سگهي.( وڳهه ڪوٽ جا وريام – شان سنڌ ص نمبر 17).

(ج) علاءُ الدين خلجي پنهنجي ڀاءُ الغ خان کي 1297ع ۾ ملتان تي چاڙهي موڪليو جنهن ملتان جي گورنر علي خان کان حڪومت جي واڳ کسي نصرت خان کي ملتان اڄ، بکر ۽ سيوستان جو گورنر مقرر ڪيو ۽ کيس ڏهه هزار فوج ڏني ته هو چڙهي وڃي ۽ جتي به ڪو باغي هجي ته ان کي وڃي آن مڃائي ۽ ختم ڪري اهڙي طرح تخت نشين ٿيڻ کان پوءِ علاءُ الدين بنگال، دڪن ، گجرات ۽ سنڌ تائين سڄو ملڪ مطيع ڪيو ۽ آخري دور ۾ ملتان ، اُڇ ۽ سنڌ جي حڪمراني غازي ملڪ حوالي ڪيائين.( تاريخ معصومي سنڌي ترجمو – ص نمبر 52).

(د) سومرن جي آخري حڪمران عمير جي ڀيءُ دودي جي وقت ۾ ( سلطان علاءُ الدين جي حڪومت واري دور ۾ ) خودمختياري تان سنڌ جي سومرن حڪمرانن ۽ دهلي جي خلجي سلطانن جي وچ ۾ جيڪا ڪشمڪش شروع ٿي سا پوءِ ويندي سمن حڪمرانن ۽ تغلق گهراڻي جي بادشاهن جي دور

تائين هلندي آئي. غالباً سومري حاڪم دودي خودمختيار ٿي حڪومت ڪرڻ چاهي جنهن ڪري سلطان علاءُ الدين جي سپهه سالارن سنڌ تي چڙهائي ڪئي. دودي کان پوءِ سندس پٽ همير ( سومرن جو آخري حاڪم ) دهلي جي سلطانن جو مطيع ٿيو ۽ سندن مدد جي سهاري سان حڪومت ڪرڻ لڳو. انهيءَ تان سومرا ٽوڙي سما سربراهه سندس مخالف ٿيا ۽ هنن ڄام انڙ جي اڳواڻي هيٺ هڪ جدا خودمختيار حڪومت قائم ڪئي، جنهن تي سلطان محمد بن تغلق سومرن ۽ سمن تي چڙهائي ڪئي. ( ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ – سومرا دور – ص نمبر 199).

(ح) دهلي سلطنت جي مخالفت کان سواءِ سومرن جي خلاف گجر ۽ واگهيلا به هئا. سومرن جي اوائلي دور جي ڏيڍ سئو سالن ( 1250۔ 1100ع ) واري عرصي ۾ سومرن جون گجرن ۽ واگهيلن سان جيڪي جنگيون لڳيون، تن ۾ سومرن ئي کٽيو. ڪڇ جي ڏکڻ ۽ اوڀر طرف وارن حصن ۾ گهڻو آڳاٽو گجرن جي حڪومت هئي ۽ گجرن جون رياستون سنڌ جي سرحد سان لاڳيتو هيون. سومرا سياسي ۽ عسڪري طرح گجرن کان ڏاڍا هئا. وڳهه ڪوٽ اصل گجرن جوهو جو هو جيڪو سومرن کائن کسي پنهنجي گادي جو هنڌ بنايو ۽ گجرن ۽ سومرن جو مسلسل لڙايون لڳيون پر گجرن کي شڪست ملي. روايتن ۾ اچي ٿو ته جئسينگ گجر پنهنجن مائٽن کي وٺي وڳهه ڪوٽ ۾ پونگر راءِ سومري کان ٻاگهي جي سڱ لاءِ آيو پر پونگر کي منيان لڳي ۽ هنن گجرن سان جنگ ڪري کيس پڄائي ڪڍيو. ( ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ – سومرا دور – ص نمبر 199).

اها ٻاگهي پهرين هئي. گجرن ڏٺو ته سياسي ۽ جنگي طرح هو سومرن سان پڄي نه ٿا سگهن ان ڪري اڳتي هلي گجرن وڏي سياسي راند ڪيڏي ۽ سومرن سان مٽيون مائٽيون شروع ڪيون. ان ڪري گجرن جي مرضي سان پونگر بادشاهه لاڏاٽي گجر جي ڌيءَ روپا سان 640هه ۾ شادي ڪئي.

( ڪن روايتن ۾ آهي ته روپا جي ذات لهر بيان ڪئي ويئي آهي پر حقيقت هن ريت آهي ته روپا جا مائٽ اصل ۾ گجر هئا، پر جيئن ته لوهڻ جي پر سان اهي سنيون تلوارون ۽ ٻيو جنگي سامان ٺاهيندا هئا انهيءَ ڪري لوهر سڏجڻ لڳا. ( سنڌ جو انقلابي عورتون – ص ن 92).

لاڏٺو گجر ان وقت ڪوسر ۽ ريڻ تي راڄ ڪندو هو. هي مائي آئي به سومرن ۾ انتشار پيدا ڪرڻ لاءِ هئي. هن جي اچڻ سان ئي وڳهه ڪوٽ مان دارالسلطنت ڪڇي نئين شهر روپا ماڙي ۾ ٿي جتي هي مائي صاحبه ڏار رهڻ لڳي. جڏهن چنيسر ڄائو ته ان جي سنڀال پرورش تعليم ۽ جنگي سکيا جو استاد دائود شيخ رکيو ويو ۽ چنيسر کي هر ڳالهه ۾ سومرن کان پري ڪيو ويو. ايتري قدر جو چنيسر

جي والده چنيسر کي پنهنجن مائٽن مان پرڻايو. چنيسر جي زال مريم محمد نالي گجر سردار جي ڌيءَ هئي. پونگر کي خبر پيئي ته اڳتي هلي خاندان ۾ ڏڦيڙ پوندو ان ڪري ئي هن دودي ۾ چنيسر جي پٽ ننگر جو مڱڻو به ڪيو. پر جڏهن پونگر مري ويو تڏهن گجرن سومرن خلاف ڪاروائي شروع ڪئي ۽ واگهيلا به ان سازش ۾ شريڪ ٿيا. گجرن جي مرضي هئي ته حڪومت چنيسر کي ملي ۽ اهڙي طرح هوئي حڪومت جا مالڪ ٿين. پر سومرن جي پارليامينٽ وڏي سياسي سوچ رکندڙ ۽ انتظامي امور ڄاڻيندڙ هئي. هنن چنيسر کي به حڪومت پونگر جو پٽ ڄاڻي پئي ڏني پر جڏهن هن چيو ته ” مان ماءُ کان پڇي اچان“ ته سومرن سمجهيو ته هو اڳتي هلي مڪمل سياسي طرح ماءُ جو ٿيندو جيڪا ” گجر سردارن“ جي چوڻ ۾ آهي ۽ اهڙي طرح گجر ۽ واگهيلا اڳتي هلي سومرن جي حڪومت جو خاتمو ڪري پنهنجي حڪومت قائم ڪندا. ان ڪري هنن چنيسر کي حڪومت نه ڏني ان مان هي به صاف ظاهر آهي ته چنيسر جي ماءُ ان زال جيڪي ٻيئي گجرن جي مفاد لاءِ ڪم ڪري رهيون هيون تن چنيسر کي اڀاريو ته هو ٻاهريون لشڪر سنڌ تي چاڙهي اچي. اسان جي عوامي ادب ۾ اهڙيون ڪافي روايتون ملن ٿيون جنهن مان خبر پوي ٿي ته چنيسر کي سندس ماءُ ۽ سندس زالن جي طعنن تپائي ڪنيو چنيسر جي پرورش به اهڙي ماحول ۾ ٿي جنهن موجب هو سومرن کي پنهنجو دشمن سمجهندو هو. ٻاگهل کي پنهنجي پيڻ به تصور نه ڪندو هو ۽ ”ننگر“ جڏهن ڪوئل سان لائون لڏيون ته هن علاءُ الدين جي هٿان پٽ ڪهرائڻ به مناسب سمجهيو. جڏهن چنيسر دهلي ڏانهن روانو ٿيو تڏهن گجر ۽ واگهيلا ساڻس گڏجي ويا ۽ ترم شيرين گجرن جي رياست گجرات کان ٿي سنڌ ۾ آيو ته سومرن حڪمرانن جي هر ڪٽنب هر قبيلي ۽ هر فرد مدد ڪئي پر گجرن ۽ واگهيلن مان ڪوبه نه آيو. ان مان صاف ظاهر آهي ته هي سارو کيل گجرن ۽ واگهيلن دهلي جي حاڪمن جي صلاح سان روپا ۽ مريم جي معرفت ڪيڏيو ۽ اهڙيءَ سنڌ جي هي عظيم الشان خالص سنڌي حڪومت ختم ٿي ويئي. افسوس جو سومرن جي حڪومت پوري ٿيڻ کان پوءِ سمن راجپوتن جي مختصر ابتدائي دور بعد وري سنڌ ساڳي پائي تي نه اچي سگهي. سمن پنهنجي سياسي تعلق جو رخ عربي، ايراني ۽ افغاني نسل جي قومن طرف رکيو. اهڙي طرح سومرن جي حڪومت بعد سنڌ جون جيڪي به حڪومتون برپا ٿيون ۽ قائم رهنديون آيون ( وڳهه جا وريام – ابن الياس سومرو ص نمبر 17).

هڪ سياسي، سماجي، خانداني ۽ نفسياتي تجزئي مان هي صاف ظاهر ٿيو ته سومرن جي زوال (FALL DOWN) جا اسباب سياسي ۽ سماجي هئا ۽ ان مان اسان کي جيڪو سبق ملي ٿو ان کي ضرور نظر ۾ رکڻ گهرجي. چو ته تاريخ قوم جو تجربيگاهه آهي. تاريخ لئبارٽري ۾ قوم جي نئين نسل کي عظيم درس ملي ٿو. تاريخ ئي زندهه قومن جي جيوت جو نشان آهي قوم جي زندگيءَ جو اهڃاڻ آهي.

تاريخ اهو روشن ڏيئو آهي جيڪو ملڪ ۽ ملت جي زندگيءَ جو ثبوت فراهم ڪري ٿو. تاريخ اهو آئينو آهي، جنهن ۾ قوم جو ماضي جهلڪيون ڏيندي نظر اچي ٿو ۽ اها قوم پنهنجي شاندار ماضي کي اڳيان رکي حال ۾ مستقبل جي تعمير ڪري ٿي. ان ڪري چيو وڃي ٿو تہ تاريخ هر قوم جي نئين تعمير ۾ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿي ۽ نئين نسل جي تربيت ڪري ٿي.“ (ادب ۽ تاريخ – داداسنڌي– روزاني هلال پاڪستان 21 مئي 1979ع).

هاڻي تاريخ جي روشني ۾ اسان سومرن جي دور جو تجزيو ڪنداسين تہ اسان کي معلوم ٿيندو تہ هيڏي ساري منظم ۽ مستحڪم حڪومت تباهہ ان ڪري ٿي جو سومرن ڏارين مان شادي ڪئي ۽ اهي عورتون ، روپا ۽ مريم ، دشمن جون آلئہ ڪار هيون ۽ سومرن ۾ صرف آيون بہ پنهنجي انتقام ۽ پلاند وٺڻ لاءِ. آزاد قاضي صاحب لکي ٿو تہ” منهنجي خيال ۾ چنيسر پاران سنڌ کي تاراج ڪرائڻ واري واقعي ۾ قبائلي جهيڙي جو وڏو هٿ هو ۽ ان ڳالهہ کي عملي جامو پهرائڻ ۾ انهن عورتن وڏو ڪردار ادا ڪيو جي سومرا سردار محبت مان شاديون ڪري آيا.“ (سنڌ جون انقلابي عورتون – ص نمبر 123ع).

اسان کي تاريخ جي لئبارٽري ۾ ڪيل تجربي مان اهو اصول ۽ نتيجو ٿو حاصل ٿئي تہ ڏاري نسل کي پنهنجي گهر ۾ آڻڻ سان قومي وقار ختم ٿي وڃي ٿو ۽ قومي مسئلا پيدا ٿين ٿا. بين الاقوامي لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ فلسطين جي سرزمين اتان جي اصل باشندن لاءِ ان ڪري تنگ ٿي چڪي آهي جو انهن پنهنجن گهرن ۾ يهودي عورتن کي آندو ۽ بنهہ ساڳي طرح اسان سنڌي اڄ پنهنجي ” قومي وجود “ جي بچاءُ لاءِ ان ڪري جنگ لڙي رهيا آهيون جو اسان جي نوي سيڪڙو آفيسرن، عالمن ۽ اديبن جي گهرن ۾ ڏاريون عورتون آهن. ان ڪري اسان کي اقتصادي نقصان پهتو آهي پر نسل بہ ختم ٿي رهيو آهي ۽ آثار ٻڌائين ٿا تہ اسان هن سنگلاخ زمين تي پنهنجو وجود برقرار رکڻ ۾ ناڪام ٿي رهيا آهيون ڇو تہ اهي ڏاريون عورتون اهڙوئي ڪردار ادا ڪري رهيون آهن. جهڙو ” روپا ۽مريم “ ادا ڪيو.

ڏريان ئي ڏار وڍي جي وڻ جدا ڪيا
تن سڪن ڪهڙيءَ سار ڪي اٿا مينهن ملير تي

شاهہ رح

## (ب) سومرن جي روايت سنڌي ادب جي سجاوٽ

سماج ۾ ٿيندڙ هر قسم جي تحريڪ، مهم، نئين ڪوجنا نئون نظريو تبديلي يا هر اهو عمل جيڪو مجموعي طور معاشري جي ذهنن کي متاثر ڪري ٿو سو ادب کي به پنهنجي اثر هيٺ آڻيندو آهي. ڇاڪاڻ ته ليڪڪ به سماج جو هڪ فرد ٿئي ٿو ۽ سمورو ادب مجموعي طور سماجي پيداوار جو تخليقي حصو آهي ۽ اجتماعي سوچ ۽ گڏيل فڪر جو نتيجو پڻ. هر دور ۾ ائين ٿيندو رهيو آه ته معاشري ۾ مختلف ڪارڻن جي ڪري اٿندڙ تحريڪون ادب کي متاثر ڪنديون رهيون آهن ۽ موٽ ۾ ادب به انهن تحريڪن تي پنهنجو اثر ڇڏيندو رهيو آهي. يا ته وري گهڻو ڪري مختلف سماجي تحريڪون ( جن جا بنياد ۽ ڪارڻ خارجي طور اڳ ۾ ئي سماج ۾ موجود هوندا آهن) ادبي تخليقن ۽ اديبن ۽ دانشورن جي ڪاوشڻ سان تحريڪي رنگ اختيار ڪري اڀرنديون ۽ وڌنديون آهن. دنيا جي سموري ارتقائي تاريخ اهڙي تحريڪي ادبي روايتن سان پري پيئي آهي. اهي حقيقتون ۽ تاريخي شهادتون ادب جي سماج ۾ جاندار حيثيت ۽ قوت جي غمازي ڪن ٿيون.“ ( روايت سان رشتو – منير احمد : سوجهرو – ڪراچي يونيورسٽي ص نمبر 121).

سومرن جي دور حڪومت سنڌ ۽ نئين روايت ۾ نئين زندگي تبديلي هئي جنهن جي سياسي حڪمت عملي جو بنياد ئي لفظ سنڌ هو. جيئن ته هو سنڌ جي مقامي قوم هئي، ان ڪري هن دور ۾ سنڌي تهذيب تمدن ۽ ادب وڏي ترقي ڪئي. سنڌي ٻولي دفتري زبان جي حيثيت حاصل ڪئي ۽ باقاعدي سرڪاري لکپڙهه جو ذريعو بڻجڻ لڳي. سومرن پنهنجي تخت گاهن جا نالا به سنڌي زبان ۽ لهجي کي مدنظر رکي رکيا. جهڙوڪ رويا ماڙي ۽ وڳهه ڪوٽ وغيره روپا ماڙي ۾ پ ۽ وڳهه ڪوٽ ۾ ڳ ۽ اهڙي طرح ٽ ۽ پ جهڙا حروف غير عربي هئا ۽ خالص سنڌي زبان جا آهن. جن مان صاف ظاهر آهي ته سومرن جي سنڌي ٻوليءَ سان محبت هئي. هن دور ۾ سنڌي ٻولي ۾ مقامي لهجن، سياسي ۽ جاگرافيائي تبديلين ۽ جوڙجڪ سبب هزارن نون لفظن، محاورن ۽ اصطلاحن جو اضافو ٿيو جن نه صرف سنڌي ٻولي کي سونهن بخشي پر ان ۾ خالص صوتياتي نظام پيدا ڪيو ۽ لغت ۾ واڌارو آيو ۽ هڪ خاص لپي ايجاد ٿي جنهن کي ”خواجڪي سنڌي لپي“ سڏين ٿا. هي دور سنڌي زبان جي بنيادي اوسر جو دور هو ڇاڪاڻ ته هن دور ۾ عوامي سطح تي لوڪ گيت لوڪ ڪهاڻين ۽ لوڪ ناچ جون مختلف صنفون تخليق ٿيون. سماجي زندگي سان لاڳاپيل مختلف خيالن احساسن، آسن، اميدن ۽ ذهني اظهار جي طريقن ۽ سائنسي سوچ جي ڪري سنڌي زبان ۾ شاهوڪار ٻولين ۾ شمار ٿيڻ لڳي.
( سومرن جي دور جو سماجي ۽ اقتصادي تجزيو – عبدالله مگسي ٽماهي مهراڻ 2/ 1989ع).

سومرن سورمن سنڌي ادب ۾ شاعريءَ کي نوان موضوع ۽ نوان لاڙا ڏنا. هنن پنهنجي وطن جي بقاءَ ۽ سالميت ۽ قومي وقار ۽ عزت جي پاسخاطري ڪندي جيڪي قربانيون ڏنيون تن سنڌي ادب کي لازوال حيثيت بخشي. وعده وفائي ، انسان دوستي ڏاڍ کان نفرت، سخاوت ، بهادري ، شرافت ، غيرت ۽ حب الوطني اهڙا گڻ آهن جيڪي پوءِ شاعريءَ ۽ ادب جا خاص موضوع بڻيا. ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته " حب الوطني هن دور جي اهم خصوصيت آهي. وطن فروشي کي ڌڪارڻ ، ڏاڍن جي ڏاڍائي ۽ ظلم کان نه ڊڄڻ ڏارين جي اطلس ۽ ريشم جي مقابلي ۾ اباڻن جي کٿي اوڍڻ ۾ عزت سمجهڻ. مارئي جو ڪردار هڪ اهڙو ڪردار آهي جو اڄ به اسان لاءِ ساڳي اهميت ٿو رکي مارئي جو ڪردار اڄ به ساڳيو پيغام ڏئي ٿو". ( سومرن جي دور جو سنڌي ادب – نئين زندگي مارچ 1979ع ص نمبر 47).

هن دور ۾ مذهبي تبليغ به زور ورتو ان ڪري سماع وقت بيتن ، مداحن ، مناجاتن ۽ مناقبن جون ڪيترين ئي صنفون سنڌي شاعري ۾ داخل ٿيون. اهڙي طرح شاعري جي مضمون ۽ هيئت ۾ واڌارو ٿيو. عوامي شاعري ۾ ڳيچ، سورٺا، دوها ۽ ڳنان وجود ۾ آيا ۽ موسيقي ۾ به نواڻ پيدا ٿي. لوڪ ڪهاڻين ۽ انهن جي ڪردارن سنڌي ادب کي ترقي پسند ڪردار عطا ڪيا. عمر مارئي، ليلا چنيسر، سسئي پنهون ، مورڙو مانگر مڇ، عمر ۽ گنگا، دودو چنيسر، مينڌرو ۽ مومل جي قصن ۽ ڪهاڻين سنڌي ادب کي سونهن بخشي ۽ ادب کي مالا مال ڪيو.

سومرن جو هي روايتي ادب، پوئتان ايندڙن لاءِ قيمتي سرمايو ۽ آبحيات آهي. هيءَ حقيقت آهي ته ڪو به ادب پنهنجي سرزمين جي روايتن ، جن جون پاڙون نهايت اونهائي ۾ انهيءَ سرزمين جي مٽي ۾ کتل هجن کان ڇڄي جدا ٿي انهيءَ سرزمين جي مخصوص قومي خاصيتن پٽاندر رنگجي وجود قائم رکي نٿو سگهي. ادب هر قوم جي عوام جي داخلي توڙي خارجي زندگي جو عڪس هوندو آهي ۽ انهيءَ عڪس جون شڪليون، انهيءَ قوم جي مخصوص اهڃاڻن جيڪي نظام جاگرافيائي حالتن ۽ تاريخ جي ڊگهي عرصي دوران پنهنجو مخصوص قومي رنگ اختيار ڪنديون آهن ۽ اتي جي عوام جي زندگي ۽ چالو اقتصادي رشتن تاريخي روايتن ريتن رسمن قومي مزاج ۽ نفسيات پٽاندر مخصوص قومي عڪس هوندا آهن. هي سمورا عناصر ادب کي مخصوص قومي ڪردار مزاج ۽ رنگ ڏين ٿا.

سومرن جو پيش ڪيل هي روايتي ادب ڌرتي جو ادب آهي. ساٽيهه جو ادب آهي. سومرن سوڍن سر ڏيئي جيڪا روايت قائم ڪئي انهيءَ تي اڳتي هلي هر سومري سوڍي کي هڪ مثالي پيش ڪري سنڌ جي نوجوانن اڳيان پيش ڪيو ۽ اهڙي طرح سنڌ ۾ ڪا به قومي تحريڪ اٿي تڏهن سومرا ئي

انهن جا سرڪردا بڻيا. اسان جي ” عوامي ادب“ ۾ تہ ” دودي چنيسر“ جي قصي ۾ هر سوڍي جي هر ادا کي نهايت دلچسپ ۽ موثر انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. هي داستان يا قصي ۾ جنهن عنصر کي اپاريو ويو آهي اهو ” حب الوطني“ جو عنصر آهي. هي حقيقت آهي تہ حب الوطني انسان ذات جي هڪ قديمي جمهوري ۽ عالمگير خصلت آهي جنهن جي ڪري دنيا جون مختلف قومون ۽ انهن جو مخصوص تهذيبون مختلف ملڪ ۽ انهن جون مقرر سرحدون ڪيترن زمانن کان پنهنجي پنهنجي جاءِ تي قائم ۽ برقرار آهن. اها ئي انساني وصف آهي جيڪا ڪنهن قوم جي مخصوص اخلاقي نظام کي جنم ڏئي ٿي ۽ ان جي فردن ۾ قومي غيرت، شجاعت، جدوجهد خدمت، سخاوت، سچائي ۽ قرباني جي مقدس جذبن جي پرورش ڪري ٿي. حب الوطني انسان ذات جي عظيم ميراث آهي، ۽ ان تي فخر ڪرڻ لاءِ پنهنجي شعر ۽ ادب ۾ هر ملڪ وٽ اهڙا مثال محفوظ آهن. جيڪي حق ۽ باطل جي تصادم جي تاريخ ۾ سندن ڪردار جي عڪاسي ڪن ٿا.“ ( شمشير الحيدري، سوِيون سر گهرن — صفحو نمبر 20.)

دودي چنيسر جي رزمي داستان جي شروعات هن طرح سان ئي ٿئي ٿي.

سک وسي سنڌڙي، سکن سندو ڏيهہ
سدا وسي سنڌڙي، جتي ولين جا ميڙا
سنڌو سي شهباز جي، جنهن جا ظاهر پير فقير

” عوامي ادب“ ۾ سوڍن جي سورهيائي، سرويچي، غيرت ۽ سچائي جي قائم ڪيل روايت کي ساراهيندي چيو ويو تہ ؛

ساراهہ ڪريان، دو دواڻين جي سٽي جڳ سارو
سنڌ ملهائيندا سومرا، جا سين هوندن ساهہ
سورهيہ سجن ٿا سومرا جي وڳهہ راڄ رهن
سنڌ جا سورهيہ سومرا، پيا ويريءَ ساڻ وڙهن
ڏجئين سوپ سچا ڏٽيءَ، سومرا سي سر ڪن

هن رزمي ۽ قومي داستان ۾ دودو مکيہ سرويچ، غيور ۽ محب وطن آهي. هن قومي آزادي لاءِ جنگ ڪئي ۽ سنڌ جي لڄ کي سلامت رکيو. ان ڪري هو عوامي ادب جو لافاني ۽ لاثاني ڪردار آهي. سندس جرئت، همت، وطني حب ۽ غيرت کي ور ور ڪري ڳايو ويو آهي.

وڳهہ قلعو قادر جو جنهن کي لڳي نہ ڪوسو واءُ
پلي تہ دودا ڇائين، تنهنجي نچ ويائي ماءُ

شينهن ستي ڪر موڙيا، ڇني ڇپر ڪٽ
دودي دو داٽي جي ڪير جهليندو سٽ

ننگر نوجوان آهي . ڳڀرو آهي ، پر سندس قومي شعور ۽ جذبو اعليٰ آهي. ” عوامي ادب “ ۾ ڪردار کي موثر انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. جيڪو اڄ جي نوجوانن لاءِ ” سوچڻ ۽ فڪر “ جو سامان مهيا ڪري ٿو.

کهڙو سانگو ساھ جو، موت انهيءَ مربو
رکن سان رانديو ڪبيون، پير نہ پوءِ ڪبو

ڪنا ڪيٽ اسان جا سندا، لوهارن جوڙيا
اهي ڇميو ٻڏون ڇيلھ تي سونا ٻيا روپا

ڪاهيو پوي اڙدن ۾ جيئن پورب واءُ لڳي
ننگر هٿي ٿو ڪينڪي، ڇڻ درياءَ دور ڪري

مردن کان سواءِ هن جنگ ۾ عورتن بہ وڏو ڪردار ادا ڪيو ۽ ” عوامي ادب“ ۾ سندن واڪاڻ هن طرح ڪئي وئي آهي.

وڄ جيئن ولتي اٿي ڪري ناز نينگر
ڪانئي ٿي ڪنوٽين وانگي، سندي دودي دختر

مر مرين، مر مارجين، مر مرين ڪانڌ
تہ بہ ڪجن وڏا پاند

ساران پنهنجي ڪانڌ کي ڇئنچل اپي چوءِ
جان مرين جان مارجين، پڇي اچج م پوءِ

ڪانڌ منهن ۾ ڏڪڙا، سيڪيندي سونهان
هوندءِ جي پٺ ۾ تہ کهڙيءَ لڄ ڇتيان

اسان جي ڪلاسيڪي شاعرن مان حضرت شاهه عبداللطيف رحه سومرن جي دور ڪي پنهنجي زرين خيالن جو نقطو بنايو ۽ ان ماحول ڪي اظهار راءِ لاءِ منتخب ڪيو. پٽ ڏٽي رحه، سومرن جي حب الوطني ۽ پنهنجي ننگن لاءِ سر قربان ڪرڻ ۽ قومي غيرت ڪي سر مارئي ۾ ور ور ڪري ڳايو.

سچڻ ۽ ساٽيهه، ڪنهن اٽاسي وسري
حيف تنين ڪي هوءِ، وطن جنين وساريو
دودي جي سورهيائي لاءِ چيائين ته
چار ترارون چيلهه سين ٻڌئين ٻه پاڳون
ايءَ اڳين جون آڳون، ڪانڌ قلعي موڪيو
ابڙي جي پٽ ڏونگر راءِ لاءِ پٽ ڏٽي رح چيو
ٻن مڙني ڏنيون ڏني نه ڏونگر راءِ
اڻ ڏنين آڏو ڦري ڏنيون ڏي ڪئاءِ
لوڙيون لک مٿاءِ، ان مٿيري موٽائيون

مبين شاهه عنايت ٻه سومرن ڪي خوب ڳايو. سچل رح ننگر لاءِ چيو ته
” هڪ جوءَ ٻي جوءِ، ڇڏين ڪين جوان
اهڙا ٻه انسان، جي ننگن تان نثار ٿيا

وچين دور جي شاعر امام بخش خادم شڪارپوري دودي چنيسر جي داستان ڪي اعلىٰ نموني منظوم ڪيو آهي. ننگر سومرو علاءُ الدين جي ڀري دربار ۾ جرئت بهادريءَ ۽ بي باڪيءَ جو مظاهرو ڪري ٿو سو شاعر جي لفظن ۾ ٻڌو.

تڏهن ننگر نينگري ڏنس اُت جواب،
ته ڏارين ۾ سڱ سومرا، چاڻن عين عذاب
ڪين بيگانن ۾ ڪندا، توڙي ڪسي ٿين ڪباب
سڱ گهرين ٿو سومرن، توڪي ڪهڙو آهي تاب
ڪريون رت وهائي تالاب، هٽي تراريون تنهنڪي
( ڪليات خادم – مرتب لطف الله بدوي – ص نمبر 182)

هاڻوڪي دور ۾ روايت سان جدت جو سهڻو سنگم ٿيو آهي. اڄوڪن شاعرن ۽ اديبن، سومرن جي حب الوطني، قومي غيرت ۽ خانداني وقار جي جذبي ڪي نه صرف ساراهيو آهي، پر ان ڪي سامهون رکي، نئين نسل ڪي انهن جي طريقي تي هلڻ جي تلقين ٻه ڪئي. شيخ اياز جيڪو جديد ادب ۾

خاص ڪري شاعريءَ ۾ نقطئہ آغاز جو درجو رکي ٿو تنهن ” دودي چنيسر جي قصي کي منظوم ڊرامائي شڪل ڏني آهي. هن ڊرامي ۾ اياز دودي جي ڪردار کي واضع ڪندي سندس لفظن ۾ چوي ٿو تہ

چا بہ چوين من مرڻو نہ آهيان – ويس متائي ورڻو آهيان

تون بہ چنيسر جو ڪجهہ چاهين ۔ مون ڪان اڳ ۾ ورڻو آهين

نانءَ نئين سان ، ويس بدل سان ۔ تنهنجي منهنجي جنگ ازل کان

جاري آهي جاري رهندي

هنن سٽن ۾ ” اياز“ نوجوانن کي هڪ نئون درس ڏئينو آهي. جنهن کي سمجهڻ سندن ئي ڪم آهي. تنوير عباسي، جديد سنڌي شاعري جو نمائنده شاعر آهي. هو ڪوئل جي غيرت ۽ حوصلي کي هن طرح نمايان ڪري ٿو. جڏهن هن جي مڱيندي جو لاش زنانخاني ۾ پهچي ٿو تڏهن هي غيور عورت پنهنجن سهيلين کي چئي ٿي تہ

منهنجو مڱ متي، هن کي گهلو گهڻا هئا

مرڪڻ جو حق ناهي ڪو او سر تي توکي

جو تنهنجي مڱ کي، رهڻ نہ ڏنم جسم تي

نياز همايوني سنڌ جو ڳهڻي جهڙو شاعر آهي. سندس شاعري ۾ سنڌ جي تاريخ جا ورق ائين ٿا ياسجين جيئن ڪنوار کي پاٽل گج تي موتيءَ داڻا . نياز جي شاعري ۾ جيتري سنڌ جي تاريخ جي ثقافت بيان ٿيل آهي انهيءَ جو ڏهون حصو بہ موجوده سنڌي شاعري ۾ مشڪل سان ملندو. انهيءَ ڪري چيو وڃي ٿو تہ ” نياز سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب جو شاعر آهي“. نياز جا بہ طويل نظم سنڌ جا ميلا ( دودي چنيسر جو منظوم داستان) ۽ ساڻيهہ جي ساک ( دودي چنيسر جو منظوم داستان) تعريف لائق آهن. ساڻيهہ جي ساک ايڏو تہ اعليٰ پائي جو طويل نظم آهي ، جنهن ۾ سومرن جي دور جي تاريخ کي نهايت پر اثر نموني ۾ پيش ڪيو ويو آهي. هن نظم جو هڪ هڪ اکر حب الوطني جو جيئرو جاڳندو ثبوت آهي.

سنڌ ديس جي سوني ڌرتي، متي مڻيادار الا

هن ڌرتي تان گهور وڃان هي ڌرتي سر جڻهار الا

جاڳايا جهن جنم جنم ۾ جار ڪري جهونجهار الا

سنڌ کي اهڙو سورهيہ گهرجي ، جنهن جو اهو ڪردار هجي

ملڪ ۽ ماڻهن ساڻ سڏو، پڻ دشمن لئہ ديوار هجي

دودي بن ٻيو آئيو اهڙو جنهن جو اهو ڪردار هجي

جيف تنين ڪي هوءِ الا، جن لوئي لڄائي لوپي ٿي
ٻوٿو تن جو گار ٿئي، جن ويل وهايا نوڳي ٿي
ڏيهہ ڏڪاريا ماڳ نہ ماڻين، رلي وڃن شل روڳي ٿي

ابراهيم منشي کي اسان جي ”قومي شاعرن“ ۾ وڏو مقام آهي. سندس شاعريءَ ۾ سنڌو جي ساک، جوڌن جو پيغام۽ نئين سنڌ لاءِ سنيهو آهي. سومرن سورمن تي هن جو ننڍڙو ڪتاب ”وڳهہ جا وريام“ قابل تعريف آهي، جنهن ۾
دودي کي خراج پيش ڪيو ويو آهي.

شينهن ببر جيئن گڙندي گجندي مغل لکين تومات ڪيا
چئني طرفن تلوارين ٿي تجلا ڏينهن ۽ رات ڪيا
سبق ڏنو تو ساري جڳ کي جام شهادت پيئندي الا
منشي چوي تون تا قيامت، ساري جڳ ۾ جيئندي الا
ٻين سوڍن سورمن جو ڏسو تہ ڪيئن نہ ذڪر ٿو ڪري
تون وٽ ننگر تون وٽ پونگر، تو وٽ دودا آهن دلير
چئني طرفن تلوارين ٿي تجلا ڏينهن ۽ رات ڪيا
سبق ڏنو تو ساري جڳ کي جام شهادت پيئندي الا
منشي چوي تون تا قيامت، ساري جڳ ۾ جيئندي الا

نظم کان سواءِ، نثر ۾ بہ سوڍن ۽ سورهين سومرن جي هن اعليٰ حب الوطني ۽ شجاعتي ڪارنامي تي اعليٰ نگارشات پيش ڪيون ويون آهن. هن ۾ محترم لطف الله بدوي جو ڊرامو ”دودو چنيسر“ پيش ڪري سگهجي ٿو. جنهن تصنيف جو مقام ڊرامہ نگاري جي فن ۾ گهڻو بلند آهي. هن ڊرامي ۾ ڪردارن کي تمام بلند ۽ اعليٰ ڏيکاريو ويو آهي. دليري ۽ شجاعت کي لفظن جي لباس ۾ پيش ڪري پڙهندڙن کي موهي وجهي ٿو. ٻاگهي جي عظيم ڪردار کي ڪيئن چٽي ٿو. چند لفظ ملاحظ ڪريو. جوابدار: شهزادي، سيد سالار جا قاصد، قلعي جي فصيل وٽ ويٺل آهن. هنن پاڻ سان پنهنجي سردار جو ڪو پيغام آندو آهي.

ٻاگهي : بهادر رهيل فوج کي حڪم ڏيو تہ انهن شيطانن کي روڪين جيئن هن مقدس قلعي جي زمين تي انهن ناپاڪ انسانن جي قدم جو نقش نہ اچي. سنڌ جون عصمت ماب شهزاديون، تخت ۽ تاراج وڃائي بہ ايترو بلند آهن، جو هڪ غير جي تنوس جي آواز کي بہ ٻڌڻ نٿيون چاهين.“

هي سارو ڪتاب لفظن جي سادي صنعت ۾ سنڌ جي هڪ دور جي عظيم تهذيب تمدن جو روح پيش ڪري ٿو. جنهن لاءِ جناب مظفر ايم سومرو لکي ٿو تہ ” دودو چنيسر “ سنڌي زبان ۾ حسين شاهڪار آهي. ( دودو چنيسر – لطف الله بدوي – نئين زندگي آگسٽ 1985ع صفحو نمبر 24).

ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ هن ڊرامي کي ٻيهر ڇپرايو وڃي.

دودي ۽ چنيسر جي رزميہ داستان جي پس منظر ۾ سنڌ جي منفرد افسانہ نگار ۽ ڊرامہ نويس جناب آغا سليم ” دودو ۽ چنيسر “ ڊرامو لکيو آهي. جيڪو بہ سنڌي ادب ۾ شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو. آغا سليم تشبيهہ ۽ استعاري جو شهنشاهہ آهي. لفظ سندس غلام آهن. ائين ٿو محسوس ٿئي تہ اهو سندس اڱيان ٻانهون ٻڌيو بيٺا آهن ۽ چوندو مالها ۾ پوئيندو ٿو وڃي. ٻولي سادي سلوڻي ۽ سوادي ڪم آڻي سندس ڊرامي ۾ سومرن جي همت، غيرت، صبر، شجاعت ۽ جوانمردي جانقشا هوبهو چٽيل آهن. سندس قلم جي نڪار، سومرن جي داستان کي سونهن ۽ سوڀيا بخشي آهي. ڪردار جيئرا جاڳنداتي ڀيا آهن.

ننگر : مائرن جون جهوليون ان ڏينهن لاءِ ٽينديون آهن، تہ جيئن سندن ٻچڙا ملڪ لاءِ مرن سهاڳڻيون ان ڏينهن لاءِ سهاڳ ماٽينديون آهن تہ جيئن سندن گهوٽ وطن لاءِ رت ڳاڙها ٿين.

دودو: ( دودي کان دانهن نڪري وڃي ٿي ، ننگر اڳتي وڌي هن کي ڪلهن کان جهلي ) تنهنجي مهراڻ واري مستي آهي. جنهن ملڪ جون مائرون تو جهڙا پٽ جڻي سگهن ٿيون، تنهن ملڪ ڏانهن ڪوبہ اک کڻي نہ ٿو سگهي. ٻاگهل ڀيڻ ڊپ جي ڪا ڳالهہ ڪانهي جو ڊپ اسان سکيائي نہ آهيون. مائرن اسان کي موت جون لوليون ڏنيون آهن ۽ موت اسان کان پناهہ گهرندو آهي. جنگ جو ميدان اسان جي سيج آهي. جنهن کي اسان پنهنجي رت سان سينگاريندا آهيون. ڀهرين اسين صلح جي ڪوشش ڪندا سين جو اسان جو ديس ، امن جو ديس آهي. پر جي ڪنهن ابتيءَ اک سان اسان جي ديس ڏانهن نهاريو تہ پوءِ اسين شهباز وانگر لامارو ڏيئي هن جو اکيون ڪڍي ڇڏيندا سين. جنگ ۽ ننگر جي شادي جي تياري ڪئي وڃي اسان جو ننگر يا موت سان لائون لهندو يا اسان جي ڏيءَ ڪوئل سان.

ڪوئل: جي هن سپيئي گهاءَ سيني ۾ کاڌا تہ بيشڪ هو منهنجي گهوٽ ٿيڻ جي لائق هو. ٻڌاءِ منهنجو گهوٽ موت جي سيج تي ڪيئن چڙهيو. ( دودو چنيسر – آغا سليم- ماهوار سهڻي اپريل مئي جون 1970ع صفحو نمبر 152).

اهڙي ريت سومرن جي قائم ڪيل روايت سنڌي ادب ۾ جدت ۽ ندرت پيدا ڪري ان کي نئين جان ۽ ولولو بخشيو آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جو اسان جي قومي ادب ۾ سومرن جو هر هڪ آئيڊيل ۽ سورمو آهي ۽ جيسين سنڌ آهي، تيسين سومرن جون هي قائم ڪيل روايتون اسان ۾ غيرت همت جوش جذبو ۽ حب الوطني جا ڳڻ پيدا ڪنديون رهنديون.